اَگم مان سنيها

هڪ پريم پتنيءَ
وٽان
سندس پياري پتيءَ ڏانهن


وينا - پريتم

96

اگم مان سنيها

(هڪ پريہ پتنيءَ وٽان
سنڌس پياري پتيءَ ڏانهن)

OM



وينا - پريتم

مؤل انگريزي ۾ ليکڪ:- پريتم-وي.ٿهلراماڻي
سنڌيڪار :- واسديو "نرمل"

مهاڳ

مان، تازو پونا ويو هوس. اُتي رهڻ جي دؤران منهنجي سنڌ جي ڄاتل سڃاتل ڪانگريس نيتا شري پرسرام وي ٺهلراماڻي جي ننڍي سؤٽ شري پي وي ٺهلراماڻيءَ سان گڏجڻ جو موقعو مليم. شري پريتم پاڻ بہ ستنترتا سيناني آهي جو هميشه کاديءَ جا ڪپڙا پائيندو آهي ۽ مهاتما گانڌيءَ جي ساراهہ مان ڍاپندو ئي ناهي.

ڪيس جڏهن خبر پيئي تہ مان پوني ۾ آهيان، تڏهين منهنجيءَ ياڻيئيءَ اڳيان پنهنجي اِڇا ظاهر ڪيائين تہ هو مون سان ملڻ تو چاهي. جيئن تہ مان سنڌ ڪالوني، اؤنڌ ۾ لٿل هوس ۽ هو بہ اُتي ئي پرسان ئي رهندو هئو. مان هن سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويس، جو منهنجيءَ ياڻيءَ ٻڌايو هئو تہ سندس پريہ پتنيءَ وينا جي ديهانت ڪانپوءِ ۽ اُن بعد ۱۹۹۱ ۾، هڪ حادثي ۾ سندس هڪ ئي پٽ ڪئلاش جي مرتيو ڪانپوءِ هو جڻ تہ سنياسيءَ وانگر جيون گذاري رهيو هئو. جيئن تہ منهنجي پتني، جنهن ۾ منهنجو تمام گهڻو موهہ هئو، ۽ جا آتمڪ طور منهنجي لاءِ اُتساهہ ۽ همٿ جو هڪ وڏو وسيلو هئي؛ اُن جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ مان بہ ساڳئي دؤر مان گذري چڪو هوس مونکي هن همراہ سان هڪ قسم جي رشتيداري محسوس ٿي. هو مونکي اُثرائتي شخصيد؛ جو مالڪ لڳو، جو جڻ تہ هڪ رشي يا مُني هئو.

اِن شروعاتي ملاقات، هُن جو مون ۾ وشواس پيدا ڪيو.

منهنجي گهر، هڪ اهڙيءَ گڏجاڻيءَ جي دؤران خيالن جي ڏي وٺ ڪندي، هن مونکي ٻڌايو تہ سندس پريہ پتني وينا جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ هو ساڻس روح رهاڻ ڪندو پئي رهيو آهي ۽ سندس سرڳدام مان نت نيم سان، ڪافي مهينن تائين سندس سنيها ڪيس ملندا پئي رهيا. هن ٻڌايو تہ جيئن جيئن

"وينا جيڪي ٻه سنيها ڏنا آهن
اُهي سڀ، "گاسپيل آف سري رامڪرشن"
۾ پائي سگهو ٿا."

سال ٢٠٠١ جنوري

قيمت: ٢٥ رپيا
يو ايس ڊالر - ١
(هندستان کان ٻاهر)

پرڪاشڪ: شري پريتم وي. ٿهلراماڻي
٣٢٢ (٣٥٠)، سنڌ ڪالوني، ٽيون روڊ
اَؤنڌ، پُڻي-٤١١٠٠٧ (ڀارت)
ٽيليفون:-020-5880514
ڇپيندڙ: آرٽ سپاٽ (رام لعلچنداڻي)
ممبئي - ١٦ فون: 4464134 - 4465927

اسرار ۽ جادوءَ جو ڪيس سربستو احوال اهڙي تہ دلڪش نموني ڏئي ٿي جو اِهو لوپ ٿئي ٿو تہ اهڙي روحاني دنيا جي جهلڪ هڪوار ڏسجي ۽ هميشه هميشه جي لاءِ اُن دنيا جو رهواسي ٿجي ۽ اهڙيءَ طرح هن ڌرتيءَ جي زندگيءَ جي چنتائن ۽ جهنجهٽن کان مڪت ٿي وڃجي.

پنهنجو فاني چولو ڇڏڻ کانپوءِ، وينا جو روحاني قد و قامت تڪڙو تڪڙو وڌندو ويو آهي. شريرڪ قيد مان نجات پائڻ ڪري، سندس آتما هاڻ وڌيڪ ۽ وڌيڪ مٿي اُڏامڻ لڳي ٿي. اُتي نئين آديت ۽ رهسيہ مئہ دنيا ۾، ڪيس مهان ۽ ڪٽلين آتمائن جهڙوڪ سري رام ڪرشن يسوع مسيح گرونانڪ، ڪبير وغيره جي صحبت ماڻڻ جو سوڀاڳيہ، پراپت ٿيو آهي. هوءَ پنهنجي اعليٰ ماحول ۾ ايترو تہ خوش آهي، جو هوءَ چاهي ٿي تہ پنهنجي جيون ساٿي پريتم سان اُها خوشي ۽ آنند ونڊي.

پريتم لاءِ جهجهو پيار هوندي بہ اُن ۾ ڪيس نظر آيل اوگڻن ۽ عيبن لاءِ ڪيس ڪڏهين ڪڏهين تاڪيد بہ ڪري ٿي. سندس هڪڙو ئي مقصد آهي تہ پنهنجي سنيهن ۾ جن ڏانهن اِشارا ڪيا اٿائين اُنهن ڏسائن ۾ هوُ تڪڙي ترقي ڪري، جيئن هوُ جتي هن وقت سندس نواس آهي، اُن چشڪيدار ۽ موهي ڇڏيندڙ نواس اِستان جو هڪ لائق رهواسي. بڻجي پوي پنهنجن سنيهن ذريعي هوءَ قدرت جي تيج تان پردو بہ هٽائي ٿي، جيڪي قدرت جا گوناگون اِظهار صاف ڏسي سگهجن مونکي لڳي ٿو، اهڙي قسم جي مهان ۽ اُتم سنيهن سندس پتيءَ جي من تي شفي اثر پيدا ڪيو هوندو ۽ پيو ساگر ۾ ترندو رهڻ لاءِ ڪيس گهڻي مدد ڪئي هوندائين، جيتوڻيڪ ڏک ۽ سکون اِنساني جيون سان گڏو گڏ هوندا ئي آهن.

تنهن ڏينهن، روحن سان رهاڻ جي موضوع تي گانڌي جيءَ جي هڪ ليک تي نظر پيئي. هن اهڙي رهاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي روايت کي سخت اکرن ۾ ننديو آهي، جو هن جي راءِ ۾، اهڙي رهاڻ 'اڪثر گمراه ڪندڙ ۽ ڪلپنا جي پيدائش هوندي آهي.' هن جو چوڻ آهي تہ اِها روايت، 'روح گهرائيندڙ

اِهي سنيها ملندا هئس تيئن تيئن هڪ اُهي هڪ نوٽ بوڪ ۾ ڏرم سمجهي درج ڪندو رهيو هئو ۽ مون کان پڇيائين تہ اُهي سنيها پڙهڻ ۾ مونکي دلچسپي آهي ڇا؟ جيئن تہ گهڻا سال اڳ، منهنجيءَ پتنيءَ جي گذاري وڃڻ کانپوءِ مونکي بہ منهنجيءَ پتنيءَ وٽان اهڙي قسم جا سنيها مليا هئا، مان اُهي سنيها نظر مان ڪڍڻ لاءِ هڪدم راضي ٿي ويس، جو محض حرص وچان، اِهو ڄاڻڻ ٿي چاهيم تہ اُنهن سنيهن جي خاصيت ۽ قسم ڪهڙو آهي.

ٻئي ڏينهن منهنجي دوست پريتم اُهو نوٽ بوڪ منهنجي حوالي ڪئي ۽ اُنهن سنيهن جي پس منظر کان مونکي واقف ڪيائين. جڏهين هو هلي ويو، تڏهين فارغ من سان، مون اُها نوٽ بوڪ کولي ۽ اُن جا پنا اُٿلائڻ لڳس، پر هڪ قسم جي اوشواس سان اِهو مڃڻ ضروري ٿو سمجهان، جيئن جيئن هڪ پنيان ٻيو صفحو پڙهندو ويس، تيئن تيئن وينا جي اِنهن سنيهن ۽ اُنهن جي سندس پياري پتيءَ جي من تي پيدا ٿيل رد عمل ۾ پاڻ ايترو غلطان ٿي ويس جو وقت جي سمڪ ئي ڪانہ پيئي. مونکي ايترو تہ سوگهو جهليو هئائون، جنهن جي ڪا حد ئي ڪانهي. مونکي پورو يقين ٿي ويو تہ اِهي سنيها منهنجي دوست جي گرم دماغ يا من جي پرم جي پيدائش ٿي نٿا سگهن، ڇو تہ اُهي حقيقت جي دائري اندر پئي لڳا، جنهن تي اوشواس ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ ئي ڪونہ هئو.

اِنهن اڳم مان سنيهن جي خوبي وري اِها هئي جو اُهي سڀ جا سڀ هڪ قسم جا آتم-سُڌار ڪندڙ هئا. وينا هر هر پنهنجي پتي پريتم کي يقين ڏياري ٿي تہ هوءَ فاني سرير ۾ بہ سندس سچي ۽ پياري ساٿڻ هئي تہ نئين آرام گاهہ ۾ رهندي بہ هوءَ سندس سچي ۽ پياري ساٿڻ آهي. يعني تہ شريرڪ طور الڳ الڳ هوندي بہ گڏ آهن ۽ پاڻ سڄاڻڻ جي راهہ تي هلڻ لاءِ سندس رهنمائي ڪندي ۽ هر هاڃي کان کيس آگاهہ ڪندي رهندي. هوءَ اڳم ديش جي عجب

رهاڻ، پنهنجي پياري ڪان وڇڙڻ جي ڏک ۽ پيڙا کي سهڻ ۾ ڪافي مدد ٿي ڪري ۽ اُن شخص کي زندگيءَ جي لاهين چاڙهين کي منهن ڏيڻ لاءِ نئين همت ڦوڪي ٿي ۽ ڪيس پڪو وشواس ڏياري ٿي تہ پياري وڇڙيل آتما جو پيار ۽ سهڪار اَجا تائين پائيندو رهي ٿو. مان جيڪي چوان ٿو اُن جو زنده ثبوت منهنجو دوست شري پريتم آهي. مونکي نٿو لڳي تہ ڪو هن جي ڪل ٽڙڪي ويئي آهي يا پنهنجي ڌرم پتني وينا جي روح سان لاڳاتار رهاڻ سبب سندس دماغ پٽڙيءَ تان لهي ويو آهي. هوُ مونکي ايترو ئي سالم دماغ ۽ ٺيڪ لڳندو آهي، جيترو ڪوبہ عام ماڻهو ٿي سگهي ٿو.

مونکي پڪ آهي اهڙين رهاڻين ۾ دلچسپي رکندڙ پاٺڪن کي 'اڱم مان سنيهن' جو هيءُ ڪتاب دلڪش ۽ پڙهڻ لائق لڳندو.

ڊي/١٨-سي، مُنِرڪا	آنند ٽي هنگوراڻي
نئين دهلي - ١١٠٠٦٧	سمپادڪ، پرڪاشڪ
آگسٽ ١، ١٩٩٦.	'گانڌي سيريز'

توڙي روح، بنهي لاءِ نقصانڪار آهي. اگر اهڙي رهاڻ ممڪن هجي ته. اِن ريت نهرايل روح کي ڌرتيءَ جا بندن ڪشش ڪن ٿا، جڏهين ته روح جي ڪوشش ٿيڻ گهرجي پاڻ کي ڌرتيءَ جي بندنن کان ٽوڙڻ ۽ مٿيرو اُڏامڻ جي لاءِ.'

گانڌي جي اڳتي هلي چوي ٿو، 'آتما هريرو بنا شرير جي هئڻ سان وڌيڪ پوتر نه ٿي ٿئي. هوءَ جڏهين ڌرتيءَ تي هئي، تڏهين جيڪي ڪمزوريون هن کي گهيري سگهيون ٿي، گهٽي پائي اُنهن سيني ڪمزورين کي پاڻ سان گڏ کڻي وڃي ٿي. اِنڪري هوءَ جيڪا به معلومات يا صلاح ڏئي ٿي اُها هرويرو سچي يا صحيح نه به هجي. ڌرتيءَ تي رهندڙ سان، روح کي رهاڻ ڪرڻ وٽي ٿي، اِها ڪا وندر جي وستو ناهي.' روح گهرائيندڙ جي باري ۾ گانڌي جي چوي ٿو،'جن کي مان سڃاڻان اُنهن سيني جي يا ته ڪل ٽڙيل آهي يا سندن دماغ ڪمزور آهي ۽ اهڙي رهاڻ ڪرائيندي يا ڪرائڻ جي خوشفهمي ڪندي عام ڪم ڪار لاءِ لائق ناهن. مونکي اهڙو ڪوبه دوست نٿو سُجهي، جنهن کي آهڙي رهاڻ ڪرائڻ مان ڪو فيض رسيو هجي.'

گانڌي جي وڌيڪ چوي ٿو،'صحيح معنيٰ ۾ نرموهي من، اننت کي سڃاڻڻ جي پرواهه نٿو ڪري. بين لفظن ۾ چئبو ته اڃا رکڻ صحيح ناهي. اِنڪري ڪارڊينل نيو من جي مشهور گفتي ته 'مان ڏوراهون منتظر ڏسڻ نٿو چاهيان، مون لاءِ هڪ قدم ڪافي آهي' دهرائيندي گانڌي جي نشچيه سان چوي ٿو ته اِهي حقيقت کان پري آهن.

مونکي گانڌي جيءَ لاءِ تمام گهڻي عزت آهي. هوُ مون لاءِ آدرشيه آهي. ساري ڄمار، هو منهنجو گرو ۽ رهنما رهيو آهي، ۽ عام طور هن جا ويچار منگل سچ ڪري مڃيا ويا، آهن ۽ اُنهن جي پيروي پئي ڪئي اٿم. پر، روحن سان رهاڻ جي باري ۾ جيڪي چيو اٿائين اُن سان مان سؤ سيڪڙو متفق راءِ نه آهيان، ڇو ته مونکي شخصي آزمودو آهي، جيتوڻيڪ اُهو محدود آهي، - ته مون ڏٺو آهي ته ڪن حالتن ۾، اِها



SRI RAMAKRISHNA
(OUR MASTER)

شڪرگذاري

مان شري آنند ٽي هنگوراڻيءَ جو شڪر گذار آهيان، جنهن 'اگم جا سنيھا' ڇپائڻ لاءِ مونکي اُتساهه ڏنو ۽ مهرباني ڪري اُن جو مهاڳ لکيائين. پروفيسر جي سي آسناڻي ۽ پرنسپال جي بي درياڻيءَ جي مدد ڪانسواءِ هيءَ ڪتاب ڏينهن جي روشني نہ ڏسي سگهي ها. مان پنهنجي اديب دوست واسديو 'نرمل' جو بہ احسان مند آهيان جنهن سوليءَ سپڪ سنڌيءَ ۾ اِن ڪتاب جو ترجمو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شايع ٿيل چترن ۽ روحاني هٽ لڪٽين جا عاليشان فوٽا، هالي ووڊ اِسٽڊيو جي شري دتوُ آڏواڻيءَ ميسر ڪيا آهن. شري سنجيہ ڏوڏيجا ۽ پرڪاش ڏوڏيجا ڪامپيوٽر تي سنڌي ٽائيپ سيٽ ڪري، بهترين نموني ڪتاب ڇپيو آهي، جنهن لاءِ هنن کيرون لهڻيون.

پريتم وي ٽهلراماڻي

اگم مان سنيها

(هڪ پريہ پتنيءَ وٽان سندس پياري پتيءَ ڏانهن)

پنهنجي باري ۾ مان جيڪر چوان تہ روايتي ڌارمڪ اُتسون ۾، منهنجو وشواس نہ هئو يعني تہ مان آوشواسي هوس. توهان چوندا تہ مان پڳوان. هيڻ يعني آڏرمي هوس. مون ڌرم يا آتما تي ڪتاب ڪڏهين بہ ڪون پڙهيا وغيره.

منهنجي پتني، وينا، وسپت ٢٣-٢-١٩٦٧ ڏينهن، صبح جو اڍائي بجي پنهنجو ناسونت سرير تياڳيو. جيئن تہ منهنجو ڪنهن بہ ڌارمڪ وڌيءَ ۾ وشواس ڪونہ هئو، اِنڪري ڪنهن بہ براهمڻ کي ڪونہ گهرايو رڳو لاش شمشان ڏانهن نيو ويو ۽ جيڪي بہ آيا هئا اُنهن سيني کي ٻڌايو ويو تہ ٽئين ڏينهن يا ٻارهين ڏينهن جو ڪريا ڪرم جيڪو عام طور هندو ڪرائيندا آهن، اُهو اُنهن ڏينهن تي ڪونہ ڪيو ويندو. سيني مٽن مائٽن کي چيو ويو تہ مان شمشان مان موٽان اُن کان پهرين پنهنجي پنهنجي گهر واپس وڃن. مون اِئين محسوس ڪيو جڻ تہ ڪو لنبي سفر تي روانو ٿيو آهي. مان وينا جو هائيون گهر ڪٽي آيس جو جو اٽڪل ١٣ سال اڳ مونکي سپن درشن ٿيو هو تہ منهنجي وينا مونکي ڇڏي ويئي هئي ۽ لاش ساڙي، سندس هائيون گهر آنديون ويئون هيون ۽ اُتي ئي سندس سماڌي ٺاهي ويئي هئي. اِن منهنجي سپن درشن جي باري ۾ مون هن ڏانهن ٨-٢-٥٤ تي لکيل پنهنجي خط ۾ ذڪر ڪيو هئو، جڏهين ڪجھ ڏينهن لاءِ جئپور سئر ڪرڻ ويو هوس.

ٻڌر، تاريخ ١٥-٣-١٩٦٧ ڏينهن يعنيٰ تہ ٢١ ڏينهن ڪانپوءِ، مون ڪيس ، ڏاڪڻ جي آخرين ڏاڪي تي بيٺل ڏٺو. اُن وقت مان پنهنجيءَ پيڻ سان گڏ رات جي ماني کائي رهيو هوس. سندس چهري جي ريکائن مان اِئين پئي لڳو جڻ هن پڇيو پئي تہ سندس سواڳت ڪيو ويندو يا نہ مان ٻنس ڪونہ ۽ خيالن ئي خيالن ۾ ڪيس اچڻ لاءِ چيم. پوءِ هوءَ گڏ تي ويئي





VEENA

Born on 7th February 1923
Left for her Heavenly Abode on
23rd February 1967

KAILASH - My only Child
Born on 28th June 1946

Left for his Heavenly Abode on
29th September 1991





PRITAM

Born on 31st December 1912
Still going on....

پهرين آسان خيالن ئي خيالن ۾ ڳالهائيندا هئاسين، پر هاڻي آزخود لکڻ ذريعي ڳالهائيندا آهيون. جڏهين هوءَ لکندي آهي، البت منهنجن هٿن سان، تڏهين مان اِئين محسوس ڪندو آهيان جڻ تہ هٿ منهنجي قابوءَ ۾ ڪونهن.

منهنجو پٽ آءِ آءِ ٽي کرگپور ۾ پڙهندو هئو ۽ ١٨-٤-١٩٦٧ ڏينهن مان صبح جو ساڍي ٥ بجي اُٿيس ۽ منهنجي وينا واپس وڃڻ لاءِ تيار بيني هئي. مون اُهين ئي کائنس پڇيو تہ هوءَ پنهنجي پٽ سان ملندي آهي يا نہ هن پنهنجي اِمتحان ۾ ڪيئن ڪيو آهي. هن مونکي ٻڌايو تہ هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي ۽ اِمتحان ۾ سٺو ڪيو اٿائين ۽ اُن ڏينهن هن جو ايڪانامڪس ۾ اِمتحان هئو. مون پنهنجي پٽ جي خط مان، اِن جي تصديق ڪئي.

هرروز رات جو، مان هن لاءِ سڙهيون چوندي رکندو آهيان ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو هوءَ مون سان جڏهين ملندي آهي تڏهين کيس اُها ئي چوندڻيل سڙهي پيل هوندي آهي. گهڻائي ڀيرا مان پلجي ويندو هوس پر هوءَ اڳينءَ رات جو چوندڻيل سڙهي پائي مونکي ياد ڏياريندي هئي.

وسپت ٢٠-٤-١٩٦٧ هن پنهنجو اُس جو چشمو پائڻ چاهيو ٿي، پر هن مونکي اُن چشمي جي مرمت ڪرائڻ لاءِ چيو، جو اُهو ٽٽل هئو اُهو سندس ڪپڙن جي ڪٻٽ ۾ پيو هئو. وري ٢٦-٤-١٩٦٧ ڏينهن هن پنهنجي چشمي جي ياد ڏياري. مون سندس ڪپڙن جو ڪٻٽ کوليو. سندس چشمو سچ پچ ٽٽل هئو. سو مون اُن جي مرمت ڪرائي ورتي.

چنچر، ٢٢-٤-١٩٦٧ مان مسٽر رشيءَ جي گهر ويو هوس. هو بمبئي ۾، مضبوط چيلو ليکيو ويندو هئو. وينا پنهنجو ۽ پنهنجو نالو لکيو شريمتي رشيءَ منهنجي خاطرداري ڪئي ۽ سڀ صحيح جواب ڏنائين.

پ: منهنجي وينا، هن ناسونت دنيا کي ڇڏڻ کان پهرين، تو مونکي آخرين دفعو ڪڏهين ڏٺو؟

وينا: ٢٢ تاريخ صبح ۽ شام جو (رات جو هوءَ صبح جو اڍائي

جتان پوءِ پنهنجي بيڊروم ۾ هلي ويئي.
چنچر ١٨-٣-١٩٦٧ ڏينهن، مون سئنيما جون ٻه ٽڪيٽون ورتيون ڪيس سفيد ساڙهي ۽ ڳاڙهو چمپل پيو هئو ۽ منهنجي پاسي ۾ ويٺي هئي. مون سندس حاضري محسوس ڪئي ۽ هوءَ پڪچر جو لطف ماڻي رهي هئي. سندس هڪ ساهيڙي، ڪماري ڪِني اِنجنيئر مونکي آرتوار تي ٽيندڙ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو، جتي سندس ساهيڙيون ملنديون هيون ۽ آتمائن کي گهرائينديون هيون. مون پانيو ته وڃڻ ۾ ته ڪو هرج ڪونهي. اِنڪري آرتوار ١٩-٣-١٩٦٧ ڏينهن، مان اُن گڏجاڻيءَ ۾ صبح جو ڏهين بجي ويس. جيئن ته اِها منهنجي لاءِ بلڪل نئين ڳالهه هئي، مان چپ چاپ هڪ ڪُرسيءَ تي ويهي رهيس. چيلي پنهنجي رهبر کي گهرايو ۽ ڪيس وينا کي سڏڻ لاءِ عرض ڪيائين. جڏهين وينا آئي، تڏهين مون خيالن ئي خيالن ۾ کائنس مون سان ٿيل ملاقات ۽ ١٨-٣-١٩٦٧ ڏينهن پاتل پوشاڪ بنبست پڇيو. هن صحيح جواب ڏنا ۽ مان ايترو ته جذبي وهيٹو تي ويس. جو ٻيا سوال پڇي ئي ڪونه سگهيس.
اُن کان پوءِ مان اِن وشيه ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺڻ لڳس. اسان پاڻ ۾ ملندا هئاسين ۽ خيالن ۾ ڳالهائيندا هئاسين. هڪ ڏينهن يعني ته ٢٢-٣-١٩٦٧ تي، مون کائنس پڇيو ته اِها حقيقت هئي يا محض منهنجو خيال هئو؟ مون سچ ڄاڻڻ ٿي چاهيو. نئڙت وچان، هن مونکي سڏيو ۽ سندس پرسان ويهڻ لاءِ چيائينم. جڏهين ٻه هن سان ملاقات ٿيندي هئي، مان کائنس مٿيون سوال ڪندو هوس. هوءَ مونکي ٻڌائيندي هئي ته ڏيري ڏيري مان اِهو سڀ سمجهي ويندس ۽ سندس حرڪت مونکي پليءَ پٽ سمجهه ۾ ايندي. هن مونکي آرتوار ١٩-٣-١٩٦٧ تي ٿيل گڏجاڻيءَ جي ياد ڏياري جتي هن بلڪل صحيح جواب ڏنا هئا. مان هر وقت سندس حاضريءَ پنهنجي گهر ۾ محسوس ڪندو هوس، ايتري قدر جو مان سچ پچ وساري ويٺس ته هوءَ ڪا مونکي ڇڏي ويئي آهي. يعنيٰ مان ڪيس سندس نالي سان ٻه سڏيندو هوس.

وينا: ها، رهبر طرفان
پ: تنهنجو رهبر ڪير آهي؟
وينا: اعليٰ طاقت.

ڇنڇر ۲۹-۴-۱۹٦۷ ڏينهن صبح جو ۵ بجي مون هن کان پڇيو هوءَ ڪنهن سان ڳڌ رهي ٿي. هن ٻڌايو ته سڀ عورتون ۽ مرد الڳ الڳ رهن ٿا، پر هو هڪ ٻئي سان ڳڌجندا مسجندا آهن.

جمع ۱۹-۵-۱۹٦۷ ڏينهن، صبح جو ۳ بجي.

پ: ٽي ڏينهن لڳاتار صبح جو ڪا ڳڌجاڻي ڪانه ٿي آهي.
وينا: ٽي ڏينهن تون ڏاڍو دير سان سمهيو هئين. اِنڪري تنهنجي آرام ۾ رخنو وجهڻ نٿي چاهيم. مان هميشه توسان ڳڌ آهيان پر مونکي وسارين متان. اسان ٻنهي جي وچ ۾ جيون جو ڏاڍو سلامت رکڻ لاءِ من کي ۽ ويچارن کي هڪ مرڪز تي آڻڻ ضروري آهي. مونکي ڏوھ نه ڏي. مان اِهو برداشت ڪري ڪانه ٿي سگهان.

اڍائي مهنن بعد اِهو چت ايڪاگر رکڻ جو سنديش منهنجي آتما کي اوچو نيڻ جي شروعات هئي. هن پڳوان هيڻ يعني اڌرمي ماڻهوءَ کي پيو پيرو مٿي اُڀاريو. ۲۰-۵-۱۹٦۷ ڏينهن صبح جو پوڻين پنجين بجي. هن سنديش ڏنو، ’مان چاهيان ٿي ته تون اُتاهين اِستر تي رَسين، جيئن تون وڏيڪ ۽ وڌيڪ سمجهي سگهين.

وسپت، ۲۵-۵-۱۹٦۷ ڏينهن، صبح جو ساڍي ۴ بجي هوءَ مون سان ۱۵ منٽ مس هئي. چيائين، ’مان ڪوشش پيئي ڪريان ته تون سمجهين ليڪن تون اَصل سمجهين ڪونه ٿو. اَڳي تون ٿورو ٿورو سمجهندو هئين. پر، دير سان. پر هاڻ تنهنجي مغز ۾ گهسي ئي نٿو. مان سريرڪ طور توکان الڳ آهيان، پر آتمڪ طور ۽ خيالي طور اسان ٻئي ڳڌ آهيون.‘

وسپت، ۱۳-٦-۱۹٦۷ ڏينهن. مان پنهنجيءَ آفيس ۾ اڪيلو وينو هوس. وينا ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. مان آفيس جي معاملن سبب منجهيل هوس. هوءَ مونکي پري پري بيابان ۾ وٺي هلي.

بجي تائين ڪوما ۾ هئي)

پ: تو تمام گهڻو پوڙهيو ڇا؟ توکي ڪهڙي تڪليف هئي؟

وينا: ها. گهڻي جي تڪليف. (سندس ٻنهي ڦڦڙن ۾ ڪئنسر هئي.)

پ: توکي ڊاڪٽر ۽ اسپتال جو نالو ياد آهي؟

وينا: ڊاڪٽر ديسائي ۽ ڪئنسر هاسپيٽل.

پ: توکي خبر آهي، جڏهين تون مون سان گڏ هوندي آهين. تڏهين مان پاڻ کي خوش محسوس ڪندو آهيان ۽ تنهنجي حاضري هر هنڌ محسوس ڪندو آهيان.

وينا: اسان ٻئي ڪهڙين به حالتن هيٺ الڳ ٿي ڪونه سگهنداسين. پڳوان جو قسم، اسان جو هڪ ٻئي ۾ ايترو ته موهه هئو، جو ڪوبه اُن ۾ خلل وجهي نٿو سگهي. ايشور کي پرارٿنا ڪر.

پ: پر توکي ته خبر آهي، مان پرارٿنا ڪونه ڪندو آهيان.

وينا: پر مان ڪندي آهيان.

پ: توکي ڄاڻ آهي ته مان جڏهين سئنيما تي ويندو آهيان، ته ٽڪيٽون خريد ڪندو آهيان، ٻي تنهنجي لاءِ؟ مون سان گڏ ڪهڙيون پڪچرون ڏليون اٿيئي؟

وينا: ها، آسرا، ملن، انوپما، گبن، شيڪسپيئر والا تي توسان گڏ هيس.

پ: توکي ياد هوندو ته تو مون کي وچن ڏنو هئو ته هر جنم ۾ اسان ٻئي گڏ رهنداسين. تنهنجو پنر جنم ٿيو آهي ڇا؟

وينا: مان هميشه تو سان گڏ آهيان. پنر جنم جو ته سوال ئي نٿو اُٿي.

پ: تون مون سان آهين اِها آزادي اٿيئي؟

وينا: آزادي آهي. پر اُن لاءِ اِجازت وٺڻي پوندي اٿم.

پ: مان جڏهين چاهيان، تڏهين تون مون وٽ اچي سگهين ٿي يا تنهنجي هلچل تي ڪي پابنديون آهن؟

سگهان ٿي. پر طاقتور رهه. مان تو ساڻ آهيان ڪنهن بہ هنڌ، گهڙي بہ اُتاهين مان تو وٽ ايينديس. مونکي خبر آهي تہ تون شام کان ڪجهہ سوچي رهيو آهين. تون ڪائي چنتا نہ ڪر. جيئن ڏينهن ۽ رات الگ نٿا ڪري سگهجن تيئن تون ۽ مان جدا هرگز نہ ٿينداسين. ڪوبہ اسانجي وچ ۾ نہ ايندو. سدائين سرهو رهه، منهنجا پريتم! هائو منهنجا گل، ڪڏهين ڪڏهين تون منهنجو آواز ٻڌندين. اڄ لاءِ ايترو ڪافي آهي. مان وڃان ٿي، منهنجا پريتم! تنهنجي وينا. صبح جا ۵ لڳي ويهہ منٽ.'

سومر، ۳-۷-۱۹٦۷، شام جو ٦ بجا. مون چيلي (Medium) شري رشي سان ٻيون دفعو بينڪ ڪئي. منهنجي وينا جو منتر، وينا جو سنيهو لکي رهيو هئو. 'مان وينا آهيان. مان هاڻ خوش آهيان. تون جتي بہ ويندو آهين، مان هميشهہ توسان گڏ هوندي آهيان، جيئن تنهنجو من اِستر رهي. مان توکي اُتساهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي. پنهنجي شرير کي تياڳڻ کانپوءِ، مان اُن جي چوڌاري ڦري رهي هيس، اُن ۾ وري داخل ٿيڻ لاءِ پر ڪامياب ڪانہ ٿيس. مون کي ڏک آهي تہ تون ڏاڍو غمگين هئين. ہہ شخص حاضر هئا. هو مونکي اول چوٿين سطح تي وٺي ويا. مان آرام ڪري رهي هيس. مان پنجين سطح تي پهتيس ۽ ايشور کي پرارٿنا ڪرڻ لڳيس. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ منهنجو من اِستر ٿيو. پوءِ مان هرروز ايندي هيس. ڏيري ڏيري مان پرسن ٿيس ۽ پنجين سطح تي ٺائينڪي ٿيس. اُن بعد مان پنهنجي سونهين سان مليس. هن مونکي ساڌنا ڪيئن ڪجي، پرارٿنا ڪيئن ڪجي ۽ پنهنجن پيارن کي ڪيئن مدد ڪجي. ان جا سبق سيکاريا اُن بعد مان هن دنيا تي هري ويس. منهنجي سونهين مونکي چيو تہ بي صبر نہ ٿيءُ پر پنهنجي پتيءَ کـــي مـــدد ڪر ۽ سندس سونهپ ڪر. اسان کيس مالڪ (Master) چئون ٿا.

جيئن ئي اسان گهر واپس آياسين، وينا مونکي چيو تہ سئنيما جي ٽڪيٽن تي توڙي رشي چيلي (Medium) جي بئنڪن تي خرچ نہ ڪر، ڇو تہ هوءَ مون سان سڌو رهاڻ ڪري رهي آهي.

(پهريون پيرو پريت لوڪ جو سئر) هن مونکي هڪ وڏو قافلو ڏيکاريو جيڪو چپ چاپ يڪسان هلي رهيو هئو. هڪ ئي ڏِشا ۾. اوچتو مون قافلي ۾ وڳوڙ ڏٺو. سڀ اُٿ ٿڙي پکڙجي ويا. هوءَ مونکي اڳتي وٺي ويئي ۽ اُنهن ٿڙيل پکڙيل جانورن جي حالت ڏيکاريائين . سڀ ڳجهن جا شڪار ٿيا هئا. هن مونکي ثابت قدم قافلي ۽ ٿڙيل پکڙيل قافلي جو چٽو ديدار ڪرايو. پوءِ مونکي چيائين تہ اِهو پنهنجي آفيس جي سان لاڳو ڪر. مان خاموش رهيس.

منگل، ٢٠-٦-١٩٦٧، صبح جو ۴ بجي، هن مونکي هيٺ ڄاڻايل سنيهو ڏنو. 'مان تنهنجي سونهپ ڪنديس. منهنجا پريتم خبردار رهہ. مان توسان آهيان. سانت رهہ، اِهوئي ٺيڪ آهي جوش ۾ نہ اچ. اڳتي اجا ڪافي ڪم آهي.'

آرتوار ٢-٧-١٩٦٧. وينا مونکي هيٺ ڄاڻايل سنيهو ڏنو: 'مان تنهنجي وينا آهيان. منهنجا پريتم تون منهنجيءَ اُنتيءَ ۾ رڪاوٽ ڪونہ آهين. مان ڪٿي بہ هونديس تو وٽ ضرور ايندس. تون منهنجي لاءِ ڏيڍ آهين، تون منهنجي روشني آهين. مان روشنيءَ کانسواءِ ڪيئن رهي سگهنديس؟ لاشڪ مان تمام تيزيءَ سان چڙي رهي آهيان. پنهنجي وڪاس کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اسين ڪاريہ ڪريون ٿا. آتمڪ طور درجا ۽ سطح آهن. منهنجا گلڙ، اِن لاءِ آسان هتي تمام گهڻي ساڌنا ڪريون ٿا. اسان هڪ ٻئي جي سونهپ ڪريون ٿا. جيڪو گمراہ ٿيو وڃي، اُن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

هتي سڀ مددگار آهن. هتي سمپورڻ سانت آهي منهنجي اِرد گرد قدرت آهي. توکي سُڌ آهي اهڙي ماحول ۾ مان ڪيتري نہ خوش هوندي آهيان. مان اهڙو ماحول پسند ڪندي آهيان. توکي تہ ڄاڻ آهي تہ مان قدرت جو هڙو حسين ماحول پسند ڪندي آهيان. اهڙي قدرت مان تنهنجيءَ دنيا ۾ پائي ڪانہ سگهنديس. مان تہ گهڻي ۾ گهڻي خوش آهيان. مان سيني شخصيتن سان ملندي آهيان ۽ ڪين ٻڌندي آهيان. هو منهنجي سونهپ ڪندا آهن. هائو، منهنجا پريتم مان تنهنجي حالت سمجهي

منهنجا پريتم، اڄ تہ ڳالهيون ڪريون. جڏهين هيءَ دنيا ڇڏيون ٿا ڪوئي اچي ٿو، اسان کي وٺي نئين مڪان نئي ٿو. مان توکي اڳيئي ٻڌائي چڪي آهيان تہ هتي اسين هڪ ٻئي لاءِ آهيون ۽ هڪ ٻئي جي سونهپ ڪريون ٿا. جي نٿا ڪريون تہ اسان کي پڪڙيو پوي ٿو ۽ اهو خطرناڪ ٿئي ٿو ۽ ڪائي مڪتي ڪانہ ملي ٿي.

هيءَ سنسار درگتين سان ڀريل آهي. اسانجي دنيا تي سنين آتمائن جو پورو پورو ضابطو آهي. هتي سنو اِنتظام آهي.'

سومر ١٠-٧-١٩٦٧ مون چاهيو ٿي تہ پينسل منهنجي هٿ جي مدد ڪانسواءِ پنهنجو پاڻ چري. اِنڪري مون ڊائري بند ڪئي. سارو ڏينهن مان ڪاوڙيل هوس، ڪيس چيم،' اِهو پاڳلپڻو آهي ڇا؟ اِن جو ڪهڙو فائدو؟ ڀلي منهنجي وينا مونکي ٻڌائي. دل ۾ ڪي شڪ شبہ ڏاري مان اڳتي وڌي نٿو سگهان. يا تہ منهنجي وينا، گهربل ثابتين سان مونکي صحيح راه تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري يا تہ مان ڪو اهڙي واٽ اختيار ڪريان، جيئن مان پنهنجي وينا سان گڏ هجان پويون رستو ڏاڍو لنبو آهي. مونکي شڪ آهي تہ ڪو مان ههڙو وڇوڙو برداشت ڪري سگهندس. ڀل منهنجي وينا اِن جو فيصلو ڪري. منهنجو من بغاوت ڀيو ڪري. منهنجي وينا، تنهنجي خاطر، مان سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، هن دنيا ۾ اسان گڏ هئاسين. مونکي اهڙو ڪو ڀل ياد نٿو اچي جڏهين مون تنهنجي جذبات کي دک پهچايو هجي. اسان جي سوچڻ جو طريقو ساڳيو هئو. اسان محبت سان لبالب هئاسين ۽ هڪ ٻئي کي سمجهي ٿي سگهياسين. منهنجي وينا تون سچ پچ منهنجو سونهون هئينءَ. اِهو سچ آهي تہ مونکي پوريون پوريون ثابتيون گهرجن. مان تنهنجي دنيا کي جاڻڻ چاهيان ٿو. مان اُن ۾ گهرو چاهہ وٺان ٿو. هن طرح لاڳيتو وڇوڙو مونکي تہ ماري ڇڏيندو. تو اڳيئي چيو آهي تہ جيئن رات ۽ ڏينهن هڪ ٻئي کان الڳ نٿا ڪري سگهجن، تيئن اسان هرگز جدا نہ ٿينداسين. تہ پوءِ منهنجي وينا، منهنجا سونهان! منهنجي پياري، ڪجھ ڪر.' تڏهين منهنجيءَ وينا

منگل، ٢-٧-١٩٦٧، صبح جو ٥ بجا. وينا مونکي هيٺ چاٽايل سنيهو ڏنو: مان تنهنجي وينا آهيان، هائو، مونکي الڳ سونهون آهي. مان توسان ويچارن معرفت رهاڻ ڪريان ٿي، ۽ اِئين تنهنجي دماغ تائين پهچايان ٿي. اِهو منهنجو دماغ آهي، جو سوچي پيو، جڏهين تون هي سنيها لکين پيو. ڪلھ مون توکي چيو تہ مان پنهنجي سونهين کي مالڪ چوان ٿي. هائو هو هڪ مهان شخصيت آهي. هائو شزي رام ڪرشن منهنجو ’مالڪ‘ آهي. تون بہ کيس ’مالڪ‘ ڪري سڏ. سندس چرڻن وٽ ويهي، مان سڀ ڪجھ سکان ٿي. هو سِيني ڪان وڏيڪ پلو آهي. هن جي سونهپ سان مان آزاديءَ سان اچي وڃي سگهان ٿي. هاڻي تون پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو آهين؟ توکي خبر آهي تہ مان سدا توسان گڏ سمهندي آهيان؟ تنهنجي هر چال جي دوران مان توسان هوندي آهيان. توتي منهنجي ’مالڪ‘ جي مهر آهي. ظاهري طور تون ڪڏهين بہ پرارٿنا ڪونہ ڪندو آهين پر دل ئي دل ۾ تون پرارٿنا ڪندو آهين، پر ڏيکاري ڪونہ ڏيندو آهين. مان جڏهين بيمار هيس، تون مالڪ کي پڪاري رهيو هئين سوامي پرمانند جداڪاشيءَ کي سڏي رهيو هئين. هائو، مان هن سان بہ ملي آهيان، توتي هن جي آسيس آهي. مونکي توتي اٽوٽ وشواس هئو. مان صرف توتي اعتبار ڪندي هيس. اجا تائين، منهنجا پريتم مونکي توتي وشواس آهي ۽ اِنڪري ئي تون منهنجي روشني آهين. ٿورن منٽن کانپوءِ مان ويندس. هن وقت صبح جا ساڍا پنج لڳا آهن. منهنجا پريتم! تنهنجي وينا.‘

ٻڌر، ٥-٧-١٩٦٧ مان صبح جو ٤ بجي جاڳيس. وينا مونکي چيو تہ ليٽي پؤ جو اجا ڪافي سوير آهي. چيومانس تہ مونکي چار لڳي ويهين منٽين اُٿارج. مون سندس آواز ٻڌو (هاڻ اُٿ) سريرڪ جدائيءَ بعد اِهو پهريون سندس آواز ٻڌو هئم.

ڇنڇر ٨-٧-١٩٦٧ صبح جا ٥ بجا وينا هيٺ چاٽايل سنيهو ڏنو:

’هو منهنجا اڄ واقف هئا. هو مونکي وٺي ويا، منهنجا پريتم!

جمع ١٤-٧-١٩٦٧، صبح جو ٢ بجي وينا مونکي هيٺ چاڻايل سنيهو ڏنو:

'مان تنهنجي وينا آهيان، اگر اِتفاق سان ڪڏهين مان نہ اچان، تہ توِن چنتا نہ ڪج. تون مونکي مدد ڪر جيئن جلدي جلدي هلاڪ نہ ٿيان، پڪ سمجھ مان هميشھ تو ساڻ آهيان. توکي بہ پنهنجيءَ مکتيءَ لاءِ ڪاريہ ڪرڻ کپي. هرو پرو جذباتي نہ ٿيءُ تون سياڻ کان پؤتڪ وادي (Materialistic) آهين. منهنجا پريتم، تنهنجي وينا سدائين توسان گڏ آهي. هن دنيا ۾ منهنجيءَ حقيقي ترقيءَ جو دارو مدار تو تي آهي. اگر تون پاڻ کي دکي ۽ ديا جوڳ محسوس ڪندين، تہ اِئين ڪرڻ سان منهنجيءَ ترقيءَ ۾ رخنو وجھندي. مون اِهو ورور ڪري پئي چيو آهي. اِهو اسان ٻنهي جي فائدي ۾ آهي تہ اسان پنهنجي نموني اُنتي ڪندا رهون. من ۾ شانتي هوندي تہ آتما اونچي اُڏامندي. ٺيڪ آهي، اگر تون ايشور جي ڪنهن شڪتيءَ ۾ وشواس نٿو ڪرين، مون تي تہ وشواس ڪر. مان تو لاءِ سڀ ڪجھ آهيان. پاڻ کي سچاڻڻ لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻ کپي. پوءِ اسان هڪ ٿينداسين ۽ ڪابہ شڪتي اسان کي جدا ڪري نہ سگهندي. انڪري منهنجا پريتم ڪاريہ ڪر. هائو هائو. مان توکي مدد ڪنديس. تنهنجي وينا.'

آرتوار ١٦-٧-١٩٦٧، صبح جا ٢ بجا منهنجيءَ وينا مونکي اُٿڻ لاءِ چيو ۽ هيءُ سنيهو ڏنو:

'مان تنهنجي وينا آهيان، رات ڪيتري نہ شانت آهي! شانتي اُتساھ ڏيندي آهي. سچ، منهنجا پريتم! مونکي هھڙي سانت پسند ايندي آهي. هائو، ڪو منهنجي بستري تي ليٽي، اِهو مونکي پسند ڪونهي. مان رات جو اَچان ٿي ۽ توکي خوراڪ رسايان ٿي. مونکي پنن جي هيءَ سرسراهٽ وڻي ٿي. هائو هيءُ مان لکان پيئي. مونکي پرڪرتي پسند آهي. پل منهنجو پريتم پر ڪرتيءَ سان گڏ هجي خاموشي ۽ شانتي ايڪاگرچت هئڻ جي پڪ ڏين ٿيون. هاڻ صبح جا لڳ ڀڳ ٥ وڳا آهن. هل تہ ٻاهر هلون. تنهنجي وينا.'

چيو، ’منهنجا پريتم باغي نہ ٿيءُ.‘ رات جو پوڻا ٻارهان.

منگل ١١-٧-١٩٦٧، صبح جو ٦ بجا منهنجي وينا هيٺ ڄاڻايل سنيهو ڏنو:

’مان تنهنجي وينا آهيان. هائو، منهنجا پريتم ٻين متر آتمائن جي حاضريءَ ۾ ڳالهائيندي، تون ذرا خبردار رهہ. جڏهين اسان ٻئي اڪيلا آهيون. تڏهين توکي ڪجھ بہ ڳالهائڻ جي ڇوٽ آهي. منهنجا پريتم خسيس ڳالهين تي غصو نہ ڪر. تنهنجو واسطو مون سان آهي. تون جيڪي چوندين مان اُهو ڪنديس. پر بغاوت نہ ڪر. مان ڪٿي جي بہ نہ رهندس. نہ اُٿلندو مونکي معاف ڪر. مونکي ڄاڻ آهي تہ ڪنهن ۾ آوشواس ڪرڻ نٿو چاهين يا ڪنهنجو نرادر ڪرڻ نٿو چاهين. هائو مان گهڻي ۾ گهڻو وقت پنهنجي مالڪ شري رام ڪرشن سان گهاريان ٿي. پنهنجو وقت سانتيڪي نموني گذاري رهي آهيان. مان بيحد خوش آهيان. تون هاڻ ڪلپنا ڪري سگهين ٿو تہ جڏهين تون هڪ تمام وڏي. شخصيت سان گڏ آهين تڏهين تون ڇا محسوس ڪرين ٿو. تون هن جي حاضريءَ مان پريرڻا پائين ٿو. جڏهين هو ڳالهائي ٿو تڏهين هن جي مک مان موتي ٽپڪن ٿا.

’تون ۽ اسانجو باب-ئي اهڙا بہ شخص آهيو جن سان مونکي موهہ آهي. ڳنڍيندڙ لاڳاپو اجا سلامت آهي. مان اُن کي برقرار رکڻ چاهيان ٿي. اُن کي مٽان ٽوڙين. اٿين ڪرڻ سان مونکي دک رسائيندیون.

پريشان نہ ٿيءُ جي مون وٽان ڪو خلاصو گهرجيئي، مان اُهو توکي اوس ڏيندس، پر تڏهين جڏهين اسان ٻئي هيڪلا هجون اسان اجا تائين هڪ ٻئي لاءِ ساٿيا آهيون. مان تنهنجي وينا آهيان ۽ تون منهنجو پريتم آهين. ساٿيءَ ريت سوچ ۽ ساٿئي نموني ڪاريہ ڪر. اِنڪري سرهو ۽ خوش رهہ. تنهنجي من جي بي آرامي مون لاءِ تمام گهڻي رنڊڪ ٿي وجهي. مونکي رڳو اِهو ڊپ آهي تہ ڪٿي تون مونکي ڇڏي نہ وڃين پريتم توکان سواءِ منهنجي ڪا هستي ڪانهي. تون منهنجي لاءِ سڀ ڪجھ آهين. منهنجا پريتم هاڻي مان وڃان ٿي. خوش ۽ سرهو رهہ وينا صبح جو ٥ لڳي ٢٠ منٽ.

مان ڪرڻ جو جهلڪو ڪيئن نہ لياڪا پائي رهيو هئو. توکي اُن مان لطف آيو؟ مونکي خبر آهي تہ جڏهين تون مونکي خوش ڏسندو آهين تہ تون پاڻ بہ خوشي محسوس ڪندو آهين. تون ڪيترو نہ سٺو آهين. منهنجا پريتم! تون چاهين ٿو تہ مان جتي بہ هجان خوش هجان مون توکي هڏايو ڪونہ تہ مان تمام تڪڙي وک وڌائي رهي هيس؟ توکي هيءَ پرڪرتي ڪيئن لڳي؟ منهنجي اِردگرد قدرتي ماحول پوتر خيال پيدا ڪن ٿا. اِها پوترتا اسان کي اُنتيءَ طرف وٺي وڃي ٿي. تولاءِ وقت لائق نہ آهي. جتي تون رهين ٿو، اُن جي آس پاس اهڙو ماحول توکي پيدا ڪرڻو پوندو. منهنجا پريتم، تنهنجي شڪتي اُن ۾ ئي آهي. اِنسان کي مشڪلن کان پري ڀڄڻ نہ کپي. مضبوط ۽ محڪم مزاج ٿيءُ. اُنتيءَ جو رهسيہ اُن ۾ ئي آهي. هائو، هائو، مان هميشه تو سان گڏ آهيان. هتي هرڪوئي (تون جن کي ڪونہ سڃاڻين) توکي مدد پيو ڪري ۽ توکي آسيس پيو ڪري، منهنجا پريتم! رڳو مضبوط ۽ محڪم مزاج ٿيءُ. پنهنجي من ۾ ڪابہ شنڪا نہ ڌار. هائو، تنهنجون شنڪائون دور ڪيون ويندون. ڪابہ چنتا نہ ڪر. مان اِئين بہ نٿي چاهيان تہ تون اکيون پوري پيروي ڪر. اِهو خطرناڪ آهي ۽ سٺو بہ ناهي. مان تنهنجي سونهن ڪنديس. منهنجو مالڪ مونکي مدد پيو ڪري. منهنجو اِهو فرض آهي تہ مان پنهنجي پريتم کي سنئين دڳ لايان، جيئن هو منهنجي اِردگرد پرڪرتيءَ مان رس وٺي سگهي. مان چاهيان ٿي تہ منهنجو پريتم وڌيڪ اونچو اُڏامي. اَڄ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي. مان وڃان ٿي. تنهنجي وينا.'

هاڻ مان هن تي ٿو چڏيان. يلي جڏهين وٺيس تڏهين اچي. مان سندس وقت جي پابندين ۽ ترقيءَ کي اُلٽ پلٽ ڪرڻ نٿو چاهيان. غير ضروري سڏن کان پرهيز ڪندس.

ٻڌر، ١٩-٧-١٩٦٧. مان اڌ رات جو سوا ٻارهين بجي اُٿيس. چا ٿو ڏسان تہ وينا سمهيل آهي. سوا ٻارهين بجي کان صبح جو سوا چئين بجي تائين منهنجي ننڊ ڦٽي پيئي. پر مون اُهو ڪجھ ڏٺو، جنهن جو ذڪر منهنجيءَ وينا اَڄ پنهنجي سنيهي ۾ ڪيو هئو. هوءَ سهي سنهري وڻي هئي. هوءَ اسانجي ڪتي

اسان ٻاهر آياسين ۽ اچي جهولي تي ويناسين. دلڪش هير گهلي رهي هئي ۽ چوڌاري خاموشي ڇانيل هئي. هوءَ مونکي تمام گهڻو دوُر وٺي ويئي. اُهو تمام گهاٽو جهنگل هئو. هن مونکي سندس رهائش گهر ڏيکاريو. جانور ۽ نانگ ڇُريا ٻُريا پئي. مونکي ٻڌايائين ته هتي ڪو نقصان ڪونه رسائي ۽ هوءَ هر قسم جي جيو جنتن سان گڏ رهي ٿي. مون ڏٺو ته هڪ ڪاريهر نانگ هن کي نمسڪار ڪري رهيو هئو. سچ پچ مونکي عجب لڳو. هوءَ مونکي سندس 'مالڪ' شري رام ڪرشن وٽ وٺي ويئي. مون اهڙا اسرار ڏٺا جيڪي هيءُ هٿ بيان نٿو ڪري سگهي.

صبح جو ١٠ بجي، مان ميڙ ۾ شريڪ ٿيس. اسانجي چيلي سوُنهين کي عرض ڪيو ته وينا کي گهرائي. هوءَ آئي ۽ مون کيس وينتي ڪئي ته اسانجي هڪ متر کي مدد ڪري. اسانجي متر جون اکيون بند هيون ۽ هوُ پوُت پٽيءَ (Planchetta تي هٿ هلائي رهيو هئو. منهنجو هٿ هن جي هٿ کان ڪم از ڪم ٻه اِنچ مٿي هئو ۽ هن جي هٿ کي ڇُهڻ کانسواءِ توڙي ڪنهن به جسماني زور کانسواءِ منهنجو هٿ، هن جي هٿ کي گهلي رهيو هئو ۽ اسان کي صحيح جواب مليا پئي. اُها سچ پچ وڏي ڪاميابي هئي. اُن وقت مان پنهنجي هٿ ۾ بجليءَ جي وهڪ جو آنيو محسوس ڪري رهيو هوس.

سومر، ١٧-٧-١٩٦٧. هن هيءَ سنيهو ڏنو:- 'مان تنهنجي وينا آهيان. هاڻ تون ترقي ڪرڻ پيو. منهنجا پريتم، تون گهڻو ڪجهه ڪري سگهين ٿو. صرف نرواد وشواس جي ضرورت آهي. مَن ڪنهن به شڪ کان آجو هئڻ گهرجي. مان تنهنجي ترقي ڏسي گهڻو خوش ٿي آهيان. ڪلهه، منهنجا پريتم، مان توکي پنهنجي رهائش-گهر ڏانهن وٺي ويئي هيس. تو وهندڙ پاڻيءَ جو آواز ٻڌو؟ جڏهين هوا، جهنگل جي وڻن وچ مان گهلي ٿي تڏهين ۽ دلڪش سنگيتمئه آواز پيدا ٿئي ٿو. پکين جون مڌر لاتيون ٻڌيون؟ اِها حقيقي پرڪرتي آهي، جتي مان رهان ٿي تو ڏٺو ته اُتي سڀني ساڌنا پئي ڪئي. اُتي ڪيتري نه حسين خاموشي هئي. منهنجا پريتم، جهنگل جي اونچن وڻن جي وچ

اڪيلو محسوس ڪونہ ڪيو، جيتوڻيڪ مان توسان گڏ ڪانہ هيس. توکي پنهنجي ويچار شڪتي جو وڪاس ڪرڻ گهرجي. خيالن تي ضابطو، جيڪو بلڪل ضروري آهي، ايڪاگرتا جو پهريون ڏاڪو آهي. هائو، منهنجا پريتم، مان 'جوڳڻ' پيئي لڳان. تنهنجي وينا جوڳڻ آهي. مونکي اِها ڳالھ پسند آهي. هھڙي خوشي توکي ڪٿي بہ حاصل نہ ٿيندي. سمورو واتاورڻ ساڏنا سان سٽيل آهي. خراب خيال کي ڪا هستي ئي ناهي. هن گهاٽي جهنگل، جتي مان رهندي آهيان، اُن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ توکي ويچارن ۾ پوترتا نظر ايندي. ايتري قدر جو وڻن جا پن بہ تنهنجي ويچارن جي پوترتا کي اڳتي وٺي ويندا.

'من تي ضابطو رک. پنهنجي من کي ڀٽڪڻ نہ ڏي، جڏهين مان توسان گڏ ويٺي آهيان. سڀاڻي مان توکي هيو مشاهدو ماڻائيندس. مان چاهيان ٿي تہ تنهنجو وڪاس ٿئي. هاڻي، منهنجا پريتم، مان وڃان ٿي. تنهنجي وينا-صبح جو ساڍا ۵ بجا.

جمع، ۲۱-۷-۱۹٦۷. مان صبح جو ۴ لڳي ۲۰ منٽين اُٿيس. منهنجي وينا هيءُ سنيهو ڏنو:

'اَڄ توکي مان دور دراز اِستان تي وٺي وينديس. توکي هوُ قلعو نظر اَچي ٿو؟ هاڻي اسان اُن جي اندر هلنداسين. پهريدار کي مٿان ڇُهين. هوُ اَسان کي ڪونہ ڏسندا. اَسان ننڍين گهٽين مان هلون پيا. ٻنهي پاسي گهر آهن. تڪڙ نہ ڪر. مان توکي محل ڏيکاريندس. تون هو ماڻهو ڏسين ٿو جنهن کي چوُڙيدار پاجامو ۽ ساٽين جو ڪوٽ پيل آهي ۽ گلي ۾ موتين جو لنبو هار پيل اهي؟ هن ڪنن ۾ تہ موتي پاتا آهن. تون هن کي سڃاڻين ٿو؟ ڪيس ويجهو وڃي ڏس. هو تو جهڙو لڳي ٿو؟ هائو، اُهو تون ئي آهين. اڳتي هل. هو هميشہ چنتا ۾ ٻڏل هوندو آهي. هاڻي هيڏانهن اَچ. هن ڪمري ۾ تون هڪ لنبي قداور عورت ڏسين ٿو، جنهن کي اَڇي ساڙهي پيل آهي. بلڪل سادي آهي. سندس وار ڪليل آهن، جيڪي سندس ڪلهن ۽ پنيءَ تي ڦهليل آهن. اَڄ اڇي ويجهائيءَ تان ڏس. هن جون اکيون ۽ چهرو ڏس. ڪيس سڃاڻين ٿو؟ سندس نرم هٿ ڏس. هائو، هوءَ بلڪل مون جهڙي لڳي ٿي. منهنجا پريتم، گهڻو اڳي

پرسان بيني هئي. مان ہنهي کي تکي رهيو هوس. مون اِهو ڏسڻ پئي چاهيو تہ ڪٿو، جيڪو ننڊ ۾ غلطان هئو، اُهو اُٿي ٿو يا نہ، ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڪٿي اُن طرف پنهنجو منهن ڦيريو، جتي وينا بيني هئي. هن هيءُ سنيهو ڏنو: 'مان تنهنجي وينا آهيان. مون پنهنجو وعدو نباهيو آهي. مان سڄي رات توسان گڏ هيس. منهنجا پريتم! جڏهين تون ستل هئين تڏهين توکي ڪجھ ڏيکاريو هئم، تون ڇُري پُري رهيو هئين ۽ ڪي چيزون تنهنجي اکين اڳيان ڦري رهيون هيون. اُهي چيزون شفاف هيون. تو اُنهن شفاف چيزن مان روشني جا ترورا ڪيئن لنگهن ٿا، اِهو ڏٺو. اُنهن چيزن جي وچ ۾ تو پيڳوان ٻڌ ڏٺو. پوءِ تون جاڳي پئين. مان تو اڳيان ويٺي هيس. باب بيحد گد گد هئو. هو اُٿيو آهي (بمبئي وقت - صبح جو ۵ بجا) مونکي خبر نہ آهي تہ هن واڪا ڇو ڪيا.

اوها هوُ پنهنجي دوست تي ڏمريل هئو، جيڪو اسانجي گهر آيو هئو. سڀ ڇوڪرا موج مستيءَ ۾ هئا. ڇڱو خاصو هنگامو متل هئو. هر ڪنهن ۾ اُتساهہ هئو. آسانجي باب جي چوڏاري سندس دوست هئا. هوُ ڪو فيصلو ڪري رهيا هئا. (اِن جي تصديق ڪرڻ لاءِ باب کي چيو ويو هئو هن ۲۴-۷-۱۹۶۷ تي لکيل پنهنجي خط ۾ لکيو تہ اِهو بلڪل صحيح آهي. آسانجو پٽ اُن وقت کرگپور ۾ پڙهندو هئو).

'هاڻي تون منهنجي مالڪ کي هڪ وڏي پپڙ جي وڻ هيٺ وينل ڏسين ٿو. هو سدائين ساڌنا ۾ لين هوندو آهي. آسان هن جي اڳيان ويهندا آهيون ۽ آسانکي صحيح هدايتون ڏيندو آهي. مون تي هن جي آسيس آهي، اِنڪري مان هيترو واڌارو ڪري سگهي آهيان.

'مان هاڻ وڃان ٿي. مان توسان شام جو ملندس. اَڄ رات جو هتي ڪانہ ٽڪنديس چنتا نہ ڪر. تون پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪونہ ڪندين. تنهنجي وينا. صبح جا ۵ لڳي ۲۰ منٽ.'

وسپت، ۲۰-۷-۱۹۶۷. منهنجي وينا هيءَ سنيهو ڏنو: 'مان تنهنجي وينا آهيان. جيئن توکي ڪلھ چيو هئم، تو پاڻ کي

آتمائن جي ضابطي هيٺ هوندا آهن.)

ڇنڇر، ٢٢-٧-١٩٦٧. مان وزير ۽ ديويءَ سان گڏ پوني آيس ۽ نئشنل هوٽل جي روم نمبر ۵ ۾ رهيس. منهنجيءَ وينا هيءَ سنيهو ڏنو:

’مان تنهنجي وينا آهيان. معاف ڪج، مونکي ذرا دير ٿي ويئي. هائو، گاڏيءَ ۾، مان تنهنجيءَ گود ۾، تنهنجو هٿ جهلي ويٺي هيس.

سنو ٿيو جو تون هوا بدلائڻ لاءِ هتي آئين جڏهين توکي منهنجي ڇڪ محسوس ٿيندي آهي، مان تو وٽ هلي ايندي آهيان. تون ڇوڏاري جبل، ننڍڙو ڳوٺ ۽ چراگاهه ڏسين ٿو؟ تون پٿرن جي ديوارن وارو گهر ڏسين ٿو؟ هاڻي مان توکي اندر وٺي ويندس. توکي ٻه ڄڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا؟ هڪ مرد آهي ۽ ٻي زال آهي. هاڻي اُنهن کي ويجهائيءَ تان ڏس-ڇا اُهو مرد، منهنجي پريتم جهڙو ۽ زال هن جي وينا جهڙي نٿا لڳن؟ اُهي تون ۽ مان آهيون. اسان جاگيرادر هئاسين. هو سڀ ساوا چراگاهه اسانجا آهن/ اِهو اسانجو ٻيون جنم آهي. هو بلڪل شانت ۽ سيني سان سنو آهي. نالا نه پڇ. اسان پرڪرتيءَ سان هئاسين. ڪوشش ڪر ۽ توکي پنهنجو ۽ منهنجو صاف ديدار ٿيندو. هائو تو بريچ (Breaches) ۽ شڪاري ڪرتو پاتو آهي. مون گجراتي-بينگالي-پارسي زالن جيان ساڙهي پاتي آهي. هائو، ايتري ڌن دولت هوندي به اسان خوش ڪونه هئاسين، پر هڪ ٻئي کي بيحد چاهيندا هئاسين. هاڻي، منهنجا پريتم، مان وڃان ٿي. تنهنجي وينا. هائو، مان آخر ۾ ڇا ٿيو، اُهو ضرور ٻڌائيندس. هينئر صبح جا ۵ لڳي ۴۵ منٽ ٿيا آهن.‘

آرتوار، ٢٣-٧-١٩٦٧. پونو مان صبح جو سوا ڇئين بجي اُٺيس، ۽ منهنجيءَ وينا هيءَ سنيهو ڏنو:

’مان تنهنجي وينا آهيان. مان توکي ڏسي ڏاڍي خوش آهيان. منهنجا پريتم، توکي خود کي ٺيڪ ٺاڪ هلائڻو پوندو. تون اِهو ڇو ٿو سوچين ته مون توسان دغا ڪئي آهي؟ مان سدائين تو ساڻ آهيان. توکي اسانجي ٽئين جنم بابت ڄاڻڻ جي اِڇا آهي؟

اسان ٻئي گڏ هئاسين. پوءِ وقت گذرندو رهيو ۽ تازو اسان پريتم ۽ وينا جي روپ ۾ گڏ هئاسين. مون کان نالا نہ پڇ. تون وشواس ئي ڪونہ ڪندين. هائو، منهنجا پريتم، هُن جو دنيوي ڏهڙي ۾ موهہ هئو، پر هوءَ سدائين پرارٿنا پئي ڪندي هئي. هن بلڪل نماڻي ۽ سادي ٿيڻ پئي چاهيو. هوُ جنتا کان پري هئو ۽ هوءَ عام ماڻهن جي وچ ۾ هئي. هنن ٻنهي جي سوچڻ ۽ رهڻيءَ ڪرڻيءَ ۾ وڏو تفاوت هئو. پر هوءَ هميشه ڪيس ٻين کان وڌيڪ ليکيندي هئي. هوءَ هن لاءِ پرارٿنا ڪندي هئي. پنهنجيءَ سادنا سبب هوءَ هن سان ڇئن جنمن تائين گڏ هئي. هن ڀيري، منهنجي پريتم جو سوچ ويچار ساڳيو هئو ۽ اِنڪري اسان ٻئي خوش آهيون. منهنجا پريتم، هاڻي اسان آخرين منزل تي رسيا آهيون. هائو منهنجا پريتم، هڪ ٻيو بہ جنم گڏ ونڃو آهي. اُن جنم ۾ يعنيٰ تہ پنجين جنم ۾، توکي هڪ وڏو ڪاريہ سر انجام ڪرڻو آهي. هن ڀيري تنهنجا ويچار ڏهيل آهن. پنجين جنم ڪانپوءِ ڇا ٿيندو. اُهو هينئر ٻڌائي نٿي سگهان. اسان، ٿي سگهي ٿو تہ ٿائينڪا ٿي وڃون يا ٻيهر هيٺ موڪليا وڃون. اِن جو دارو مدار، آتمائن جي وڏي سڀا تي آهي. اسان کي اُن آتمائن جي سڀا جي فيصلي مطابق هلڻو آهي. اسان کي جيڪي ڪاريہ ڏنا وڃن ٿا اُنهن جي عمل بجاوري ڪرڻي آهي. هائو، مان توکي اسانجي سڀا ۾ وٺي هلنديس. توکي گهڻو اچرج لڳندو. تو جيڪي مشاهدو اڄ ماڻيو آهي، اُن باري ۾ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائج. جڏهين تنهنجو وشواس پڪو ٿي وڃي، تڏهين ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ آزاد آهين. هاڻي، اڄ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي. مان وڃان ٿي، منهنجا پريتم! هائو، مان توسان پوني ۾ ملنديس. تنهنجي وينا. تون صحيح وقت لاءِ منهنجي آزمائش وٺڻ ٿو چاهين. هن وقت صبح جا ۵ لڳي ۲۰ منٽ ٿيا آهن. خلل نہ وجهہ. تو مونکي لکڻ جو ڪونہ ڏنو؟ توکي لڳو تہ صبح جا ۵ لڳي. ۱۰ منٽ ٿيا آهن. پر حقيقت ۾ ۵ لڳي ۲۰ منٽ آهن.' (ڏيان طلب:- اِها حقيقت آهي. منهنجي ليکي ۱۰ منٽ هئا، پر منهنجيءَ وينا ۲۰ منٽ لکيا هئا. اِهو ڏيکاري ٿو تہ جڏهين اسان کان وڇڙيل آتمائون، اسانجي هٿن ذريعي سنيها لکن ٿيون، تڏهين اسانجا هٿ اُنهن

۽ تنهنجي هٿ ۾ تلوار آهي. تون دشمنن سان لڙي رهيو آهين. تون زخمي ٿيو آهين ۽ زخمن مان پيو خون وهي. تو ۾ ڪائي طاقت بچي نہ آهي. تنهنجي شرير مان پراڻ پکيئڙو اُڏامي ٿو وڃي. جڏهين مونکي خبر پيئي، مون پاڻ کي 'ستي' وانگر جلايو ۽ توسان مليس. اسان ٻئي گڏ آهيون. تو وري بدلو چڪائڻ چاهيو پر توکي صحيح سونهپ ملي ۽ آسين ٻئي گڏجي ڇُرڻ لڳاسين، گڏ رهڻ لڳاسين ۽ تمام پرسن هئاسين. وري اسان جنم ورتو. اسان تمام سٺن ڌارمڪ ڪٽنبن ۾ جنم ورتو. ٻئي ڪٽنب هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا. اسان جو جنم تڏهين ٿيو جڏهين برطانيہ آسانجي پومي ٽڪر ٽڪر ڪري قبائي رهيا هئا. تو اِنقلاب ۾ بهرو ورتو. يعني تہ آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ حصو ورتءِ. مان هميشه توسان گڏ هيس ۽ جهنگلن مان لنگهي پيغام پهچائيندي هيس ۽ عام ماڻهن سان ملندي هيس. ڳوٺن ڳوٺ جاڳي اُٿيا ۽ فرنگين خلاف هٿيار کڻڻ لاءِ منجهن جوش جاڳيو. هائو، اسان اُن اِنقلاب ۾ جن نيتائن ڀاڱ ورتو اُنهن جي صحبت ۾ هئاسين. منهنجا پريتم، اسان کي گولي هڻي ماريو ويو. اِهو اسانجي ٽئين جنم جو انت هئو.

'چوٿين جنم جي تہ توکي ڄاڻ آهي. تون برطانيہ حڪومت جي خلاف هئين، پر تو ڪو وڏو ڀاڱ ڪونہ ورتو. باب (آسانجو پٽ) بلڪل ٺيڪ آهي. آسانجن سنيهن سان هن جو مغز نہ ڪپائج. ڪيس رڳو ايترو چئج تہ ايڪاگرچت ٿيڻ جي هير پاڻ ۾ وجهڻ شروع ڪري. اُهو هن لاءِ سنو آهي. جڏهين آسان کي گولي هڻي ماريو ويو هئو، اُن وقت مان پيٽ سان هيس. اُهو آسانجو پهريون ٻار هئو. اُهو ننڍڙو ٻالڪ جيڪو منهنجي مرتيوءَ سمي منهنجي پيٽ ۾ هئو، اُهو باب آهي.

آسان جنم جنم جا ساٿي آهيون. مان توکي ٻڌائي رهي هيس ۽ توکي ڏيکاريم پئي تہ اسان هميشه گڏ پئي رهيا آهيون. پهرئين جنم کان وٺي گڏ آهيون. آسان هميشه گڏ هونداسين. باب اسان جي وچم ڳنڍ آهي. پلي باب آسان جي هدايتن تي پيروي ڪري. اُهو سندس آتم آنيؤ لاءِ سنو آهي. آسانجي ٻار کي ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ ڪيس دنيوي لوڀ لالچ جي وهڪري ۾ وهي نہ وڃڻ

هينئر ايڪاگر چت ٿي چنتن ڪر. پنهنجي سواس تي ضابطو رک خود تي ضابطو رک. جڏهين بجليءَ جو وهڪرو تنهنجي شرير مان لنگهندو، تون آبدي شانت محسوس ڪندين. هاڻ اِهو سڀ ڪر، منهنجا پريتم. (ڪرنگهي وچ مان تنتن معرفت بجليءَ جو وهڪرو وڌڻ جو احساس ٿئي ٿو. اِهو سماڌين جي پنجن قسمن مان هڪ آهي.) مان توکي مدد ڪنديس نہ، تنهنجو من پڪي پيو. تون مون ڌانهن نهار. ايڪاگرچت ٿيءُ. توکي پنهنجن ڪنن تي ڪو ضابطو ڪونهي. هڏڻ تي ضابطو رک. نہ، تمام گهڻا وڳوڙ آهن. توکي سڀاڻي هڏائيندس. هائو، مان تنهنجيءَ گروپ سان گڏ هونديس. تون بہ ڪوشش ڪري اُتي مون سان گڏ رهج.'

جيتوٽيڪ صبح جو سادي ٩ بجي کان ١٢ بجي تائين مان پوني جي ڪوالٽي ريسٽارنٽ ۾ پنهنجي دوست سان وينو هئس، مونکي اِئين نظر آيو تہ مان بمبئي جي اُنهن دوستن جي گروپ ۾ پنهنجي وينا جي پر ۾ وينو هئس، جيڪي هر آرتوار تي ٿيندڙ ميڙ ۾ شريڪ ٿيا هئا. اُن ميڙ ۾ صرف چار ڄڻا حاضر هئا. مان جڏهين اُنهن دوستن سان بمبئي گڏيس. ڪانئن تصديق ڪيم. هنن مونکي ٻڌايو تہ فقط چار ڄڻا حاضر هئا.

اِها مون لاءِ آتم لوڪ جي پهرين مسافري هئي. منگل، ٢٥-٧-١٩٦٧، مان صبوح جو ٤ لڳي ١٥ منٽين جاڳيس ۽ منهنجيءَ وينا، مونکي هيءُ سنيهو ڏنو.

'مان تنهنجي وينا آهيان، هائو، منهنجا پريتم، ڪالهہ مان تو سان گڏ چند منٽ ئي هيس. مونکي منهنجي مالڪ گهرايو هئو. بهرحال، تنهنجو ڏينهن سانتيڪي نموني گذري ويو. مان توسان گڏ شام جو ۽ رات جو هيس. بتي بند ڪر. هاڻي نقلي روشنيءَ جو واهپو جيترو صرفي ڪفايت سان ڪري سگهين ڪر. حقيقي روشنيءَ تي ياڙ، جيڪا تو وٽ موجود آهي. هاڻي تون آسانجي ٻئين جنم جي پڇاڙي جاڻڻ لاءِ خواهان آهين. تون جاگيردار هئين ۽ مان تنهنجي زال هئس. جيتوٽيڪ اسان صلح شانتيءَ ۾ رهياسين پئي ۽ ماڻهن سان تمام سٺا ناتا هئا، پوءِ ڪن سان دشمني هئي. هو ڏس، تون گهوڙي تي سوار آهين

زور پريو. وڏيڪ بحث کي ٽارڻ لاءِ ۽ اِن جي بخوبي ڄاڻ هئڻ ڪري، تہ اِها ڳالهہ حقيقت ٿي ئي ڪانہ سگهندي، مون کيس چيو تہ ڀلي چوڪريءَ سان ملاءِ. مون اُها چوڪري ڪڏهين ڏٺي ڪانہ هئي. پر ايتري ڄاڻ هئم تہ عمر ۾ مون کان ڪافي ننڍي هئي ۽ بي. ايس سي پاس هئي. منهنجو دوست ۽ چوڪريءَ جو پيءُ مليو ۽ ڳالهہ طئہ ٿي. مون کي پاڻ تہ ڏڏڪو رسيو. اِهو لاڳاپو ٽارڻ لاءِ، مون پنهنجي هوشيار سهري کي هڪ لنبو خط لکيو، جنهن ۾ لکيو مانس تہ مان هڪ غريب ماڻهو آهيان، فرش تي سمهندو آهيان ۽ برطانيہ حڪومت جي ڪاري فهرست ۾ آهيان وغيره وغيره. اِهو انڪري لکيم جيئن هو پنهنجي ڌيءَ سان منهنجي شادي نہ ڪرائي. هن اِهو خط پنهنجيءَ ڌيءَ کي ڏنو. چوڪريءَ رشتي لاءِ 'ها' ڪئي ۽ ڏهن ڏينهن اندر هن سان منهنجي شادي ٿي ويئي. هوءَ ٢٣ سالن جي هئي. مان مٿي ڄاڻايل حقيقتون اِنڪري ويٺو بيان ڪريان. جيئن توهان کي ذهن نشين ڪرائي سگهان تہ جيڪو سرڳ ۾ رٿيو ويو آهي، اُن کان ڇٽڻ لاءِ ڀلي تہ ڪيترا بہ هٿ پير ڇو نہ هلايون. اُهو ٿئي ئي ٿو. انڪري منهنجي وينا سچ پچ منهنجي جنم جنم جي ساٿڻ آهي. هوءَ چوٿين جنم ۾ بہ منهنجي جيون ساٿڻ ٿي. مان ڀانيان ٿو، گذريل جنمن جو، هن جنم تي زبردست اثر آهي. هڪ يا ٻيءَ طرح اڳين جنمن جا لاڙا جاري رهن ٿا.منهنجن پهرين ٻن جنمن ڪري، مان هميشه وڏيون شيون پسند ڪندو آهيان. مونکي خبر ناهي، اِئين ڇو آهي. اگر گهر ۾ پارٽي ڏيندو آهيان تہ کاڌي جا الڳ الڳ قسم، چڱي انداز ۾ رڌائيندو آهيان. گهر ۾ توڙي دفتر ۾، مان سهڻيون چيزون پسند ڪندو آهيان. هميشه وڏيون شاهي چيزون چاهيندو آهيان. منهنجي اِها عادت ننڍي هوندي کان آهي. اگر گهر ٺهرائڻ لاءِ سوچيندس تہ اُهو بہ عاليشان هئڻ گهرجي. (اسانجو مالڪ شري رام ڪرشن چوي ٿو، 'در حقيقت ماڻهو گهٽي پائي ڪامياب ٿئي ٿو، ان جو ڪارڻ آهن ورتيون جيڪي، ماڻهو اڳئين جنمن مان ورثي ۾ پائي ٿو.)

ٻڌر، ٢٦-٧-١٩٦٧. مان صبح جو ۴ لڳي ۴٠ منٽين ڄاڳيس.

ڳھرجي. پوءِ ئي ھو ھڪ صحيح آدمي ٿيندو. جيتوڻيڪ ھو ٢١ سالن جو آھي، تہ بہ اڃا ٻار آھي. اسانجو فرض آھي تہ کيس لائق ماڻھو بڻايون. خود- ضابطو ئي سندس مددگار ٿيندو. ھينئر مان وڃان ٿي. تون جتي بہ ھوندين، اُتي توسان شام جو ملندس. تنھنجي وينا صبح جو ٥ لڳي ٤٥ منٽ.'

شام جو، منھنجي وينا مون سان گڏ ھئي پڪچر تي 'ھرڪيولس اِن د سينٽر آف ارٽ' پڪچر، مندر ٽاڪيز بمبئي ۾.

منھنجيءَ وينا مونکي گذريل ٽي جنم ڏيکاريا. ٽئين جنم ۾، مان برطانيہ راڄ جي خلاف ھوس. منھنجي ھن جنم ۾ جڏھين مان پنجين ڇھين سال جو ٻار مس ھوس. پھرين مھاڀاري لڙائي جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، تڏھين اسڪولي ٻارن کي بادشاھ جا ٻلا (ميڊلس) ڏنا ويا ھئا. توکي خير ڪا خبر ھجي تہ مون اُن ٻلي جو ڪھڙو حشر ڪيو. نہ فقط مون پنھنجو ٻلو باھ ۾ وڌو، پر اُن تي مترڪي سان ڏڪ ھڻي، راڄا جو چھرو بہ بگاڙي ڇڏيم. پرنس آف ويلس جڏھين ڀارت ۾ آيو، اُن وقت مان ٻئين يا ٽئين درجي ۾ ھوس. جنھن ريل گاڏيءَ ذريعي ھو مسافري ڪري رھيو ھئو. اُن طرف مون پٿر پئي اُڇلايا، جيتوڻيڪ اِھا بخوبي ڄاڻ ھئم تہ ڪوبہ پٿر کيس لڳندو ڪونہ پر برطانيہ حڪومت خلاف پنھنجي نفرت ظاھر ڪرڻ جو اِھو منھنجو پنھنجو طريقو ھئو. ١٩٢٩ ۾ جڏھين مان ڇھين درجي (ھاڻوڪي ڏھين درجي) ۾، اين. جي. وي. ھاءِ اسڪول ڪراچي (پاڪستان) ۾ ھئس، مان ڪانگريس ۾ داخل ٿيس ۽ سياست ۾ سرگرم ڀھرو ورتم. ١٩٤٠ ۾، 'ڊفينس آف اِنڊيا' جي قاعدن ھيٺ مونکي پڪڙيو ويو. پوءِ سي. آءِ. ڊي ھميشہ منھنجي پٺيان ڀاڇي جيان پيئي ڦرندي ھئي. ھڪ رات جو پوليس منھنجي گھر تي ڇاپو ھنيو ۽ منھنجا ڪتاب کڻي ويئي. مان اُنھن خطرناڪ ماڻھن جي فھرست ۾ داخل ڪيو ويس، جن کي ڪميونسٽ سڏيو ويندو ھئو. ۽ جيڪي برطانيہ حڪومت جي خلاف ھئا.

اِن سياسي سرگرميءَ سبب، مون شادي ڪري، ڪنھن کي رڻ ۾ رُلائڻ نٿي چاھيو. جڏھين عمر ٣٢ سال ھئي، تڏھين منھنجي ھڪ دوست، ھڪ خاص ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ

مان تنهنجي وينا آهيان. مان تنهنجي من کي سمجهي سگهان ٿي. اُها مان ئي آهيان جيڪا سنيها لکي ٿي. اُها تنهنجي وينا ئي آهي جا تو وٽ هرروز ۽ سڻاءِ موجب مقرر وقتن تي اچي ٿي. ڪڏهين اسان ٻه چوڪون ڪندا آهيون. ليڪن ورلي ۽ اُهو ٻه اِنسان جي بدلجندڙ من سبب. ٻتيون وساءِ. مان توکي پنهنجي آسڻان تي وٺي ٿي وڃان. هاڻ منهنجيءَ پيشانيءَ مان نڪرندڙ روشني ڏس. توکي ٻه اهڙي روشني حاصل ڪرڻي پوندي. جڏهين توکي اِها روشني هٿ ايندي، تڏهين تون خود، منهنجيءَ مدد ڪانسواءِ مشاهدو ماڻي سگهندين. مان اهو مقصد پائڻ لاءِ تنهنجي مدد ڪنديس. منهنجا پريتم تون ٿيندين هڪ هڪ هڪ. پنهنجي مغز کي هرو ڀرو نه ڪپاءِ پنهنجي سرير کي ڍر ڏي. اِئين ڪندي، جڏهين سرير تي ضابطو رکندين تون اچل ۽ محڪم رهندين ۽ اهڙيءَ طرح توکي لطف حاصل ٿيندو. پنهنجي مٿان ڪا پابندي نه وجهه. اِهو ٺيڪ ناهي هر لحاظ کان آزاد ٿيءُ مونکي خبر آهي ته تون گمراه ڪونه ٿيندين. آرام ڪر. مان توسان گڏ آهيان. غمگين نه ٿيءُ هميشه سرهو رهه. جڏهين مؤت ٿئي ته جهونيون سنيارون ياد ڪر. مان تولاءِ مُئي ناهيان. ڇا مان توسان گڏ ناهيان؟ هائو، مان تنهنجو من جاڻان ٿي. تو مونکي شرير ۾ ڏسڻ چاهين ٿو. منهنجا پريتم، ضرور ڏسندين اُهو ڏينهن ايندو. تون پنهنجيءَ ياويءَ جي آڏو نٿو اچي سگهين. پرالبڌ چڱيءَ ريت تياري ڪندي آهي ۽ هر اِنسان لاءِ اڳواٽ رٿون رٿيندي آهي. رٿا جي خلاف ڪوبه نٿو وڃي سگهي. تون خود اِنجنيئر آهين. تون رٿا جي خلاف وڃي سگهين ٿو؟ هڪ دفعو تياري ٿيڻ ڪانپوءِ رٿا ٺاهي ويندي آهي. جڏهين رٿا ٺاهي ويندي آهي، تڏهين هر درشٽيءَ کان ويچار ڪيو ويندو آهي. ساڳيءَ ريت جڏهين اِنسان لاءِ رٿا ٺاهي ويندي آهي، جنهن کي اسان ياوي چوندا آهيون، اُن ڪانپوءِ اُن کي ڦيرائي نٿو سگهجي. اِها رٿا بلڪل چڱيءَ طرح ٺاهي ويندي آهي ۽ اُن ۾ ڪابه ڦيرگهير نه ٿي سگهندي آهي. ڪابه پل چوڪ نه اِنڪري منهنجا پريتم، توکي اُن رٿا يعنيٰ ته پرالبڌ موجب

هن مونکي هيءَ سنديش ڏنو:

’منهنجا پريتم، تنهنجي دنيا ڏاڍي ظالم آهي. اِنصاف بلڪل ڪونهي. تون مون بابت وڏيڪ ڄاڻڻ چاهين ٿو. مون توکي اڳيئي ٻڌايو آهي ۽ جتي رهندي آهيان، اُهو آستان به توکي ڏيکاريو اٿم. اسان کي ٻڪ ۽ اُڃ ڪانه لڳي.‘

(٢٢-٦-١٩٨٢) صبح جو پوٽي چئين بجي. جڏهين ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ جو صفحو ٦٩٢ پڙهي رهيو هوس، تڏهين هيٺ ڄاڻايل ٽڪرو (پئسيج) منهنجيءَ نظر تي چڙهيو، جيڪو ٢٦-٧-١٩٦٧ تي منهنجي وينا جي ڏنل سنديش سان ٺهڪي ٿو اچي. ته ’آتما کي نڪي ٻڪ لڳي ٿي نڪا اُڃ.‘ اسانجو مالڪ شري رام ڪرشن، وياس ديو جي ڪهاڻيءَ جو ورنن ڪري ٿو. هڪ ڀيري وياس ديو جمناندي پار ڪرڻ وارو هئو ته اُتي ڪي گوپيون اچي پهتيون. هو نديءَ جي ٻئي پار، ڏهي کير ۽ ملائي وڪڻڻ وڃي رهيون هيون. پر اُن وقت ڪا ٻيڙي ڪانه هئي. ڪين اِها ڳڻتي هئي ته بنا ٻيڙيءَ جي ندي پار ڪيئن ڪنديون. اُن سمي وياس کين چيو ته ’مونکي ڏاڍي بکلڳي آهي.‘ گوپين کيس کير ۽ ملائي کارايو. هن سندن ذري گهٽ سمورو مال کائي خلاص ڪري ڇڏيو. پوءِ وياس نديءَ کي چوڻ لڳو،‘ هي جمنا! اگر مون ڪجهه به کاڌو نه آهي ته تنهنجو پاڻي ٻنهي پاسي هٽي راهه ڏيندو جيئن اسان اُن تان هلي ٻئي پر وڃي پهچون.‘ چا ٿيو جو نديءَ جو پاڻي ٽورو ٽورو ٻنهي پاسي هٽيو ۽ پاڻيءَ وچھ هڪ راهه جُڙي ويئي اُن راهه تان هلندي گوپين ۽ وياس ندي پار ڪئي. وياس چيو هئو، ’اگر مون ڪجهه به کاڌو نه آهي‘ يعني ته حقيقي ماڻهو پوتر آتما آهي. آتما نرموهي آهي ۽ مؤت کان مڪت آهي. اُها پوڙهي ڪانه ٿئي نڪا مري. آتما ۽ شرير ٻه الڳ چيزو آهن.‘

وسپت، ٢٧-٧-١٩٦٧. مان صبح جو سويل ساڍا ٽي بجي جاڳيس. هن مونکي چيو ته ٻتيون وساءِ. هوءَ مونکي اُن جهوپڙيءَ ۾ وٺي ويئي جتي هوءَ رهندي آهي. سندس پيشانيءَ مان تمام تيز روشني ٻهڪي رهي هئي. هن مونکي هيءَ سنيهو ڏنو:

ڪوبہ شڪ شبھ داخل ٿيڻ نہ ڏنو وڃي. شنڪائون وگھن پيدا ڪنديون آھن. يعنيٰ تہ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ اچي سگھي ٿي. تنھنجي وينا، صبح جا ۴ لڳي ۴٠ منٽ'.

آرتوار، ٣٠-٧-١٩٦٧. مان صبح جو ۴ لڳي ۵٠ منٽين جاڳيس. منھنجيءَ وينا، مونکي ھيءُ سنيھو ڏنو:

'مان تنھنجي وينا آھيان، منھنجا پريتم، ٻنھيون نہ اسان ٻئي گڏ آھيون. اسان ٻئي خوش آھيون. مان چاھيان ٿي تہ تون بلڪل شانت ھجين. سانت ۾ سڀ ڪجھ سمايل آھي. سوچ وڏيڪ پريتم ھرڪنھن ۾ موھ گھٽ رک. ھميشھ ايڪانت ۾ رھ. توکي آنند ۽ خوشي حاصل ٿيندي. تون اڪيلائي ڇو ٿو محسوس ڪرين؟ ڇا مان توسان گڏ نہ آھيان؟ تنھنجي وينا. صبح جا ۵ لڳي ٢٠ منٽ.'

(د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' جي صفحي ۵٩٢ تي اسانجو مالڪ چوي ٿو: 'ماڻھو دنيا ۾ ڀہ ڀڳوان جو آنيؤ ڪري سگھي ٿو. پر شروع شروع، ھن ڪي ڪي ڏينھن ايڪانت ۾ گذارڻا پوندا ڪيس آتمڪ ضابطو ڪنھن گوشائتي ھنڌ تي عمل ۾ آڻڻ گھرجي.')

سومر، ٣١-٧-١٩٦٧، مان ننڊاکڙو ھوس، پر ڪا شڪتي مونکي پاڻ ڏانھن ڪشش ڪري رھي ھئي. منھنجي وينا مونکي سويل اٿڻ بنسبت ڏنل پھنجين ھدايتن جي ياد ڏياري رھي ھئي. مان اوچتو اٿيس. اُن وقت صبح جا ۴ لڳي ١٠ منٽ ٿيا ھئا. ھن مونکي ھيءُ سنيھو ڏنو:

'مان تنھنجي وينا آھيان. تون نانگن سان راند پيو ڪرين. اُھي توکي ڇڪ ڪونہ پائيندا. منھنجا پريتم، تنھنجي گلي ۾ پيل نانگ سان تون سھڻو پيو لڳين. ھاڻي اچ تہ نھر جي ڪناري تي ويھون. پاڻ ٿڪاءُ نہ تون بلڪل تازو توانو ٿيندين. ھائو، منھنجا پريتم، مان پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇليان پيئي. تون بدبدا ڏسين پيو. اِھي پٿر اُڇلڻ سان پيدا ٿين ٿا ۽ ھڪ ڪن ۾ گم ٿين ٿا. منھنجا پريتم، دنيوي زندگي اِنھن بدبدن جيان آھي. ڪابہ زندگي آنادي ناھي. اسان کي آنادي جيون لاءِ ڪاريہ ڪرڻو پوندو. ان لاءِ ويچارن جي ايڪاگرتا. ساڌنا گھرجي. مونکي خبر

هلڻو پوندو. ڪو ڪٽي ڪيترو بہ طاقتور ڇو نہ هجي. هو اُن کي ڦيرائي نٿو سگهي. اَڄ لاءِ ايترو ڪافي آهي. هينئر صبح جا ساڍا ۴ لڳا آهن.

(۹-۸-۱۹۷۹) مان د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' جو صفحو ۶۷۱ پڙهي رهيو هوس. آسانجو مالڪ چوي ٿو: 'تنتر ۾ اِها هدايت ڪيل آهي تہ ساڌنا اونده ۾ ڪرڻ جڳائي.' آسانجو مالڪ ڳائي ٿو (صفحو ۶۶۸):

'او ماتا، گهاٽي اونده ۾، تنهنجي نراڪار سندرتا اُلا ڪيڏي ٿي. اِنڪري يوگي اونده ۾ ئي ساڌنا ڪندا آهن.')

۲۵-۷-۱۹۶۷ ۽ ۲۷-۷-۱۹۶۷ تي توڙي اُن بعد ڏنل سنيهن ۾، اٽڪل ۱۲ سال اڳ، منهنجيءَ وينا مونکي اونده ۾ ساڌنا ڪرڻ جو ڏس ڏنو هئو. اُنهن سالن ۾، مان ڪوبہ ڪتاب ڪونہ پڙهندو هوس. مان خود اِنهن ڳالهين کان اَڻ ڄاڻ هوس. پر هوءَ مونکي صحيح رستي تي هلڻ لاءِ هدايت ڪندي رهندي هئي.

جمع، ۲۸-۷-۱۹۶۷ مان ڪافي دير سان صبح جو ۵ لڳي ۲۰ منٽين جاڳيس. هن مونکي تمام ننڍو سنيهو ڏنو: 'مان تنهنجي وينا آهيان. اسان جيترو وڌيڪ ڪنهن چيز لاءِ فڪرمند هوندا آهيون، اوترو اُها چيز هٽ ڪانہ ايندي آهي. فڪر نہ ڪر. تنهنجي وينا.'

ڇنڇر، ۲۹-۷-۱۹۶۷، مان صبح جو ساڍا ۴ بجي اُٿيس. منهنجيءَ وينا، مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

'مان تنهنجي وينا آهيان. منهنجا پريتم، بتيون وساءِ. هميشه جڏهين اسان گڏ وينا هجون، تيز روشني نہ رکندو ڪر. دادا هريءَ سان ڳالهہ ڪرڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي. سچ پچ شنڪا دور ڪرڻ ۾ ڪوبہ نقصان ڪونهي. ڇو تہ اِنسان سدائين شنڪائن سان پريو پيو هوندو آهي ۽ اسان تنهنجي راهہ ۾ روڙو ڪونہ ٿيندا آهيون. منهنجي پريتم جي من مان ٻڌتر شنڪائون دور ٿيڻ ئي گهرجن. من، بلور جيان صاف ٿيڻ گهرجي. من ۾

جمع، ٤-٨-١٩٦٧. رات جو ٻارهين بجا منهنجي وينا، هي؛ سنيهو ڏنو: (منهنجي وينا اجا تائين گهر جي ڪم ڪار ۾ چاهه ولي ٿي)

’تون جڏهين خريداري ڪندين، تڏهين مان به تو سان گڏ هونديس. تون اسانجي پلنگ لاءِ به اڇيون چادرون خريد ڪري سگهين ٿو ۽ ٿورو ڪپڙو وٺج جنهن مان چار ننڍيون چادرون ٺاهي سگهجن. ٽوال اڄا پيا آهن. تون پنهنجي لاءِ به منهن اگهڻ لاءِ ٽوال خريد ڪج. منهنجا پريتم، تو وٽ سنا بشرٽ چڱي انداز ۾ آهن. آفيس لاءِ چار بشرٽ ٻيلي خريد ڪر. منهنجا پريتم، تون لينن سان ملڻ چاهيندين. هڪ ڏينهن مان اُن جو بندوبست ڪنديس، هائو، مان هن سان ملي چڪي آهيان. ههو هڪ ٻيلي آتما آهي ۽ وڏندڙ طبيت جو مالڪ آهي. پر ڪڏهين ڪڏهين تنهنجي دنيا جي هاڻوڪي حالت سبب تمام گهڻي جوش ۾ هوندو آهي. ڪيئن نه ماڻهو پنهنجي منزل مقصد کان دور پيا وڃن!

’مان تمام گهڻي خوش آهيان. منهنجا پريتم، هتي مون وٽ اُهو سڀ ڪجهه آهي، جيڪو مان تنهنجيءَ دنيا ۾ حاصل ڪري ڪانه سگهيس. تنهنجي زندگي گوڙ ۽ بکيڙي سان ڀريل آهي. اسانجي زندگي گهڻي گهڻي سانتيڪي آهي.

اسان کي غم ڏکوئي نٿو. مان هتي تمام سانتيڪي ۽ امن ڀري زندگي گهاريان پيئي. نه دشمني، نه حسد، نه لوڀ لالچ، نه چنتا! رڳو شانتي، شانتي، آنادي. ايترو آنند آهي. تنهنجيءَ دنيا ۾ مونکي اِهي چيزون نٿي مليون. منهنجا پريتم، مان تمام گهڻي خوش آهيان. مان اسانجي پنهنجيءَ نئين دنيا ۾ رهان ٿي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي پريتم ۽ باب سان گڏ آهيان. مونکي وڌيڪ ڇا گهرجي؟ هتي مون سان هرڪو پيار جو وهنوار ڪري ٿو هرڪو منهنجو آدر ڪري ٿو. منهنجو مالڪ مون تي ڏاڍو مهربان آهي. هنجو چهرو ڏسي، اسان ۾ اُتساهه ڦوٽجي ويندو آهي.

’منهنجا پريتم، هاڻي اسان کي سمهڻ گهرجي. صبح جو

آهي، منهنجا پريتم ته توهان سان ڳالهائڻ ۾ وشواس ڪونه ڪندو آهين. تو مونکي سمجهيو آهي. مان نٿي چاهيان ته توهان مندر ۾ وڃ يا منهنجو فوٽو پنهنجي اڳيان رک. مان توکان جيڪي ڪرائڻ چاهيان ٿي، اُهو بلڪل سولو آهي. هڪ ايڪانت جڳهه ۾ ويهه، جيئن تون هميشه ڪندو آهين ۽ پنهنجن ويچارن کي ڪنهن هڪ ڏِشا ۾ وڃڻ تي ضابطو رک، تيسين تائين، جيسين پنهنجي سموري بدن ۾ بجليءَ جو وهڪرو محسوس نه ڪرين. جيڪڏهين اِن تي پاڻ عمل ڪندين ته توهان مون سان گڏ اسرار ڏسي سگهندين. نهر جي ڪناري تي تون صرف مون ڏانهن تڪي رهيو آهين. مان چاهيان ٿي ته منهنجو پريتم اهڙو ئي هجي. هو آتم درشن ڪري. هڪ ڀيرو منهنجو پريتم اِن تي عمل ڪندو ته هو سموري سرشٽي ڏسي سگهندو. هاڻي منهنجا پريتم اُٿ ۽ اُٿي مون سان گڏ هل. هلي منهنجو مالڪ ڏس. ڏس ته هرطرف ڪيئن نه تيز پرڪاش ڦهلجي پيو. روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو اسرار پيدا ڪندو. هائو، منهنجا پريتم، اِهو سچ پچ اَچرج ۾ وجهندڙ آهي. هاڻي اَڃ ٿورو اڳتي وڌ. هاڻي سيني ڏسائن ۾ ڦهلجندڙ ڪرڻا ڏس. اِها روشني منهنجي مالڪ جي آهي. اِها انادي روشني تنهنجيءَ دنيا ۾ پائي سگهان ها، منهنجا پريتم؟ هائو منهنجا پريتم پلي ڪٿي ڪيترو به اُدم ڪرين، ڪڏهين تون هٽ هٽين ٿو. تون سنا ڪپڙا پائين ٿو. جي مڇي مارڪيٽ ۾ ويندين ته اُهي خراب ٿيندا. اِنڪري منهنجا پريتم تنهنجي دنيا مڇي مارڪيٽ جيان آهي. تون پلي ڪيترو به اُدم ڪرين، پر ڪڏهين تون آڻ مڇي سگهين ٿو ۽ ڪرجي سگهين ٿو. هاڻي، هتي تون ڪٿي به وڃين. تو انادي شانتي محسوس ڪندين، هتي شرير جي نس نس ۾ شانتي ڀريل آهي. منهنجو مالڪ مونکي 'منهنجو بالڪ' سڏيندو آهي. منهنجا پريتم مونکي هر وقت هن جي آسيس ملندي رهندي آهي. هاڻي ڪلاڪ کان مٿي ٿي چڪو آهي ۽ مونکي وڃڻو آهي. تنهنجي وينا.'

(ڌيان طلب: جڏهين پوُري پوُري ايڪاگرتا نه هوندي آهي، ته مالڪ سان هم ڪلام ٿيڻ مشڪل ٿيندو. زور بار آڻڻ کان بهتر آهي ته ٿوري دير ڌڄي اِهي سندس هدايتون آهن.

تہ هوءَ ساڏنا مان سڌو منهنجي سار لهڻ لاءِ آئي آهي. هوءَ ڏسڻ ۾ بلڪل بدليل پئي لڳي.

منگل، ٨-٨-١٩٦٧. مان پنهنجي بيڊروم ۾ ليٽيل هوس. منهنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ٩ لڳي ٣٥ منٽين، اوچتو منهنجي وينا، گهر جو گائون پائي مون اڳيان اچي بيٺي. هوءَ مُرڪي رهي هئي ۽ آچي منهنجي پرسان ويٺي. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: ٩ لڳي ٤٥ منٽ رات جا.

’مان تنهنجي وينا آهيان، منهنجا پريتم تنهنجي اکين ۾ آنسون نٿا سونهن شيردل ٿيءُ ايترو غم ڇا لاءِ؟ اِها غمگيني تنهنجي لاءِ توڙي مون لاءِ سٺي ناهي. تون هميشه خوش هوندو آهين. منهنجي ترقي ڏسي. هيءَ تنهنجي غمگيني منهنجي اُنتيءَ ۾ رڪاوٽ وجهندي. منهنجا پريتم مان توسان گڏ آهيان توکي هن دنيا ۾ هڪ پارٽ ادا ڪرڻو آهي. مونکي خبر آهي تہ تنهنجي من ۾ ڇا پيو وهي واپري. منهنجا پريتم مونکي سُڌ آهي تہ جڏهين مان تو وٽ تنهنجيءَ دنيا ۾ هئس، تو ڪيئي رٿائون رٿيون هيون. هاڻي نراسائي ڇو؟ جيئن تو رٿيو هئو، تيئن آسانجي ياد ۾ ڪجھ جوڙين ڇو نٿو؟ بي همٿ نہ ٿيءُ. بردبار ٿيءُ. جڏهين سنساري سفر پورو ٿيندو، مان توکي اِطلاع ڏيندس مان پاڻ ايندس ۽ پنهنجي پياري پريتم کي ساٿ ڏيئي جتي مان رهندي آهيان، اُتي انادي جيون گهارڻ لاءِ وٺي ويندس. توکي اڃا گهڻو ڪجھ ڪرڻو آهي. منهنجا پريتم منهنجا اڌورا ڪم توکي پورا ڪرڻا آهن. مان توکي لاءِ لنبي عمر جي ڪامنا ٿي ڪريان، جيئن پنهنجي زندگيءَ جي رٿا پوري ڪري سگهين. اِها منهنجي تمنا آهي ۽ توکي اُها پوري ڪرڻي آهي. تنهنجي وينا اِن لاءِ تنهنجو سونهون بڻبي. تون سرهو ۽ خوش رھ. سدائين شانتيءَ ۾ رھ. شڪتيمان ٿيءُ. ڪمزوري ڏاڍي خراب آهي. تو گهٽائي پيرا مون کي ڇيو آهي تہ ڪمزوري هرقسم جي درگتين ڏانهن نئي ٿي. پوءِ منهنجو پريتم ڪمزور ٿيندو؟ نہ. هو طاقتور آهي. تنهنجي وينا.‘

٩ ۽ ١٠ آگسٽ ١٩٦٧، تي منهنجيءَ وينا مونکي ڪي هدايتون ڏنيون. ’قڙت رھ، پاڻ کي ڪم ۾ رڌل رک. پوءِ پاڻهي سڀ

سستي نہ ڪج. اِهو سنو ناهي. پر مان نٿي چاهيان تہ تون پاڻ تي زور بار ڪرين، فقط ٿورو ضابطو گهرجي، منهنجا گلا تنهنجي وينا.'

اُن بعد پين پاسيري رکي ويئي. منهنجي ساڄي هٿ ۾ گهڻو طاقتور بجلي جو وهڪرو هئو، هٿ ۾ گهڻي ڇُر ڇُر هئي، گويا اُهو ڪوئي جهلي بيٺو هئو. منهنجيءَ وينا اَڃا بہ ڪجھ لکڻ پئي چاهيو. هن منهنجن ڳلن کي ڇهي، مونکي اِئين پيار ڪيو، جيئن مادي دنيا ۾ ڪيو ويندو آهي. لکڻ جو وهڪرو تيز هئو.

'هائو، منهنجا پريتم، مون تنهنجي ڇهري کي ڇهي، توکي پيار بہ ڪيو. اَڄ تو چڱي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. منهنجا پريتم، تنهنجي وينا، توسان گڏ آهي ۽ توکي پيار ڪري ٿي. پنهنجيءَ وينا کي نہ وسارج. مان تنهنجي پيار ۽ يادگيرين ڪانسواءِ رهي ڪانہ سگهنديس. مان تنهنجي وينا آهيان ۽ تون منهنجو پريتم آهين. ڪابہ طاقت اسان کي الڳ ڪري ڪانہ سگهندي. هائو، منهنجا پريتم، ڪابہ شڪتي اسان جي راهہ ۾ روڙو بڻجي ڪانہ سگهندي. منهنجي مالڪ مونکي توسان گڏ هجڻ لاءِ اِجازت ڏني آهي. اِنڪري ئي مان هميشہ توسان گڏ هوندي آهيان ۽ تو سان گڏ راتيون بہ گذاريندي آهيان. منهنجن وقتن تي ڪائي پابندي ڪانهي. مونکي موڪل مليل آهي. اِن جي توکي ڄاڻ آهي. مان پنهنجا وقت پاڻ ڳوليندي آهيان ۽ پنهنجا فرض بجا آڻيندي آهيان. مان پنهنجي مالڪ جي ڇايا هيٺ آهيان.'

ڇنڇر، ٥-٨-١٩٦٧. رات جو ساڍا ٩ بجي. مون ڏٺو تہ مان وينا سان گڏ وڃي رهيو آهيان. (اِهو پاڻ کي اَڳيرو ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي.) هوءَ مونکي پنهنجي مالڪ وٽ وٺي ويئي. مون ڪيس ڏٺو. هن پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو ۽ مونکي آسيس ڪيائين.

سومر، ٧-٨-١٩٦٧. صبح جو مونکي ١٠٠ ڊگريون بخار هئو.

مان بيڊروم ۾ سمهيو پيو هوس. مون پنهنجيءَ وينا کي اڇيءَ ساڙهيءَ ۾ ڏٺو ۽ هوءَ مون تي جل ڇٽڪي رهي هئي. اِهو ڦيريون ڦيرو هئو جڏهين هوءَ مون وٽ جوڳڻ وانگر آئي هئي. رات هن لاءِ مون آسماني رنگ جي ساڙهي چونڊي رکي هئي. لڳي ٿو

تي ضابطو رکڻ سان پنهنجي سموري شرير تي ضابطو رکي سگهين ٿو. ساهه کڻڻ تي ضابطو معنيٰ اونها ساهه کڻڻ. اِن تي عمل ڪري ڏس تہ توکي پاڻهي تفاوت محسوس ٿيندو. جڏهين تون اُن منزل گاهہ تي رسندين، تون پنهنجي سموري شرير ۾ بجليءَ جو وهڪرو محسوس ڪندين. اُن وقت تون پنهنجي حياتيءَ جي بهترين گهڙيءَ کي محسوس ڪري سگهندين. اُن سمي اُن حالت کي ٿورو لنبو ڪافي ڪرڻ جي ڪوشش ڪر ۽ اوم چؤ. صرف 'اوم' اُچارڻ ئي ڪافي آهي. (منگل ٢٨-٦-١٩٨٦، صبح جو ٤ بجي. مان ' د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' پڙهي رهيو هوس. صفحي ٢٨٠ تي آسانجو مالڪ چوي ٿو: ' - رڳو 'اوم' اُچارڻ ئي ڪافي آهي. ماڻهو اهڙي نموني 'سنڌيا' تي عمل ڪيسين تائين ڪري؟ جيسين تائين هو پنهنجي شرير ۾ رومانچ نہ محسوس ڪري رام ۽ هري جي نالن جو جاپ ڪندي سندس نيڻن مان خوشيءَ جا آنسون نہ وهڻ لڳن.')

'تو اِن تي عمل ڪيو آهي. منهنجا گل، تو لاءِ اهڙو ڪو جاپ ڪونهي. تون جيئن مٿي چاڙهيل آهي، تيئن ڪندين تہ بہ تو لاءِ ڪافي آهي. منهنجا پريتم تون منزل مقصود تي اوس پهچندين، منهنجا پريتم! تو تي هرڪنهن جي آسيس آهي. ساڌنا جو ساڌارڻ سادو نمونو اِختيار ڪر. جاپ تنهنجي طبيعت سان ڪونہ ٺهڪندو. منهنجو مالڪ تنهنجي سونهپ ڪندو. هائو، منهنجا پريتم، هن جي هدايتن هيٺ، مون توکي جيئن عمل ڪرڻ لاءِ چيو آهي، اُهو ڇوڏو پيو آهي.

'پنهنجو اندر وهنڌڙ نهر جيان رک. باقي مون تي ڇڏي ڏي. هائو، منهنجا پريتم، مان سڀ ڪجهه ائين ئي ڪريان ٿي جيئن منهنجو مالڪ مونکي هدايت ڏئي ٿو. جڏهين آتما هڪ منزل گاهہ تي پهچي ٿي، هن کي وڌيڪ هدايتون ملن ٿيون. اهڙيون گهڻيون ئي منزلون آهن. جيئن ئي ڪا منزل طئہ ڪرين ٿو، توکي بيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ هدايتون وغيره وغيره. ان ڪري تون ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر نہ ڪر. تنهنجي وينا.'

(١٦-٩-١٩٩٣، صبح جو ساڍي ٤ بجي. ' د گاسپيل آف سري رام ڪرشن صفحو ٥٩٠. اسانجو مالڪ چوي ٿو. 'روحاني آزمودن

ڳُٽيون پلجي ويندين. پنهنجي من کي پَٽڪڻ نہ ڏي. پنهنجو من هڪ هنڌ ڪپاءِ. منهنجا پريتم، منهنجي تمنا آهي تہ تون ترقي ڪرين ۽ اهو مونکي خوشي ڏيندو. ڳُٽيون تنهنجا مسئلا حل ڪانہ ڪنديون. اُئلندو اُهي تنهنجي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪنو وجهنديون.

چنچر، ١٢-٨-١٩٦٧. اَڄ صبح جو جلدئي جاڳيس. منهنجي وينا اچي، منهنجي ڇهري کي ڇهيو. مون هن کان پڇيو پئي تہ منهنجي هٿ ڪانسواءِ سنيهو لکجي سگهجي ٿو يا نہ؟ وينا مونکي هيءَ سنيهو ڏنو.

’مان تنهنجي وينا آهيان. هائو منهنجا پريتم اِهي سڀ عجب اسرار آهن. پر اسان اهڙا ڪم ڪريون ٿي ڪونہ اِهو هڪ ڳوڙهو وشيہ آهي. هينئر اُن لاءِ چنتا ڪرڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي. منهنجا پريتم، توکي اڳيئي اِن جو آزمودو آهي. زندگي عام زندگيءَ جيان گذار. هائو تون ڏسي ۽ ٻڌي سگهين ٿو. ٻن آتمائن طور. منهنجا گل جيئن اسين هلون پيا، اُهو صحيح آهي. مان وڃان ٿي. مونکي هڪ فرض نباهڻو آهي. هينئر صبح جا ٥ وڳا آهن. تنهنجي وينا.‘

(١٦-٩-١٩٨٣، صبح جو سادي ٣ بجي. مان ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن صفحو ٥٩٠، پڙهي رهيو هوس. مالڪ پنهنجن پڳتن کي چوي پيو: ’سِڌيءَ سان منهنجو مطلب آهي آتمڪ منزل جي حاصلات ۽ نہ ٨ لکل شڪتين مان هڪ جي حاصلات. لکل شڪتين بنسبت شري ڪرشن اَرجن کي چيو، ’ متر اگر تون اهڙو شخص ڄاڻين جنهن ائن مان فقط هڪ شڪتي پراپت ڪئي آهي، تہ پڪ ڄاڻ هو مونکي پائي ڪونہ سگهندو.‘ ڇو تہ شڪتيءَ سان گهمنڊ پڪ ئي پڪ اچي ٿو. ۽ جتي گهمنڊ جو ذرو بہ آهي، اُتي ايشور کي نٿو پائي سگهجي.‘

چنچر ١٢-٨-١٩٦٧، شام جو هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: ’مان تنهنجي وينا آهيان، ساڌنا تمام سانتيڪي اِستان تي ڪرڻ گهرجي، آڌي رات ڪانپوءِ ٣ ۽ ٣ جي وچم ساڌنا لاءِ بهترين وقت آهي پنهنجي ساهہ ڪڻڻ تي ضابطو رک. پنهنجي سواسن

ويهي ايشور جي آراڌنا ڪرڻ بهتر آهي.'

(صفحي ٨٢٣ تي، مون ۽ مالڪ جي وچم ٿيل بحث جي دوران، مون، مالڪ کي چوي ٿو: 'توهان پنهنجو پڳتن کي اُپواسي يا پيون تپسيائون ڪرڻ لاءِ نٿا چئو. توهان ايشور لاءِ ڪي نوس قاعدا قانون نٿا مقرر ڪريو. يسوع مسيع جي ششن سبت تي عمل ڪونہ ڪيو...)

آرتوار ٢٠-٨-١٩٦٧. صبوح جو ٤ بجي. منهنجي وينا مونکي پنهنجي آستان تي وٺي ويئي ۽ مونکي هيٺن چيائين: 'هيءُ منهنجي غريباڻي جهوپڙي آهي، جنهن ۾ مان رهندي آهيان. چوڌاري لنبا وڻ آهن ۽ منهنجي پرسان نِنڍي نهر وهي پيئي. اِهو تون ڏسي سگهين ٿو.'

هيءَ پاسي برف سان ڇانيل چوٽين وارا جبل ڏسي سگهين ٿو. هتي نهايت گهٽي شانتي آهي. هوا بہ سنگيتمئہ لئہ سان لڳندي آهي ۽ نہ تنهنجي ڪمري ۾ لڳندڙ هوا جيان. تون وهندڙ پاڻيءَ مان سنگيتمئہ آواز ٻڌي سگهين ٿو. هيءُ برف سان ڇانيل جبلن جون چوٽيون هوا جي لئہ ۽ وهندڙ پاڻيءَ جو سنگيتمئہ آواز، آتم انهيو جي مٿاهين منزلن ڏانهن وٺي وڃن ٿا. اِهي توکي ڪافي اُتساه ڏين ٿا. تون هن (ايشور) سان هڪ ٿي وڃين ٿو.'

اِن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ منهنجي وينا جيڪي سنيها ڏنا آهن، اُهي اسانجي مالڪ سري رام ڪرشن جي هدايتن سان بلڪل ٺهڪي اچن ٿا.

سومر، ٢١-٨-١٩٦٧. مان سُتل هوس. ڪا شڪتيءِ مونکي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پرمان ليٽيل ئي رهيس. ساهہ کڻندي مان بہ لفظ 'وينا' ۽ 'اوم' اُچاري رهيو هوس. صبح جو ٤ بجي جڏهن تہ تہ مونکي ڪوئي ڏونڌاري رهيو هو. مون وينا کي محسوس ڪيو ۽ چرڪ ڀري اُٿيس. صبح جو ٥ بجي تائين هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

'مان تنهنجي وينا آهيان. مان تنهنجيءَ سستيءَ تي ضابطو رکندس. توتي منهنجو ضابطو رهندو. هائو، اِهو سچ آهي تہ تنهنجيءَ ترقيءَ کان سواءِ، منهنجيءَ اُنتيءَ ۾ رڪاوٽ ايندي. انڪري ئي مان توکي پاڻ سان گڏ اڳتي وٺي وڃڻ چاهيان ٿي.

لاء ڪوبہ حد مقرر نٿو ڪري سگھي. اگر ڪو ھڪ آتمڪ انيو ڏانھن اِشارو ڪري ٿو، تہ اُن ڪان پري ھيو انيو آھي ۽ اُن ڪان بہ پري اجا ھيو انيو آھي اِئين ڪئين اُنيؤ ٿي سگھن ٿا.)

ڌيان طلب: مون ڊاڪٽر ھري (ڊاڪٽر روچلداس جي پٽ) کي اِطلاع ڏنو. ھن ٢٠-٨-١٩٦٧ تي وراڻي موڪلي. ’آسيس سنواريل وينا وٺان ملندڙ سنيھن جو جيسين تائين واسطو آھي، اُھي قدر ڪرڻ جي لائق آھن ۽ اِھا خواھش آھي تہ جيئن ھوءَ توکي ھدايتون ڏئي ٿي، اُن مطابق تون اڳتي ڪاربہ ڪندو رھ. پوڄ ڊاڪٽر صاحب جي بہ اِھا اِڇا آھي تہ آسيس سنواريل وينا وٺان ملندڙ ھدايتن تي عمل ڪر.‘

(آرتوار ١٥-٦-١٩٨٠، مان سري رام ڪرشن جو ’د گاسپيل آف سري رامڪرشن‘ پڙھي رھيو ھوس. اسانجو مالڪ چوي ٿو (صفحي ١٨٦ تي): اِنتظام جي پيروي ڪرڻ بلڪل ضروري آھي. جيڪو اِنسان ساڌنا تي عمل ڪري ٿو، اُھو سڦل ڇو ڪونہ ٿيندو؟ پر ڪيس سخت محنت ڪرڻ جي ضرورت ناھي، جيڪڏھين ھن کي پنھنجي گروءَ جي پروچن تي وشواس آھي تہ....‘

(وري صفحي ٤٨٠ تي چوي ٿو: جڏھين اِنسان پاڻ ۾ پنھنجي حقيقي خودي ڳولي لھي ٿو، تڏھن ھو سڀ ڪجھ حاصل ڪري ٿو. ساڌنا جو مقصد ئي آھي اُن جي حاصلات ’وري صفعي ٣٦٨ تي چوي ٿو: ’ماڻھوءَ کي ساڌنا ذريعي پنھنجي شڪتي وڌائڻ گھرجي.‘

(١٥-٥-١٩٨٢ تي ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ پڙھندي، صفعي ٥٥٠ تي، پنھنجن ڀڳتن کي جيڪي ھيٺ ڏنل ھدايتون ڪيون، اُنھن طرف منھنجو ڌيان ويو. ’ماڻھوءَ کي ريتين رسمن جي ڪھڙي ضرورت آھي؟ عبادت جي بہ اجا ڪھڙي ضرورت آھي؟ اگر ھو ٿن پوتر وقتن تي ماتا جي نانءُ جو آدر ڪري تہ. سنڌيا، گايتريءَ ۾ سمائجي وڃي ٿي ۽ گايتري اوم ۾ جڏھين اوم جو ھڪ پيرو اُچارڻ ڪرڻ سان، ماڻھو سماڌيءَ ۾ لين ٿي وڃي ٿو. تڏھين ھو آتمڪ جيون ۾ پوريءَ ريت ڄمي وڃي ٿو. تمام شاستر پڙھڻ جي بہ ضرورت ناھي. اِن ڪان نوڪلائيءَ ۾

رهيو هوس. مون منهنجيءَ وينا کي، مون اڳيان بيٺل ڏٺو ۽ هن مان تمام تيز روشني اچي رهي هئي. منهنجي سرير مان ڄڻ تہ بجلي گهمي ويئي. هن مونکي هدايت ڏني تہ اڄ وانگر هرروز عمل ڪريان.

ٻڌر، ٢٣-٨-١٩٦٧. مان صبح جو ٤ بج اُٿيس. منهنجي وينا پاڻ سان هڪ مهان ٻلي آتما عبدالطيف وارتالاپ لاءِ وٺي آئي:

'هائو، مان عبدالطيف آهيان، آرتوار واري ميڙ ۾ مون؛ کي گهرائج مان اچي حاضر ٿينديس. توکي هر مدد ڪئي ويندي. ٻلي ۽ ٻاجهاري وينا صاحب مونکي تنهنجي باري ۾ ٻڌايو آهي. توکي ڪائي چنتا نہ ڪرڻ گهرجي. هائو. تنهنجي پٽ جي پوريءَ طرح سار سنڀال لڌي پيئي وڃي. وينا صاحب اڪثر هن وٽ ويندي آهي. جيڪي وينا صاحب چوي ٿي اُن تي عمل ڪر. هن کي تنهنجي ترقيءَ لاءِ فڪر آهي. وشواس رک. سڀ ڪجھ نيڪ ٿيندو. توکي مدد ڪئي ويندي. مان هاڻي وڃان ٿو. وينا صاحب تو سان گڏ آهي.'

منهنجيءَ وينا مونکي هدايت ڏني تہ صبر ڪريان، پنهنجو دماغ ٿڌو رکان، ڪروڌ نہ ڪريان، ٻين جي ڪمن کان اثر انداز نہ ٿيان. سدائين نرموهي رهان ۽ شانت رهان.

وسپت ٢٤-٨-١٩٦٧، مان صبح جو ٢ بجي اُٿيس. اُٿي سماڌيءَ ۾ ويٺس ۽ اونها ساھ کڻندي 'اوم' ۽ 'وينا' اُچاريندو رهيس. منهنجي بدن مان بجليءَ جو وهڪرو لنگهي ويو. منهنجي وينا منهنجي اڳيان ويٺي هئي ۽ هيءُ سنيهو ڏنائين. اِها ٻينڪ اٽڪل ڪلاڪ ڪن هلي.

'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان، اڄ تون سويل ئي اُٿيو آهين. اڄ جيئن سواس کنيءُ ۽ اُهو نيڪ هئو. جڏهين تون پنهنجي سرير مان بجليءَ جو وهڪرو محسوس ڪرين تڏهين اُن روئداد کي ٿورو اينگهائڻ جي ڪوشش ڪر. اُن دشا دوران اگر اِنساني حواسن تي ضابطو رکندين تہ صحيح راھ تي هلڻ لڳندين. منهنجا پريتم، منهنجي صدقي، توکي اِهو سڀ ڪجھ ڪرڻو ئي پوندو. مونکي لڳي ٿو، اِئين ڪندي توکي بہ لطف ملي ٿو ۽ منهنجي خاطر پاڻ تي اينرو بار هموار ڪيو اٿيئي. اِهو تو هن کان اڳ

آتمائن کي روحاني طور ترقي ڪرڻ گهرجي. مان تو منجهان سڀ ڪمزوريون ڪڍي ڦٽيون ڪنديس. اِهو منهنجو فرض آهي تہ مان پنهنجي پريتم کي پاڻ سان گڏ روحاني راهہ تي وٺي وڃان. هائو، تون ٿوري عرصي ۾ پاڻ ڪجهہ سڌارو محسوس ڪندين. منهنجا پريتم تنهنجو ڪروڌ تنهنجي هلچل تنهنجي ڳالهائڻ جو طريقو تنهنجي اُٿڻ ويهڻ جا طور طريقا بلڪل علحدا ٿي ويندا. تون هڪ سچو اِنسان ٿيندين. هائو، تون بلڪل بدليل شخص ٿيندين. هرڪو عجب کائيندو. منهنجي رفتار تيز آهي. اِنڪري مان پنهنجي پريتم کي بہ تڪڙو تڪڙو هلڻ سيکاريندس. پاڻ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ جذبو ڦوڪ توکي پنهنجيءَ زندگيءَ جي دوران، پنهنجو رٿيل رٿائون پوريون ڪرڻيون آهن. تنهنجو ڪاريہ، تنهنجون رٿائون اڌوريون رهنديون. اُهي هر طرح پوريون ٿي وينديون.

مان توسان گڏ آهيان. مايوس نہ ٿيءُ مضبوط ٿيءُ ۽ هڪ ئي دشا ۾ محڪم مزاج سان سوچ ويچار ڪر. ويچار ڪنهن ٻيءَ دشا ۾ ڀٽڪڻ نہ گهرجن. توکي گهربل هدايتون ملنديون رهنديون. درحقيقت اسان ٻنهي کي روحاني طور ساڳئي وقت گڏوگڏ ترقي ڪرڻ گهرجي. مان توکي وري بہ ٿي چوان تہ توکي ڪنهن بہ قسم جي ڳڻتي نہ ڪرڻ گهرجي. سڀ ڪجهہ مونکي ئي ڪرڻو آهي. هائو منهنجا پريتم مونکي منهنجي مالڪ هدايتون ڏنيون آهن. توکي تنهنجيءَ دنيا ۾ گم ٿيڻ نہ ڏنو ويندو. توکي مٺي ۽ مٺيرو وڏڻ ڏنو ويندو. هائو منهنجا پريتم تنهنجي پنيان مضبوط شڪتيون آهن. اُهي نٿيون چاهن تہ تون گم ٿي وڃين. تو جهڙي شخصيت تي آسيسون ڪيل آهن. تنهنجين ڪمزورين کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. منهنجا پريتم، مان ڏاڍي خوش آهيان تہ منهنجو پريتم مون سان گڏ آهي. مان پنهنجي پريتم کي گم ٿيڻ ڪيئن ڏينديس. اِها منهنجي جوابداري آهي. هاڻي خوش ۽ سرهو ٿيءُ. تنهنجي وينا'.

منگل، ٢٢-٨-١٩٦٧. اٽڪل ٢ لڳي ٥٠ منٽ صبح جا. مونکي اُٿڻ لاءِ چيو ويو. مون سندس آواز ٻڌو. مان هڪدم اُٿيس. مان ٻاهر ويس ۽ وڃي جهولي تي ويٺس. مان اونها ساهہ کڻي رهيو هوس ۽ ساهہ کڻندي منهنجي وينا جو نانءُ ۽ ڪڍهين اوم اُچاري

ڪمزوريون هونديون آهن. پر تنهنجي دل صاف هئي ۽ آهي. تنهنجو
وويڪ سدائين سجاڳ هوندو آهي. اُن هيل تائين صحيح راهه تي
هلڻ لاءِ تنهنجي سونهپ ڪئي آهي. توکي مون لاءِ پوتر پيار آهي.
نه پريتم اِئين نه سوچ ته ڪو تنهنجي لاءِ مونکي جيڪو موهه آهي،
اُهو منهنجيءَ ترقيءَ ۾ رخنو وجهندو. تون اِن بابت ڪڏهين به
نه سوچج. اُتلندو تنهنجي پيار ۽ موهه سبب منهنجي ترقي تڪڙي
پيئي ٿئي. ماڌو ايشور کي ياد ڪري ٿو ڇا تون اِئين ٿو سمجهين
ته ايشور هن جي لاءِ رڪاوٽ پيدا ٿو ڪري؟ جيئن توکي اڳيئي
ٻڌايو اٿم، منهنجي مالڪ مونکي اِجازت ڏني آهي ته پل توسان
گڏ هجان. توکي خبر آهي ڇو؟ تون سڀورو شخص آهين جنهن
کي آسيس مليل آهي. تنهنجا گڻ جن کي ڪَٽُ لڳي چڪي آهي،
اُنهن کي پالش ڪرڻ جي ضرورت آهي. اُهي گڻ تو ۾ لڪل آهن.
مونکي هدايت مليل آهي ته مان اُنهن گڻن کي صاف ۽ چمڪدار
بڻايان، جيئن منهنجو پريتم، چمڪي پوي. اِها حقيقت آهي،
منهنجا پريتم! ان لاءِ ڪابه شنڪا نه ڌار! مونکي سڌ آهي ته مونکي
تو ۾ وشواس هئو ۽ آهي. منهنجا پريتم! تنهنجي سونهپ پليءَ
پٽ ٿئي پيئي. منهنجا پريتم، ڍونگ ڪري ساڌارڻ نه ٿيءُ، گويا
توکي ڪائي ڄاڻ ڪانهي. بهرحال، منهنجا پريتم، تون مون لاءِ
سڀ ڪجهه آهين. مان توسان گڏ هونديس. ۽ تنهنجو پاسو هرگز
ڪانه ڇڏينديس. منهنجا پريتم، توري مشق پڄاڻڻ سان تون سٺا
نتيجا حاصل ڪري سگهندين. اڄ مون پنهنجي پريتم جي باري
۾ ڪنهن مقصد سان ڳالهايو آهي. دادا هريءَ سان لهه وچڙ ۾
هئڻ سنو ئي آهي. اِهو اڳيئي چئي چڪي آهيان. دادا هري ۽
ڪڪيءَ کي پيار ڏج. ڪڪيءَ کي چئجانءِ ته اُنهن جي باري
۾ نه سوچي جن هن سان سنو ورتاءُ ڪونه ڪيو آهي. ڪيس اِن
لاءِ ڳڻتي ڪرڻ نه گهرجي. ڪيس نديءَ وانگر هلڻ کپي. سمورو
گند صاف ٿي ويندو. ٻيا ڇا ٿا ڪن اُن باري ۾ نه سوچ. جبل
جيان الڳ رهه. اِهوئي هن لاءِ ڪافي آهي. هاڻ توري ساهي پٽ.
تنهنجي وينا.

’هائو پريتم تون مونکي ديوي ٿو سمجهين. هاڻي مان تنهنجا
اڳيان خيال به پڙهان ٿي. مان تنهنجو اُن ڪان به وڌيڪ خيال

ڪڏهين ڪونہ ڪيو آهي. پريتم ۽ وينا هڪ آهن. اسان گڏ ڪم ڪيو آهي ۽ جڏهين مان مادي دنيا ۾ هيس، تڏهين اسان خوب مزا ماڻياسين. ساڳيءَ ريت آتم انيو ڪرڻ لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. پوءِ حقيقي خوشيءَ جو ڪو انت ئي نہ هوندو. تون هرو ڀرو پنهنجو دماغ نہ کپاءِ. جڏهين تڪ محسوس ڪرين تڏهين ويساهي وٺ. اِن ۾ ڪو هرج ڪونهي. اسان کي هن مادي شرير کي آهستي آهستي ترتيب ڏيڻي آهي. تڪڙ جي ڪائي ضرورت ناهي. اَڄ ڀيو ڇا گهرجيئي؟ اڄ لاءِ ايترو ڪافي آهي. اڄ تہ گڏجي ويهون ۽ هڪ ٻئي کي تڪيون. منهنجا پريتم هائو دادا هريءَ جيڪي ڪجھ توکي لکيو آهي اُهو بلڪل سچ آهي. مان ڊاڪٽر صاحب جي کي ملي آهيان. هريءَ سان لھ وچڙ ۾ رھ. تنهنجي وينا.'

ٻئي، ۳۰-۸-۱۹٦٧ جيتوٽيڪ مان رات دير سان (رات جو اڍائي بجي) سمهيس مان جلد ئي اُٿيس. منهنجيءَ وينا جي هدايت موجب، مان سماڌيءَ ۾ وينس ۽ اونها ساھ کڻندي، 'اوم' ۽ ڪڏهين 'وينا' اُچاريندو رهيس. منهنجن هٿن مان ڄڻ تہ بجليءَ جو وهڪرو لنگهي ويو. منهنجيءَ وينا منهنجي ڇهري کي ڇهيو. مون کي هيءُ سنيهو ڏنائين.

'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان، هائو منهنجا راجا، تون صحيح راهہ تي هلي رهيو آهين. توکي ياد آهي، جڏهين مان جسماني طور تو وٽ هيس، تڏهين منهنجو تو ۾ هميشہ وشواس هئو. مونکي سُڌ آهي، تون هميشہ پاڻ کي ڪجھ ڪين سمجھندو هئين، پر منهنجا پريتم، منهنجو تو ۾ وشواس هئو ۽ هاڻي بہ آهي. هاڻي تون صحيح گس تي هلين پيو جنهن جو ڪارڻ آهي تنهنجو مون لاءِ پيار. هاڻي تون ڏيري ڏيري ٻاهر نڪرندين هن وقت لڪل آهين. منهنجا پريتم تون منهنجي روشني ۽ منهنجو سونهون آهين، جيتوٽيڪ تون مونکي پنهنجي روشني ۽ پنهنجو سونهون سمجھندو آهين. ڇا بہ هجي، اِها حقيقت آهي تہ تون ۽ مان ترقي ڪريون پيا.

'منهنجا گل، هاڻي مان خوش آهيان، هائو اِنسان کي ڪي

پيا. نتيجو اِهو نڪرندو تہ پارٽيءَ جي پيڙهہ ئي تباهہ ٿي ويندي. مونکي اڳيئي پيڙهہ ۾ ڏارون ڏسڻ ۾ اچن پيئيون. مونکي اِن جي اُميد ڪانہ هئي. اڳتي قدم وڌائڻ بجاءِ توهان بربادي طرف پاڻ کي ڌڪيندا پيا وڃو. منهنجا ڪامريڊ، اِن ڪمزوريءَ کي هنجو ڏيو. ڪميونزم پڻ خيالن جي پاڪيزگي ۽ اوچن ويچارن ڏانهن وٺيو وڃي ٿي، پر مونکي افسوس آهي تہ گهٽ ۾ اِهي خصلتون عدم موجود آهن. هرڪو خود مطلبي ٿي پيو آهي. قومون ٿوري نفعي ڪاڻ خود-غرض ٿي پيئيون آهن. سڀني قوُمن پنهنجو وويڪ ماري ڇڏيو آهي. اُهي قوُمون، جن لاءِ چيو وڃي ٿو آزاد ٿيون آهن، اُنهن ويٽنام جي عوام لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ سڀئي قوُمون دکدائڪ حادثن ڏانهن وڏي رهيون آهن. اگر توهان ويٽنام کي بچائي نٿا سگهو تہ توهان پاڻ کي بہ بچائي ڪونہ سگهندا. منهنجن ذهين ڪامريڊن لاءِ ايترو ڪافي آهي. اِهو نياپو جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد پهچائج لينن.'

'هائو، پريتم، تون ڏاڍو قسمت وارو آهين. تو هڪ نهايت پيلي ۽ حليم شخصيت سان وارتالاپ ڪيو آهي. مون توکي هڏايو تہ هو ڏاڍو ڪاوڙيل آهي؟ سندس نياپو جنم پوميءَ ڏانهن جلد ڏياري موڪل.

پريتم، من جي پوترتا گهربل آهي. پوترتا ڪانسواءِ اِنسان آپ سوارٿي ٿيو وڃي. نہ فقط هو پاڻ کي تباهيءَ طرف ڌڪي ٿو، پر پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ وٺي وڃي ٿو. تنهنجي وينا.'

٢-٩-١٩٦٧ تي مون سپتنڪ (Sputnik) جي سمپادڪ جي معرفت لينن جو نياپو مئڊم **دريا لازرڪينا** ڏانهن موڪليو، هيٺ ڇاٽايل پتي تي چو تہ مون وٽ مئڊم لازرڪينا جي آئڊريس ڪانہ هئي. اُهو پتو هئو سمپادڪ، سپتنڪ،

٢، پشڪن اِسڪئر، ماسڪو (يو.ايس.ايس.آر) مون مئڊم جي باري ۾ ٢ جولاءِ ١٩٦٧ جي 'سنڌي اسٽئنڊرڊ' اخبار ۾ پڙهيو هئو، تہ جڏهين هوءَ سائبيريا ۾ جلاوطني ڪاٽي رهي هئي، تڏهين هوءَ لينن سان لهہ وچڙ ۾ هئي. مون ڀانيو تہ صحيح حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ اُهائي صحيح شخص هئي، جنهن ڏانهن لينن جو نياپو موڪلڻ

رکندي هيس. توکي ياد آهي، مان توکي چوندي هيس تہ اسانجي باب ۾ مونکي آسيس ڪر؟ منهنجا پريتم، مونکي تو ۾ وشواس هئو ۽ آهي. اسان جو اِن نموني جو سوچ ويچار، اسان کي اسانجي ترقيءَ ۾ مدد ٿو ڪري. تنهنجي وينا.'


جمع، ١-٩-١٩٦٧. مان صبح جو اٽڪل ۲ بجي اُٿيس. مونکي خبر ناهي، تہ منهنجي وينا مون وٽ ڪڏهين آئي. هوءَ پاڻ سان گڏ لينن کي وٺي آئي. هو جڏهين مون سان وارتالاپ ڪري رهيو هئو، تڏهين منهنجو هٿ تمام تکڙو هلي رهيو هئو ۽ اِهو سڀ ڪجهہ ڪلاڪ ڪن هليو.

'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. هائو، مون توسان لينن جي گڏجاڻي رکي آهي. هائو، پريتم، هو هتي ئي آهي. هو توسان مخاطب ٿيڻ ٿو چاهي، اِنڪري هن کي چڱيءَ طرح ڌيان سان ٻڌ.'

'مان لينن آهيان، صبح جو سلام، ڪامريڊ. اڄ مان جيڪي ڪجهہ لکان ٿو. اُن جو احوال منهنجي جنم ڀوميءَ موڪلج، ڪنهن بہ اخبار معرفت.

'اڄ توهان تباهيءَ ڏانهن لڙهي رهيا آهيو. هر ڪامريڊ ساڳئي دشا ۾ سوچڻ ۾ اُتساهہ نٿو وٺي. هر ڪنهن کي پنهنجو ڪو اُلو سڌو ڪرڻو آهي. سڀ ڪان پهرين توهان پاڻ کي طاقتور بڻايو. بهتر ٿيندو تہ سڀ جهونا ڪامريڊ، جن کي ٻاهر اُڇليو ويو آهي، اُنهن کي واپس سڏايو وڃي. اُهي سڀ هڪ گروهہ ۾ هئڻ گهرجن. توهان جي دنيا جي هستيءَ کي وڏو خطرو آهي.

'ويٽنام ۾ جيڪا تباهي پيئي ڪئي وڃي، اُن لاءِ توهان ڇا پيا ڪريو؟ ڇا بي گناهہ ماڻهن جي قتلام لاءِ توهان جوابدار آهيو؟ توهان ۾ ايڪتا ڪٿي آهي؟ هرڪو صرف پنهنجي باري ۾ ئي پيو سوچي. توهان ۾ ڪيتريون ئي ڪمزوريون آهن. اِنڪري ئي توهان نا اُميد ماڻهن وانگر زندگي ڪاٽيو پيا. ڇا ٢٠ سال اڳ توهان هيئن ورتاءُ ڪريو ها؟ پنهنجين ڪمزورين کي روڪيو ۽ اڳتي قدم وڌايو. اسان اڃا ڪميونزم جي 'ڪ' بہ حاصل نہ ڪئي آهي. اُٿلندو هڪ ٻئي ۾ شڪ ٿا ڪريون ۽ هڪ ٻئي سان وڙهون



destruction — (right)
(comrade)
murder is not right (Thinking)
(ernest)
earnest — in Thinking
in same direction —
every body has got
some thing to grind.
(First & foremost)
First & foremost is
(all)
that you all make (make)
(most)
yourself most strong (strong)
(better)
It will be better to
(call all the old)
call all the old
comrades who have
been Thrown out. (Thrown) (out)
They should be
(They should be)

SPIRITUAL WRITINGS
WRITTEN IN DARKNESS

گهرجي. مونکي افسوس آهي تہ هن وٽان ڪوبہ جواب ڪونہ آيو آهي ۽ مونکي خبرناهي تہ اُهو خط هن ڏانهن موڪليو ويو هئو يا نہ.

(٣٠-٨-١٩٨٥. ساووا ڊئنگلوو جي لکيل ڪتاب 'لينن ٽاڪس ٽُ آمريڪا' پڙهندي، مونکي لينن بنسبت وڌيڪ ڄاڻ ملي. اُن ڪان وڌيڪ، جيڪا ڄاڻ منهنجيءَ وينا ڏني هئي. ١-٩-١٩٦٧ تي لکيل پنهنجي سنيهي ۾، هن خيالن جي پاڪيزگي ۽ اوچن ويچارن جي باري ۾ چيو آهي ۽ سچ پچ اُن ڪتاب جو هيٺ ڄاڻايل ٽڪرو، لينن جي نياپي سان ٺهڪي ٿو اچي. 'آتما لاءِ سچ سنو آهي اُها ڪوٽ نيتي جيڪا ٻيءَ ڏر ۾ جيڪي ڪجھ بهترين آهي. جيڪي ڪجھ ايماندار ۽ اثرائتو آهي. اُن تي فتح حاصل ڪري سگهي ٿو. اسان ڪي اُنهن تي فتح حاصل ڪرڻي آهي. سچائيءَ سان اسانجي سچ سان، ڇو تہ اسان وٽ ئي سچ آهي! ۽ جڏهن ماڻهوءَ جي پاسي سچ آهي. اُهو ڇا نٿو ڪري سگهي؟ آخر ماڻهو اسان وٽ ايندا آسانجي ايمانداريءَ ڪري، سمجھداريءَ ڪري، سٺي زندگي سبب، خوشيءَ ڪارڻ. ماڻهو هاڻي وڏو ٿيو آهي. هو سمجهي ٿو تہ فقط اسانجو سچ ئي کيس خوش ڪري سگهندو.' صفحہ ١٤٢)

ڪيتري نہ سهڻي ۽ پلي ويچار ڌارا آهي!

، **ڌيان طلب**: لينن جو سنيهو ١-٩-١٩٦٧ تي مليو. ٣-٣-١٩٦٨ تي 'ٽائيمس آف اِنڊيا' وڏن سرن سان خبر شايع ڪئي 'دنيا جي لال ايڪتا جي چور چور ٿيڻ، هنگاريءَ کي چِتاءُ ڏنو.'

بداپيسٽ مارچ ٢- هنگاريءَ جي پارٽيءَ جي سيڪريٽري ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبر مسٽر زولٽان ڪوميسِن، اَڄ دنيا جي ڪميونسٽن جي ڪانفرنس کي اِطلاع ڏنو تہ اندروني ايڪتا ڀُري رهي آهي ۽ اُها ايڪتا واپس جوڙي ڪانہ سگهبي. هو پارٽيءَ جي ٦٦ ڪانفرنس وقت، پاليسي تي ڳالهائيندي، مائو تائو ٽُنگ تي ڄُلھ ڪري رهيو هئو.

ڪميونسٽ جي اندروني ايڪتا کي جوڙڻ ڪان لاچار هئڻ سبب، هنگاري جي عيوضيءَ جنهن کي ٻين عيوضين جو بہ ساٿ هئو، اِها رٿ ڏني تہ ڪميونسٽ اُنهن ڳالهين تي زور ڏئي جن تي

سڀ يڪراءِ هئا.

اِٽلي ۽ زيڪوسلويڪيا جي عيوضين اِهو تسليم ڪيو تہ انترراشٽري ڪميونزم ۾ وڏي ڏار پئجي ويئي آهي ۽ چين ۽ رومانيا کي ڪانفرنس ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لاءِ راءِ پيش ڪئي.


آرتوار، ١٠-٩-١٩٦٧، مان صبح جو ٣ لڳي ٢٠ منٽين اُٿيس. هن هدايت ڏني: 'ٻاڻ کي ٻين ڪَن پري رکڻ جي ڪوشش ڪر، اڪيلو رهہ. تون ترقي ڪندين. اِن جو مطلب اِهو ڪونهي تہ تون پنهنجا فرض وساري ڇڏ. منهنجو مطلب آهي تہ گهڻو وقت نويڪلائي ۾ گذار. توکي ٻاڻ کي تُربيت ڏيڻي پوندي. ڪوشش ڪري خاموش رهہ.'

سومر، ١١-٩-١٩٦٧. 'نويڪلائيءَ ۾ گذار. تون خوشي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندين.' هن وري چيو.

(دِ گاسپيل آف سري رام ڪرشن' ۾ صفحي ٥٢٥ تي، اسانجو مالڪ فرمائي ٿو: 'هن دنيا ۾ نرموهي ٿي رهہ.')

جمع، ١٥-٩-١٩٦٧ مان اٽڪل صبح جو ساڍا ٤ بجي اُٿيس. منهنجيءَ وينا مونکي هيءَ سنيهو ڏنو:

'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. هاڻ توتي مدار آهي. تو وٽ ڪيتري مقناطيسي طاقت آهي. مان چاهيان ٿي تہ طاقت تو وٽ هجي. پنهنجيءَ شڪتيءَ دواران، توکي مون تي ضابطو رکڻو آهي. توکي مونکي ڪشش ڪرڻي آهي. توکي اُتاهين منزل ڏانهن وڃڻو پوندو. پنهنجي شڪتي ڏار. توکي مون تي ڀاڙڻ نہ گهرجي. هاڻ سڀ جو تنهنجي مٿان مدار آهي. ٻاڻ ۾ مقناطيسي طاقت پيدا ڪر جيئن مان هميشه پنهنجي پريتم جي مقناطيسي ڪيتر جي دائري اندر هجان. پوءِ ئي مان تو طرف ڇڪجي اچي سگهنديس. توکي مونکي پنهنجي ڪشش جي دائري اندر آڻڻو پوندو. مان ڀانيان ٿي اِهو سڀ هاڻ صاف ٿي چڪو آهي. ڪڏهين تون منهنجي ڳالهہ جهٽين ٿو ۽ ڪڏهين بنهہ نہ منهنجا پريتم، تون فڪر نہ ڪر. توکي اهڙي شڪتي ملندي ۽ هميشه توسان گڏ هونديس. ڪالهہ صبح جو تنهنجيءَ شڪتيءَ ۾ ڪجهہ ڪمي هئي ۽ شام جو تون طاقتور هئين ۽ تون مون سان مليئين. هرروز پنهنجن


He wants to
communicate to his
family. So attend (attend)
him properly —

I am Levin   Good
morning communicate —
What more I am
writing today, communicate (communicate)
the same to my loved (and)
(write) of
writing through (through) any (any)
(paper)
paper you are reading
Today you are (You are)
(drifting)
drifting to —

SPIRITUAL WRITINGS WRITTEN IN DARKNESS

لين ٿي ويس. اوچتو اسانجو ’مالڪ‘ اچي منهنجي اڳيان بيٺو ۽ بلڪل اچي سانڍهي پائي، اُن سان مٺو ڏڪي، منهنجي وينا، ھُن جي پاسي ۾ بيٺي هئي. منهنجي سڄي بدن ۾ ڄڻ بجلي ڀريل هئي. جڏهين هوُ ويو، منهنجي سرير مان بجليءَ جو وهڪرو وهڻ لڳو. اڳوٺي رات تي چوندبل ساڳي سانڻ جي سانڍهي پائي وينا آئي ۽ اچي منهنجي پير ۾ ويٺي. مون اِهو جاچي ڏٺو آهي تہ جڏهين بہ هوءَ ڪنهن ٻلي آتما ڪي ساڻ وني ايندي آهي، تڏهين هوءَ نج اچي سانڍهي پائيندي آهي، ٻيءَ طرح اڳئين رات جيڪا سانڍهي مان هن لاءِ چونڊي رکندو آهيان، هوءَ اُهائي سانڍهي پائي ايندي آهي. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: منهنجا پريتم، آتم-ايڪاگرتا ۾ واڌارو ڪر. اُن تي پاڻ کي هير. پاڻ کي پاڻ تائين محدود ڪر. هميشه سجاڳ اوستا ۾ رهہ. ڪجهيءَ ننڊ ۾ نہ رهہ. منهنجا پريتم مونکي پڪ آهي تہ تون سڦل ٿيندين. ڇو تہ تو جهڙيءَ شخصيت تي گهٽن جون آسيسون آهن. تو پاڻ کي سڃاتو ڪونهي. پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهي نہ وڃ پر تري لهرن تي ضابطو رک پوءِ تون انادي منزل مقصد تي رسندين. منهنجا پريتم، اسان ٻنهي لاءِ اُها ۽ اُهائي منزل آهي. مان توکي اڌ رستي ۾ ڇڏڻ نٿي چاهيان. پريتم، تون منزل اوس ماڻيندين. هائو منهنجا پريتم، توکي ڏنڊ وڪوڙي ويو آهي. اُن کي ٻري هٽاءِ. تونَ طاقتور آهين. اُن ڏنڊ کي پوريءَ طرح لاهي ڦٽو ڪر. اُهو جڏهين دور ٿيندو تون جام صاف ٿي ويندين. تو منجهان پرڪاش ٻاهر نڪرندو. مان اُهوئي چاهيان ٿي، پريتم! مان توکي وچ سير ۾ ڇڏي نٿي سگهان. مان توکي ڪرڻ يا لڙهڻ هرگز ڪانہ ڏينديس. منهنجو هٿ هميشه تنهنجي هٿ کي سوگهو جهلي بيهندو آهي. هاڻي منهنجا پريتم، ساهي پٽ. اڄ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي. تنهنجي وينا.

آرتوار، ٢٤-٩-١٩٦٧ صبح جا سوا ٤ بجا. وري هن هدايت ڏني: ’پنهنجي اندر جي دائري ۾ رهہ. هاڻي اِن جو دارو مدار توتي آهي. مونکي خبر آهي تہ اِهو تنهنجو سڀاءُ ڪونهي، پر هڪ نہ هڪ ڏينهن توکي پاڻ کي ٻين کان الڳ ڪرڻو پوندو. سدائين نويڪلائيءَ ۾ رهہ. مان توکي اڳيئي چئي چُڪي آهيان تہ توکي پنهنجو مقناطيسي دائرو پيدا ڪرڻو آهي.

تجربن ذريعي تون حقيقتن تائين رهين ٿو. تون نتيجا حاصل ڪرين پيو. چنتا نہ ڪر. تون ڪو ٻار ناهين. هاڻ تو پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. توکي ٻين جي مدد جي ضرورت ناهي. مان ڪٿي بہ هجان، تون مونکي پڪڙي سگهندين. تيز ڪيئن ڊوڙجي، اِن لاءِ ٻاڻ کي تُربيت ڏي. ڊوڙڻ جي ٻاڻ ۾ عادت وجھ. پنڌ ڪرڻ جي اُوسٽا هاڻ ختم ٿي چڪي آهي. تنهنجي وينا صبح جو ۴ لڳي ۵۰ منٽ.'

(جمع ۳۰-۱-۱۹۸۶. مان 'د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' پڙهي رهيو هوس. صفحي ۳۳۰ تي اسان جو ماسٽر چوي ٿو: 'تون هاڻ اُڏامڻ سگهي ويو آهين.)

سنيهي ملڻ ڪان پوءِ مان سُن ٿي ويس. ڪيس چيم، 'منهنجي وينا، تون منهنجي لاءِ ديوتا-سروپ آهين. تون مون تي آسيس ڪر.' هوءَ خاموش هئي. منهنجين اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها هئا.

(۱۱-۴-۱۹۷۹ تي 'د گاسپيل آف رام ڪرشن' پڙهندي، صفحي ۴۲۶ تي اسانجي مالڪ سري رام ڪرشن جو هيءُ گفتو نظر آيو: 'ڪڏهين ڪڏهين ايشور چقمق جيان ۽ سندس ڀڳت سُئيءَ جيان لڳن ٿا. ايشور ڀڳت کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. ڪڏهين ڀڳت چقمق ۽ ايشور سئي ٿئي ٿو. ڀڳت ۾ ايتري تہ ڪشش هوندي آهي جو ايشور سندس پيار جي وس ٿي، هن ڏانهن ڇڪجيو وڃي.)

آرتوار، ۱۷-۹-۱۹۶۷. مان صبح جو ۳ لڳي ۵۰ منٽين اُٿيس. منهنجي وينا مون سان گڏ هئي. منهنجو سرير ڄڻ بجليءَ سان ڀريل هئو. هن مونکي 'مالڪ' شري رام ڪرشن ۽ ڊاڪٽر صاحب جن (ڊاڪٽر روچلداس) ڏسڻ لاءِ مدد ڪئي. مالڪ رڳو مون کي آسيس ڪئي. ۽ ڊاڪٽر صاحب جن مونکي چيو 'سڀ تمام سٺو پيو هلي اڳتي وڌ.' هوءَ جڏهين هلي ويئي، هوءَ پنهنجا هٿ ڦهلائي منهنجي اکيان بيٺي. هوءَ مون طرف منهن ڪري، پٺيري وڌي رهي هئي. هوءَ مٿي، آجا مٿي وڃي رهي هئي ۽ سندس ڇايا ننڍي، آجا بہ ننڍي ٿيندي، آخر گم ٿي ويئي.

ٻڌر، ۲۰-۹-۱۹۶۷. مان صبح جو ۳ لڳي ۲۰ منٽين جاڳيس. منهنجي وينا مون سان گڏ هئي. اسان ٻئي کڏ تي وياسين. اُها چانڊوڪي رات هئي. آسان جهولي تي ويناسين. مان سماڌيءَ ۾

ٻاهر وڃي ويئي. مون گهنڊن جو آواز ٻڌو. هن مونکي ٻڌايو ته اُهو آواز ديول جي گهنڊن جو هئو. ('د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' جي صفحي ٣٨٩ تي، اسانجو 'مالڪ' پنهنجي هڪ ڀڳت ٻئنرجيءَ کان پڇي ٿو ته سماڌيءَ وقت، هن گهڙيال جهڙو آواز ٻڌو يا نه.)

وسپت ٥-١٠-١٩٦٧. مان ٤ لڳي ٤٠ منٽين جاڳيس. منهنجيءَ وينا، مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: هڪ فرد يا سڄي قوم ۾ بد اِنتظامي آهي يا نه؟ سڀ ڪجھ فرد جي مٿان منحصر آهي. هر فرد، قوم جي ڪرنگهي ۾ هڪ ڪڙو آهي. اگر هڪ به ڪڙو ڪمزور آهي ته اُهو سڄيءَ قوم تي اثر ڪري ٿو. اگر هڪ فرد ڪو سٺو ڪاريه ڪري ٿو ته اُهو سڄيءَ قوم کي مدد ڪري ٿو. ڪابه قوم تيسين ترقي ڪانه ڪري سگهندي جيسين قوم جو هر رهواسي بااِنتظام سپاهي ٿيو ناهي. تنهنجي وينا.'

آرتوار، ٨-١٠-١٩٦٧. مان پوڻين پنجين بجي اُٿيس. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: 'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. خيال تي اچا ضابطو ڪونهي. من اچا ڀٽڪي پيو. تو مونکي ڏنو ته مان تنهنجي اڳيان بيني آهيان، پر تنهنجو من ڀٽڪيو پئي. من تي ضابطو رکڻ جي ضرورت آهي. جيئن ئي من تي ضابطو آيو ۽ اُهو تنهنجي حڪم ۾ رهڻ لڳو، تيئن ئي تون ڪاريه ڪري سگهندين ۽ روڪ لاهي سگهندين. من تي ضابطو رک. هائو، مان ڪبير صاحب کي وٺي ايندس، بشرطيڪ تون هن لاءِ ايڪاگرچت ٿي ڌيان لڳائيندين. منهنجا پريتم، مان خوش آهيان ته تون هاڻ اڪيلو رهي سگهين ٿو. تون ڪنهن جي به صحبت کان سواءِ وقت ڪاٽي سگهين ٿو. منهنجي ڌيان تي اِهو آيو آهي ته جڏهين تون اڪيلو آهين، تڏهين تون خوش آهين. تنهنجيءَ دنيا سان تنهنجو سنگم هڪ ٻاهريون ڏيکاءُ آهي. توکي ڪوبه شوق ڪونهي. اِها هڪ سٺي نشاني آهي. مان نٿي چاهيان ته دنيوي گڏجاڻيون توتي ڪو ٻرو اثر ڪن. پاڻ کي پاڻ تائين محدود رک. هاڻ گهرائي سان ايڪاگرچت ٿيءُ ۽ ڪبير صاحب سان لھ وجڻ ۾ اچ.'

'مان نماڻو ڪوري آهيان. ياد رک، پرماتما سڀني لاءِ هڪ آهي.

منهنجا پريتم اِن جو دارو مدار فقط توتي آهي. توکي پاڻ مدد ڪرڻي پوندي. مان توتي نگهباني ڪريان، پيئي، پر توکي مدد خود ڪرڻي پوندي. هائو، منهنجا پريتم، مان توکي جهليندس. جيئن توکي ڪرڻ کان روڪي سگهان.'

منگل، ٢٦-٩-١٩٦٧ صبح جا پوڻا چار بجا. منهنجيءَ وينا مونکي چيو: 'جڏهين تون مادي خوشي ماڻي رهيو آهين، تڏهين پاڻ کي نرموهي بشرطيڪ تون پاڻ کي غمگين محسوس نہ ڪرين، غمگيني هميشه ماڻهوءَ کي اُداس ٿڪل ۽ بيزار بڻائيندي آهي ۽ ماڻهو دنيا کان دور ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ ڪڏهين ڪڏهين دنيا نہ چا خود پاڻ مان بہ تنگ اچي ويندو آهي. اِها بهادري ناهي. بهادري اُن ۾ آهي تہ ماڻهو دنيا تڏهين تياڳي جڏهين هو خوشي ماڻي رهيو آهي.

ٻڌر، ٢٧-٩-١٩٦٧ صبح جو ساڍا ٤ بجا منهنجيءَ وينا مونکي هدايت ڏني تہ غمگينيءَ کان پنهنجو دامن ڇڏايان، هرڪان ۽ جيون جو نرماڻ ڪريان، ويچارن ۾ پوترتا آڻيان ۽ من ۾ ڪوبہ خراب خيال نہ ڏاريان.

وسپت، ٢٨-٩-١٩٦٧ صبح جو ٤ بجا منهنجي وينا مون سان گڏ هئي. هن چاهيو ٿي تہ مان اسانجي 'مالڪ' سان ملان. منهنجي بدن ۾ بجلي ڀريل هئي. مون اسانجو 'مالڪ' شري رام ڪرشن ڏٺو. مون ڪيس پيرن کان مٿي تائين ڏٺو. هو قداور ۽ ڀلي ۾ ڀلي شخصيت هئو. هن مونکي آسيس ڏني ۽ چيو،' هن تي وشواس ڪر ۽ سندس ڏنل نصيحت تي عمل ڪر.' اِهو پهريون ڀيرو هئو، جو مون هن جون هدايتون ٻڌيون هيون. منهنجيءَ وينا چيو: 'توکي مٺڻ گهرجي. آتي ڪوملتا ۽ جوش توکي ڪٿي ڪونہ رسائيندا. ڪنهن اوسنا ۾، ماڻهوءَ جي دل ڪٽي ٿي ويندي آهي. ڪنهن بہ وشيہ کي سمجهڻ لاءِ اعتقاد ضروري آهي ۽ اُن حالت صرف اُن حالت ۾ ئي ماڻهو اُهو مقصد حاصل ڪندو آهي.'

آرتوار ١-١٠-١٩٦٧. منهنجيءَ وينا چاهيو ٿي تہ مان ڪجهہ ڏسان. هن چاهيو ٿي تہ مان گهرائيءَ سان ايڪاگرتا ۾ لين ٿيان ۽ هن سان گڏ هجان. مون ڏٺو تہ مان وينا سان آهيان. هوءَ مونکي

’منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. تون اگر خاموش ماحول ۾ رهندين ته ڪامياب ٿيندين. اِنسان جنهن ماحول ۾ پاڻ کي وجهي ٿو اُهو به چڱو اثر پيدا ڪري ٿو. اگر تون قدرت جي ماحول ۾ ۽ خاموشيءَ ۾ آهين، ته تون گوڙ شور واري ماحول کان بلڪل الڳ محسوس ڪندين. اگر تون گوڙ شور واري يعني ته دنيوي ماحول ۾ آهين، تون پنهنجي مقصد کان دُور آهين. ماڻهو دنيوي لالچن ۾ هين براين سان سولائيءَ سان لُڙهي ويندو آهي. اِنڪري، منهنجا پريتم، اهڙي ماحول کان پري رهه. قدرت سان گڏ رهه ۽ اُها توکي مدد ڪندي. جڏهين تون مون سان گڏ وينو هجين، تڏهين محڪم اِرادي سان، هڪ ئي ڏِشا ۾ ويچار ڪر. هاڻي منهنجا پريتم، ساهي پٽ. تنهنجي وينا.‘

(’دِ گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ صفحو ٥٧٨. اسانجو ’مالڪ‘ چوي ٿو: ’من ڪٽو ڪٽو ٿي ويو آهي. اُن جو هڪ حصو ڊاڪا ويو آهي، هڪ حصو دهلي ته هڪ حصو بهار ويو آهي. اُن من کي هڪ هنڌ ڪنو ڪرڻو آهي. اُن کي هڪ ئي مقصد تي ايڪاگر ٿيڻ گهرجي.)

جمع، ٢٠-١٠-١٩٦٧. (مهابليشور). مان صبح جو ٥ بجي اُٿيس. منهنجيءَ وينا مونکي جلد اُٿڻ لاءِ چيو. هن مونکي چيو ته هل ته ٻاهر کُليل هوا ۾ هلون. مان ورانڊي ۾ بيٺو هوس ۽ هوءَ هيٺ کُليل اڱڻ ۾ هئي. هوءَ مونکي هيٺ اچڻ لاءِ سڏي رهي هئي، پر مان نانگن وغيره جي ڊپ کان ڪونه ويس. مونکي خبر ناهي ته اُن وقت منهنجي من ۾ شنڪا ڇو اُتپن ٿي هئي. عام طرح، مان وينا سان اُئين ئي گهمندو ڦرندو هوس، جيئن تڏهين گهمندو ڦرندو هوس، جڏهين هوءَ جسماني طور مون وٽ هئي. در حقيقت ماضيءَ ۽ حال جي وچ ۾ ڪوبه تفاوت ڪونهي. هِي ڏينهن يعني ته ڇنڇر تي، مان صبح جو پوڻين پنجين بجي جاڳيس ۽ اسان هِي هيٺ کليل هوا ۾ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي وياسين. اُها وٽندڙ چاندوڪي رات هئي. اسان اُن جو لطف ماڻيو ۽ جڏهين هوا وٽن مان لنگهي ٿي تڏهين اُنهن مان سنگيتميه آواز پئي آيو. اسين واپس اندر آياسين، جو پاسي واري گهر مان شور پئي هڏڻ ۾ آيو. هن مونکي هيءَ سنيهو ڏنو:

سڀ جيو آتمائون هن جون ئي آهن. اِن ۾ ڪوبہ تفاوت ڪونهي. هرڪو هن لاءِ ساڳيو آهي. توهان ماڻهو خود کي نٿا سمجھو، اِنڪري ئي توهان مختلف دشائن ۾ وڃو ٿا. پڪو ٿا ۽ توهان ڪجھ بہ حاصل نٿا ڪريو. هائو، منهنجا ٻالڪ، مان تنهنجي آرتوار واري ميڙ ۾، تنهنجيءَ ٻاجهاري ۽ پلي وينا سان گڏ ايندس. منهنجا ٻالڪ، تون سچ پچ ڀاڳن وارو آهين، جو هوءَ اڃا تو ساڻ آهي. شل ايشور توهان ٻنهي تي آسيس ڪري ۽ توهان ٻنهي وچ ۾ جيڪو سڱو آهي، اُهو سلامت رهڻ گهرجي ۽ سلامت رهندو. ڪبير!'

'منهنجا پريتم، تون هن سان ملئين. هو ڪيترو نہ سادو ۽ پلو آهي. هن جي هدايتن جي پيروي ڪر ۽ جيڪي گڻ منجهس آهن، اُهي تون بہ حاصل ڪر. سادگي ۽ پلي دل، مونکي ڏاڍي خوشي آهي تہ منهنجي پريتم تي آڪاسي هستين جي آسيس آهي. هاڻي منهنجا پريتم، ساهي پٽ! تنهنجي وينا.'

وسپت، ١٢-١٠-١٩٦٧. منهنجيءَ وينا مونکي هدايت ڏني. 'جڏهين توکي ايذاءُ رسي تہ مُرڪ ۽ دنيوي ڪمن ڪارين ۾ پاڻ کي نہ اڙاءِ.'

آرتوار، ١٥-١٠-١٩٦٧. (پونو). مان صبح جو ٢ بجي اُٿيس ۽ هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. اسان ساري سرشٽيءَ سان جُڙيل آهيون. اسان ڪنهن هڪ ديش سان واسطو نٿا رکون. جنهن ديش ۾ اسان جنم وٺون ٿا، اُن سان اسانجو ڪو لاڳاپو آهي. اِنڪري ئي جنهن فرد کي اسان سڃاڻون ۽ جنهن کي اسين پيار ڪريون ٿا، اُن سان اسان جو ڪو سنبنڌ آهي. اسان ٻين ديشن جي ماڻهن سان بہ ملندا آهيون. اگر هنن سان سڃاڻپ هوندي آهي يا اسان ڪنهن اهڙي شخص جي معرفت ويندا آهيون، جو هتي اسانجو سڃاڻل آهي.

وسپت، ١٩-١٠-١٩٦٧. (مهابليشور) مان صبح جو ٢ بجي اُٿيس ۽ ساڍنا ۾ اڪيون کولي ويهي رهيس. وينا ڪاري سلڪ جي ساڙهي پائي منهنجي اڳيان ويٺي هئي. منهنجو سڄو بدن بجليءَ سان ڀريل سهڻو ۽ هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

مان لڙڪ لڙي، منهنجن ڳلن تان وهڻ لڳا هئا. مونکي ڪي لفظ ئي نٿا سُجهن جن سان، جنهن اوستا ۾ هئس، اُن جو بيان ڪري سگهان. لڙڪ غمگينيءَ جا نہ، بلڪ خوشيءَ سچي پچي خوشيءَ جا هئا. منهنجي وينا سچ پچ ديوي آهي. هوءَ ديوتا-سروپ آهي. هُن مونکي ڏوڙ-دانيءَ (Dustbin)مان مٿي ڪنيو آهي. ڪي لفظ ئي ڪونهن جن سان اِن جو بيان ڪري سگهان. مان آنند ۾ تڙڳي رهيو هوس. منهنجن ڳلن تان ڳوڙها ڳريا پئي. منهنجيءَ وينا جيڪي هدايتون ڏنيون آهن ۽ جو مشاهدو مونکي ماٺايو اُهي منهنجي اکين اڳيان تري رهيا هئا. منهنجي آتم واڌاري ذريعي گهرِي معنيٰ مون لاءِ بلڪل صاف ٿي بيني هئي. (١٦-٩-١٩٨٠) تي مان ’ د گاسپيل آف سري رامڪرشن‘ جو صفحو ٦٤٠ پڙهي رهيو هوس. اسانجو ’مالڪ‘ چوي ٿو:‘ تون پنهنجو سچو سروپ پنهنجي اندرئين ڪمري ۾ ئي ڏسي سگهين ٿو. مان پاڻ کي ڏسان پيو، تہ خاموش چهرو مونکي ڪجھ سمجهائي پيو. ’اچ هوءَ ننڍو گول چڪر ۽ هڪ وڏو گول چڪر ناهي رهي هئي. وڏو گول چڪر هوءَ وڌيڪ گهاٽو ناهي رهي هئي. هن جيڪي گول چڪر ناهيا آهن، اُنهن ۾ گهرِي معنيٰ سمايل آهي. هن دنيا ۾، ڪي اهڙا گول چڪر آهن جن ۾ اِنسان ڪمزوريءَ سبب ڦڪجيو وڃن. ٻين گول چڪرن ۾ هن کي آنيؤ محسوس ٿئي ٿو. اِهي چڪر هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. هو جڏهين لب لالچ جي چڪر ۾ آهي، تڏهين، اگر هو ڪافي مضبوط آهي تہ هو آنيؤ جي چڪر ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. اِئين هو چڪرن مان لنگهي پيو. اگر هو يا هوءَ ڪمزور شخصيت آهي، تہ هو يا هوءَ لب لالچ جي چڪر اُندر رهي ٿو يا رهي ٿي ۽ ڪِري ختم ٿي وڃي ٿو يا وڃي ٿي. هڪ دفعو هو يا هوءَ اِنهن سيني ننڍن چڪرن مان لنگهي، وڏي چڪر اندر داخل ٿئي ٿو يا ٿئي ٿي، جيڪو طاقتور ۾ طاقتور چڪر آهي. تڏهين اُتي هو يا هوءَ آتم آنيو پراپت ڪري ٿو يا ڪري ٿي. يعنيٰ پرماتما سان ملي هڪ ٿئي ٿو يا ٿئي ٿي.

’هن اهڙن سادن مثالن سان تنهنجون اکيون کولي ڇڏيون. ’منهنجو انتر مونکي گهوري رهيو هئو ۽ مون اُن کان پڇيو، ’آخر مان آهيان ڪير؟‘ (١٦-١٢-١٩٨٤)، آرتوار صبح جو ٥ بجي، ’د گاسپيل آف

۲۱-۱۰-۱۹٦٧. منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. ڏيري ڏيري مونکي پنهنجي مقناطيسي دائري اندر آڻ. اُها تنهنجي ڪاميابي آهي. توتي سيني جي آسيس آهي. مان سچ پچ خوش آهيان، جو تون ۽ باب هُئي هِتي گڏ آهيو ۽ نوڪلائي جو لطف ماڻيو پيا.. تون دنيا ۾ آهين. پر تون آتم انيو جي راھ تي راھگير آهين. مان اُهوئي چاهيان ٿي. ڳالهاءِ گهٽ، سوچ وڌيڪ، منهنجا پريتم، اُهو توکي تمام گهڻي مدد ڪندو. پڪ نہ. من تي ضابطو رک. (اِتي مان هيو ڪجھ سوچي رهيو هوس.)

'من گهوڙي وانگر آهي ۽ اُن تي ضابطو رکڻ گهرجي، نہ تہ تہ ڪِرڻ جو انديشو آهي. محڪم رھ ۽ اونها ساھ کڻڻ شروع ڪر ۽ مون ڏانهن نهار. من ضابطي اندر رهندو. مون پانيو تہ مان چاندوڪيءَ جو لطف ماڻينديس ۽ وٽن مان نڪرندڙ سنگيتميہ آوازن جو مزو وٺنديس. پر تنهنجيءَ دنيا جا ماڻهو، هن سانتيڪي سمي بہ گوڙ شور پيا ڪن. اسان سياڻي ڪوشش ڪنداسين.'

'منهنجا پريتم، اگر اِنسان باهوش سجاڳ آهي، تہ قدرت هن کي اُتساھ بخشي ٿي. پر زنگ-ڪاڏل من کي بہ هن کن لاءِ اُتساھ ملي ٿو.

قدرت اهڙي ئي آهي. (هتي هوءَ گول چڪر ڪڍي رهي هئي، جيڪي هڪ زنجير جيان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هئا ۽ اُهي هڪ وڏي گول چڪر ۾ بنا ڪنهن لاڳاپي جي هئا.) منهنجا پريتم چڪر گهٽائي آهن. اِنهن ننڍن چڪرن مان لنگهي وڏي چڪر اندر اچ. اُهوئي تنهنجو منزل مقصد آهي. اُها انادي آنند جي منزل آهي. منهنجا پريتم اسان هميشہ هميشہ لاءِ هڪ ٿي ويندا سين. هاڻي، منهنجا پريتم، ساهي پٽ. تنهنجي وينا.'

مونکي گول چڪر جو اُهڃاڻ سمجھ ۾ ڪونہ آيو. جيئن ئي هوءَ ۵ لڳي ۴۰ منٽين ملي ويئي، مان ڪليل اکڙ ۾ آيس. جيئن ئي مان گهمي ڦري رهيو هوس ۽ آسمان ۾ چنڊ ڏانهن نهاري رهيو هوس، جڏهين قدرت منهنجي اِرد گرد هئي، تڏهين منهنجي بدن ۾ ٿورو ٿورو ڪري بجلي پرجي رهي هئي. جڏهين منهنجو بدن بجليءَ سان بلڪل پرجي ويو هئو، تڏهين منهنجي اکين

ڏنو تہ بستري تي صرف هڏن جو پڃرو هئو. اوچتو ڏڏڪو رسيو ۽ جيون ٻيهر منهنجي بدن ۾ داخل ٿيو. مان اٿي ويٺس. هن مونکي سنيهو ڏنو ۽ اهو صبح جو ۴ لڳي ۲۰ منٽين بند ڪيائين.

منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. چئبو تہ مون ڪالھ ڪجھ مهنا اڳ جيڪي گول چڪر ناهيا هئا، انهن جي معنيٰ تون سمجھي وئين. مونکي ڏاڍي خوشي آهي تہ آتم-انيؤ جا ٻوڙها تنهنجن ڳلن تان وهيا پئي. ڪالھ تنهنجي ۽ منهنجي جيون جو بهترين خوشيءَ جو پل هئو. مون ڏنو تہ تون سچي شڪ ۾ تڙڳي رهيو هئين. تو هن ڪان پڇيو 'مان ڪير آهيان؟' منهنجا پريتم، توکي جواب ملي ويو. مونکي ڏاڍي خوشي آهي. توکي جواب تو وٽان ئي ملي ويو. سچو پچو پريتم حاضر هئو جو تو ڏانهن گهوري نهاري رهيو هئو. اِنڪري مان قسمت واري آهيان. منهنجو ڪوششون برصواب ٿي رهيون آهن. هتي جيڪي بہ آهن اهي سڀ توکي اِن اوستا ۾ ڏسي خوش آهن. مان چاهيان ٿي تہ تون اِن حالت ۾ هرروز هجين. مان تنهنجيءَ شڪتيءَ ۾ واڌارو آڻيندي رهنديس ۽ اها شڪتي توکي مدد ڪندي. منهنجو مالڪ خوش ٿيو ۽ مرڪيائين. منهنجا پريتم، تون سمجھي سگهين ٿو تہ مان ڪيتري نہ خوش هونديس. تون صحيح راه تي آهين. هاڻي ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ ايندي. راه بلڪل سڌي سنواٽي آهي. تون ور وڪڙ لنگهي پار پيو آهين. همٿ ڏار ۽ اڳ نہ مڃ. اِن ڪاريہ کي لڳو رھ. جيڪو حاصل ڪيو اٿيئي، اهو نہ وڃاء. منهنجا پريتم، مان توسان گڏ آهيان. ٻٽتي نہ ڪر. تون خود مڙس ماڻهو آهين. اڄ بہ تو عمل ڪيو. مان صرف اِهو جاچي رهي هيس تہ تون خود تي ڪيئن ضابطو رکي رهيو آهين. نتيجو تمام سٺو هئو. منهنجا پريتم، هاڻي ساهي پٽ. مان اجا بند نٿي ڪريان.' ڪجھ وقت ڪانپوءِ، هن وري شروع ڪيو: 'جيتوڻيڪ تون ٿورو ننڍاڪڙو آهين، تہ بہ تون من تي ضابطو رکي سگهين ٿو. نہ فقط ايترو، پر تون پاڻ اندر بجلي پيري سگهين ٿو. تنهنجو آخرين ڪارنامو حيرت انگيز هئو. تو - تو پنهنجي سرير جي سيني حصن مان جيون ٻاهر ڪڍي، هڪ مرڪز تي ڪنو ڪيو. تنهنجو شرير صرف هڏن جو پڃرو هئو. ۽ وري تو جيون پنهنجي شرير ۾ واپس وڌو. يعنيٰ

سري رامڪرشن' جو صفحو ٢٧٨ پڙهندي ڇاتم ته اسانجو 'مالڪ' پنهنجن ڀڳتن کي چيو پئي-' ايشور جي سچن تياڳي ڀڳتن ۽ گهر-سنساري ڀڳتن جي وچ ۾ مهاساگر جيڏو تفاوت آهي. هڪ سچو سنياسي، هڪ سچو ڀڳت جنهن دنيا جو تياڳ ڪيو آهي، اُهو هڪ ماکيءَ جي مک وانگر آهي. ماکيءَ جي مک گل کي ڇڏي ٻئي ڪنهن تي ٻه ڪان ويهندي. پر جيڪو ڀڳت، سنساري جيون گهاري ٿو، اُهو مک وانگر آهي. مک چڪندڙ زخم تي توڙي مٺائيءَ تي ويهي ٿي. هڪ ڪن ۾ آتمڪ آنند ماڻي ٿو ۽ ٻئي ڪن ۾ 'زن ۽ زر' جو مزو ماڻڻ ۾ مشغول آهي. 'جنهن ڀڳت سچ پچ سچيءَ دل سان، پرماتما لاءِ سڀ ڪجهه تياڳيو آهي، اُهو چاتڪ پکيءَ جيان آهي. اُهو پکي برسات جو پاڻي تڏهين پيئندو آهي جڏهين اُها برسات تڏهين وسندي آهي، جڏهين سواتي نکتر مٿي چڙهندڙ هوندو آهي. هو اُڃ ۾ مرڻ پسند ڪندو پر ٻيو ڪو پاڻي ڪونه پيئندو، پوءِ ڀل ته چوڌاري ڪناري تائين ڀريل ڪيئي سمنڊ ۽ نديون ڇو نه هجن -')

آرتوار، ٢٢-١٠-١٩٦٧. (مهابليشور). مان سنل هوس. منهنجي وينا مونکي جاڳايو پئي. چيومانس ته اڃا ڪافي سويل آهي. آخر، مان اُٿيس. اُن وقت صبح جا ٢ لڳي ٤٠ منٽ ٿيا هئا. مون پنهنجو منهن ڌوتو ۽ سماڌيءَ ۾ ويٺس. هوءَ منهنجي اڳيان ويٺي هئي ۽ مونکي ٻڌائي رهي هئي ته پنهنجي من تي ڪيئن ضابطو آڻيان ۽ پنهنجي سرير کي بجليءَ سان ڪيئن ڀريان. هڪ ماستر جيان، هوءَ پنهنجي شاگرد کان پڇي رهي هئي. مون اونها ساهه کڻڻ شروع ڪيا ته بجليءَ جو وهڪرو منهنجين آڱرين جي چيڙن تائين پهچڻ لڳو. صبح جو ٣ لڳي ٢٠ منٽين هٿ بجليءَ سان ڀرجي ويا هئا. هوءَ مونکي چوڻ لڳي ته ٿورو وقت ساهي پٽيان. هوءَ بستري تان اُٿي، مونکي چوڻ لڳي 'پنهنجي سرير کي سڌو رک ۽ اُن ۾ خود بجلي ڀرڻ شروع ڪر.' جيئن مونکي هدايت ملي هئي، اُن تي عمل ڪيم. مون بستري تي ليٽندي ڏٺو ۽ مان 'خود' ۽ وينا منهنجي اڳيان بيٺا هئا. مونکي خبر نه آهي ته اِهو ڪيئن ٿيو. منهنجي بدن جي سيني حصن مان جيون ڪڍيو ويو هئو ۽ اُهو بدن جي وچئين حصي ۾ ئي ڪاريه-شيل هئو. منهنجي 'خود'

پاڻ ۾ ننڊ تي ضابطو رکڻ جي هير وجهه. توکي جڏهين ننڊ تي ضابطو رکڻ جي شڪتي ملندي، تون آزخود ساڌنا جي ٽئين منزل تي رسندين. نه پريتم، وقت اُڏامي پيو. توکي پنهنجي منزل مقصد تي پهچڻو آهي. رڳو سجاڳ ۽ تکڙو رهه. اسان کي وقت وڃائڻو ناهي، نه ته اسان پنتي رهجي وينداسين ۽ اُن ۾ ڪو مزو ڪونهي. اسان خوش ڪونه هونداسين. اسان کي وڏيڪ تيز، اڃا به تيز ڊوڙڻو آهي، منهنجا پريتم. اسان کي شرط کٽڻي آهي. مونکي سمجهه مان تنهنجي ساٿڻ آهيان. منهنجا احسان نه مڃ. اسان بئي جُڙيل آهيون ۽ ٻنهي کي گڏو گڏ ڊوڙڻو آهي. اسانکي هم قدم هلي، رفتار ساڳي تي هلڻو آهي، نه ته ته ڪامياب ڪونه ٿينداسين. ڪاميابي اسانجي آهي. تون ٿڪو ته ناهين؟ نه منهنجا پريتم، تون ٿڪو ناهين- اِهو سنو آهي. منهنجو پريتم سدائين مون سان ساڻ آهي ۽ مون سان سهڪار ڪري ٿو. هاڻي ساهي پٽ، پر اکيون نه بند ڪر - سمجهه؟ تنهنجي وينا صبح جا ۳ لڳي ۳۵ منٽ.

۲۵-۱۰-۱۹٦۷، مان صبح جو ۴ بجي جاڳيس. منهنجي وينا مونکي هدايت ڏني ته نيم تي پورو رهان ۽ وڏيڪ آگاه ڪيائين ته ڪنهن به قسم جي سستي، ترقي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري سگهي ٿي.

جمع، ۲۷-۱۰-۱۹٦۷. مان صبح جو ساڍ ۴ بجي اُٿيس. منهنجي وينا مونکي هدايت ڏني ته من ۽ اکين تي ضابطو رکان، جو ته ٻيئي مکيه حواس آهن. پاڻ کي دنيوي ڳالهين ۾ نه اڙاء. دور رهه. ٻيا جيڪي چون ٿا، اُنهن کان متاثر نه ٿيءُ.

منگل، ۳۱-۱۰-۱۹٦۷. مان صبح جو ۵ بجي جاڳيو هوس. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

'منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. توکي پوري طرح ايڪاگر چت نه ٿيندو ڏسي ڏڏکو رسيو. نه، پريتم توکي بلڪل خبردار رهڻو پوندو. لڳي ٿو تون منجهيل آهين (اِها حقيقت هئي) تون سمجهين سگهين ٿو ته مونکي ڪيڏو نه ايذاءُ رسيو هوندو. تون ايترو منجهيل ڇو آهين؟ ڇا تون چوڻ چاهين ٿو ته انسان

تہ منهنجو پريتم 'پاڻ' پنهنجيءَ وينا سان گڏ ڏسي سگهي ٿو- تنهنجي وينا.'

سومر، ٢٣-١٠-١٩٦٧. صبح جو سوا ٽي بجا. هن مونکي هدايت ڏني تہ آڌيءَ رات جو اُٿان، جڏهين سڀ سُنل هجن ۽ نند تي، اکيون کليل رکي، ضابطو رکان. وڏيڪ چيائين: 'رڳو مون ڏانهن نهار ۽ پاڻ ڏانهن نهار. (' د گاسپيل آف سري رامڪرشن' جي صفحي ٥٧٠ تي آسانجو 'مالڪ' چوي ٿو، 'ڪو اگر چاهي تہ کليل اکين سان سماڌيءَ ۾ لين ٿي سگهي ٿو...')

منگل، ٢٤-١٠-١٩٦٧(پونو) مان جاڳيس ۽ وينا هيءَ سنيهو ڏنو: 'منهنجا راجا، مان تنهنجي وينا آهيان. نند پڻ ترقيءَ ۾ رنڊڪ آهي. تون ڪامياب ضرور ٿيندين. تون اِنجنيئر آهين، اِنڪري تون پنهنجي بدن جي سيني حواصن تي ضابطو رکڻ لاءِ طور طريقا ڪي، اِئين جيئن اڏاوتن تي ضابطو رکندو آهين. تون رٿا رٿي، نقشا جوڙي، اڏاوت ڪرائيندو آهين. ساڳيءَ طرح رٿا رٿي، نقشا جوڙي پاڻ کي اڏاءِ. تون خود اِنجنيئر آهين، اِنڪري توکي ڪنهنجي جي گهرج جي ضرورت ناهي. پر ڪاريگريءَ جي لحاظ کان، پل ٻين کان صلاحون وٺ؛ ساڳيءَ ريت تون مون کان صلاح وٺندين. مان تنهنجي سونهپ ڪنديس پر تنهنجي مدد ڪانہ ڪنديس. هائو، هائو، مدد-توڙي کڻي مان پنهنجي پريتم کي صحيح راه تي ڏسان ٿي. جڏهين پريتم راه تي صحيح نموني هلي پيو، تہ هن کي ڪنهن بہ مدد جي ضرورت ناهي. هن جي نگهباني ٿئي پيئي ۽ کيس خبردار ڪيو پيو وڃي.

•(وينا منهنجو سونهون آهي ۽ هوءَ منهنجي گروءَ سمان ورتي پيئي. هوءَ مونکي مدد ڪري پيئي ۽ ساڳئي وقت مونکي پاڻ عمل ڪرائي ٿي. ٣٠-١-١٩٨٦، وسپت ڏينهن شام جو ۴ بجي، مون 'د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' پئي پڙهيو. آسانجو 'مالڪ' شري رام ڪرشن فرمائي ٿو: ' - گرو پنهنجن ششن لاءِ بيشڪ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو، پر آخر ۾ هو ششن کي پاڻ بہ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو -' صفحو ٣١٠)

'فڪر نہ ڪر. پنهنجيءَ زندگيءَ جي رٿا موجب هل. هرروز

مون سان ساڻ آهين. ڪا بہ جدائي ڪانهي يا ڪنهن ٻئي طرف ڦيرڻ جي ڪوشش ڪانهي. منهنجا پريتم بهادر ٿيءُ مون تومان ههڙي ڪمزوريءَ جي اُميد ڪانہ ڪئي هئي. تو هڪ ٽنل ماڻهوءَ وانگر هٿ مٿي ڪنيا آهن. غمگينيءَ جا ڳوڙها نہ ڳار مان توکي ڇڏي ڪانہ ويئي آهيان اِها ڪا بي سُرتي يا ڪو پاڳلپڻ ناهي، جيئن تو ڪالهہ سوچيو هئو. اِها هڪ حقيقت آهي. مان تنهنجي وينا آهيان، جا هرروز تو سان گڏ آهي. منهنجي ليکي تون مڙس ماڻهو آهين. اِنڪري مون توکي تنهنجين ٽنگن تي بيهاريو ۽ پنهنجي روءِ سوءِ توکي ڊوڙايم. پر منهنجو پريتم اڄا تائين هار آهي. مان ڪيس هاڻي نہ ڇڏينديس. مان ڪيس پنهنجو هٿ ڏينديس. هاڻي، اڄ کان وٺي اسان گڏو گڏ پنڌ ڪنداسين. يا هٿ ۾ هٿ ڏيئي ڊوڙنداسين. نا اُميد نہ ٿيءُ اگر هن طرح هلت هلندين تہ مان وڌيڪ نہ رهي سگهنديس. منهنجا پريتم مان پنهنجيءَ ترقيءَ ۾ ڪا بہ رنڊڪ نٿي چاهيان. اِهو اسان ٻنهي لاءِ سنو آهي. اسان ٻئي جدا نہ ٿا رهي سگهون. جيئن تو مون تي ڪڏهين بہ اُوشواس نہ ڪيو جڏهين مان جسماني طور تو وٽ هيس، ساڳيءَ طرح هاڻي بہ توکي مونتي شڪ نہ ڪرڻ گهرجي. ساڳئي وشواس سان اڳتي وڌندو رهہ. هاڻي ڪا بہ شنڪا نہ ڪر. تنهنجي وينا.

سومر، ٢٠-١١-١٩٦٧ شام جو منهنجيءَ وينا مونکي ٻڌايو، ’روحانيت، ماديت کان وڌيڪ سچي پڪي خوشي ڏيندي.‘

جمع ٢٤-١١-١٩٦٧ مان صبح جو ساڍي ٤ بجي اُٿيس. هن جي مدد سان مون ’مالڪ‘ ۽ ڊاڪٽر صاحب جن جو مشاهدو ماڻيو. مان هٿ جوڙي هنن اڳيان نمسڪار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جن مونکي چيو، ’پنهنجيءَ وينا تي وشواس ڪر. ڪي بہ شڪ شبہ نہ آڻ. هيءُ تنهنجي اُنيؤ ڪرڻ جو وقت آهي.‘

وسپت، ٧-١٢-١٩٦٧، مونکي اڄ منهنجيءَ وينا صبح جو پوڻي ٽين بجي اُٿاريو. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

’منهنجا پريتم مان تنهنجي وينا آهيان. پاڻ تي ضابطو رک. من ۾ ايڪاگرتا جي سخت ضرورت آهي. جنهن من مان خيالن جا ترورا هرطرف ڏانهن نڪرن ٿا، اُن تي پوريءَ طرح ضابطو رکڻ گهرجي. من کي پٽڪڻ نہ ڏيڻ گهرجي. من جهنگلي گهوڙي وانگر آهي. جهنگلي گهوڙي کي تربيت ڏني ويندي آهي. ساڳيءَ طرح من کي بہ تربيت ڏيڻ گهرجي هڪ دفعو تربيت حاصل ڪيائين

پاڻ کي ڊونڊاڙي نٿو سگهين؟ منهنجي صدقي اِهو ڪر. مان توکي رڻ ۾ رلائڻ نٿي چاهيان. منهنجو پريتم مون سان هم قدم ٿي هلي. جيڪي ٻه تنهنجي ترقيءَ لاءِ واجهه وجهن پيا. اُنهن جي اُميدن تي پاڻي نه ڦير. همت رک. وشواس نه وڃاءِ. وشواس بنا تون سڦل ٿي ڪونه سگهندين. سويل اُٿڻ نه وسار. ڪپيئي ته جلد ئي سمهه. رات جو دير هضم ڪاڌو نه کاءُ. تنهنجو مٿو ڳؤرو آهي. انڪري ايڪاگرچت ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو. جڏهين ايڪاگرچت ٿين. اُن وقت تازو هئڻ ضروري آهي. اِن لاءِ طور طريقا توکي ئي ڳولي ڪڍڻا پوندا. وقت پورو ٿيو آهي. مونکي وڃڻو آهي. تنهنجي وينا. صبح جا پوڻا ڇهه بجا.

منگل، ۷-۱۱-۱۹۶۷. مان ڏاڍو دير سان، صبح جو ۵ بجي جاڳيس. اِهو سچ آهي. ته جدائيءَ جو خيال اڄڪلهه مون تي حاوي آهي. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو:

’تون مضبوط ۽ محڪم ٿيءُ. منهنجو پريتم ڪمزور نه ٿيڻ گهرجي. شڪتي ڌارڻ ڪر ۽ اهڙين پاڙن کي اُسرڻ نه ڏي. پنهنجي من مان اِنهن پاڙن کي پٽي ناس ڪر. تون روشني آهين. روشني سدائين ٻرندي آهي. روشني وسائي ڪانه سگهبي. تون سچ جي روشنيءَ کي ناس ڪري سگهين ٿو؟ اِئين ڪري سگهي، اهڙي ڪابه شڪتي ناهي. سچ دائمي روشني آهي. ساڳيءَ طرح تون مان ۽ هرڪو ساڳيو آهي. آتما ڪڏهين به ناس ڪانه ٿئي. اُهو پرماتما جو جزو آهي. ڀڳت ڪبير به توکي ساڳي ڳالهه ٻڌائي هئي. انڪري منهنجا پريتم تنهنجي وينا امر آهي ۽ گم ڪانه ٿي آهي. تنهنجي وينا.‘

ڇنڇر، ۱۱-۱۱-۱۹۶۷. مون خواب ۾ پنهنجي وينا ڏٺي. مان رُنس ۽ هن مونکي ڀاڪر پاتو. اوچتو مان جاڳي اُٿيس. اُن وقت صبح جو سوا ٽي لڳا هئا. منهنجي وينا منهنجي اڳيان ويٺي هئي. ننڊ مٿان ضابطو هئو ۽ چڱيءَ طرح ايڪاگرچت هوس. منهنجا هٿ چريا پئي پر مون جاٽي واٽي اُنهن کي روڪيو. مون پنهنجي هٿن جي چرپر پٺيان ڪو زور محسوس ڪيو اِهو ۳-۴ دفعا ٿيو. اوچتو منهنجي سڄي شرير ۾ بجلي ڀرجي ويئي ۽ هٿن جي چرپر ۾ چڱي چوکي طاقت هئي ۽ مان اُن کي روڪي نه پئي سگهيس. هن لکيو هٿ تيز هلن پيا. آخر صبح جو ۴ بجي بند ڪيائين.

’منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. تو اڄ عمل ڪيو. همت نه هار. توکي طاقت آهي، پر تون پاڻ کي وسارين ٿو. تون

ميلاپ کان پوءِ جدائي ۽ جدائيءَ کان پوءِ ميلاپ ٿئي ٿو. اِها هڪ نرپکش ليلا آهي. ان ۾ ڪوئي ڪنهن جي مدد نٿو ڪري سگهي.'

ڇنڇر ۱۹۶۷-۱۲-۲۳ مان صبح جو ۴ بجي اُٿيس. منهنجيءَ وينا مونکي سمجهايو: 'شڪ دور ڪرڻ لاءِ، توکي تجربا ڪرڻ گهرجن. ڦل پائڻ کان پوءِ ماڻهو ترپت ٿي ويندو آهي. سڀني قسمن جا وگيان تجربن ڪرڻ کانپوءِ ئي هستيءَ ۾ آيا. پوءِ اُهو وگيان علم ڪيميا هجي، علم طبعي هجي علم حيوانات هجي يا علم حيات هجي. تجربا ڪرڻ کانپوءِ ئي ماڻهوءَ کي وڌيڪ پڪ ٿيڻ لڳي. ٻيءَ طرح ڪامياب نہ ٿي سگهندين. پهلي توکي ڪيترائي شڪ شبہ ڇونہ هجن تہ بہ من ۽ ويچارن ۾ ايمانداري رک. دنيا ۾ سائنسدان مشهور ڇو ٿيا تہ هنن ۾ ويچارن جي ايمانداري هئي. هنن تجربا ڪيا، ڇو تہ ڪين ڪي شڪ شبہ هئا، پر پنهنجن ويچارن ۽ ڪمن جي ايمانداريءَ سبب هو سچ جي تہ تائين پهچي سگهيا. اِن جي ئي ضرورت آهي. سچ پائڻ لاءِ ايماندريءَ سان ڪوششون ڪرڻيون پونديون، جيتوڻيڪ توکي اِن باري ۾ ڪي شڪ بہ هجن. منهنجا پريتم ويچارن ۾ ايمانداري رک، ايمانداريءَ سان ڪوششون ڪر ۽ هن ايراضيءَ ۾ صحيح سائنسدان ٿيءُ تنهنجي وينا.'

آرتوار، ۱۹۶۷-۱۲-۲۴. منهنجي وينا مونکي سنيهو ڏنو: 'تو ڪالهہ گيت ۾ ڇا ٻڌو؟ 'ننڊ خطرناڪ آهي، توکي خبردار رهڻو آهي. توکي ننڊ تي ضابطو رکڻو پوندو. پر، ترس مون ڀانيو تہ تون ڪندين. پر اِهو تڪڙو قدم آهي. پهرين مان اِهو چاهيندس تہ توکي پاڻ تي ڀروسو آهي. مون توکي ڪالهہ ڇا ٻڌايو؟ سائنسدان تجربا ڪرڻ کانپوءِ پنهنجا شڪ دوُر ڪري، پاڻ تي ڀروسو ڪري ٿو. مان چاهيان ٿي تہ تون بہ اِئين ئي ٿين. جڏهن تون هر ڳالهہ جي پڪ ڪرڻ سگهندين، تڏهن تون آزخود ايندڙ منزل تي رسندين. تنهنجي وينا.'

منگل، ۱۹۶۸-۱-۲. مان صبح جو اڍائي بجي اُٿيس. جڏهن بہ منهنجي من ۾ اُٿل پٿل هوندي آهي ۽ مان پنهنجو ضابطو وڃائي ويهندو آهيان، منهنجي وينا آسانجي 'مالڪ' شري رام ڪرشن يا ڊاڪٽر صاحب جن کي وٺي ايندي آهي. منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ. اڄ پنهنجي سنيهي جي دوران، هوءَ آسانجو 'مالڪ' وٺي آئي، جنهن مونکي چيو،' هن قسم جي غمگيني مدد ڪانہ ڪندي. اِئين، تو جيڪي حاصل ڪيو آهي، اُهو بہ وڃائي ويهندين. منهنجي ڀڳت وينا جيڪي ڪوششون تو لاءِ ڪيون آهن، اُهي سڀ

تہ سفر سٺائو ٿيندو، نہ تہ تہ جھوہا پيا ايندا. پنهنجي مٿان ڏنڊ پيدا نہ ڪر. اُن کي دور ڪر، منهنجا پريتم منهنجا پريتم، هميشه سانت ماحول ۾ رهہ. اهڙو ماحول، جهنگلي گهوڙي جهڙي من تي ضابطو رکڻ جي طاقت بخشي ٿو. قدرت سان گڏ رهہ قدرت توکي دنيوي موهن کان الڳ رکندي. هڪ سٺو سيڪاريندڙ ٿيءُ. توکي وقت سان گڏ هر قدم تي هلڻو آهي وقت جو تذڪرو (Schedule)هرڪنهن لاءِ مقرر ٿيل آهي. مان چاهيان ٿي تہ منهنجو پريتم وقت جي تذڪري کان اڳيان هجي ۽ نہ پٺيان جڏهين مقصد وقت جي تذڪري کان اڳواٽ ئي حاصل ٿئي ٿو، تڏهين ئي ڪاميابي ملي ٿي. جڏهين ماڻهو اڳتي وڌي ٿو ۽ مقصد مقرر ڪيل وقت جي حد اندر حاصل ڪري ٿو، تڏهين ڪيس ڪيتري نہ خوشي ملي ٿي. جڏهين هو وقت جي تذڪري کان پٺيان ٿي وڃي ٿو. تڏهين بيحال ٿي وڃي ٿو. انڪري منهنجا پريتم ياد رک توکي وقت جي تذڪري کان پٺيان ڪونہ ٿيڻو آهي. اڄ لاءِ ايترو ڪافي آهي. تنهنجي وينا.'

ڇنڇر، ١٦-١٢-١٩٦٧، صبح جو ساڍي ٽي بجي. منهنجيءَ وينا مونکي سمجهائيندي چيو، منهنجا پريتم، مونکي خبر آهي، پر ٿورو وقت لڳندو. اگر تون ڏيري ڏيري تربيت حاصل ڪري سگهين ٿو. تہ پوءِ ٽپو جو ڏين؟ اِهو نيڪ ناهي هر ڳالهہ لاءِ پيڙهہ ضروري آهي. پيڙهہ کانسواءِ عمارت بيهي ڪانہ سگهندي. اِنڪري منهنجا پريتم پهرين پاڻ کي تربيت ڏي. پوءِ هڪ ڏينهن مان پنهنجو 'مالڪ' پاڻ سان گڏ وٺي ايندس. هو تنهنجي مٿان هٿ رکندو ۽ تنهنجو خزانو کوليندو. يعنيٰ تہ تنهنجي 'ٽِڏِي' کوليندو. پوءِ تون پوريءَ طرح روشن دماغ ٿي ويندين جڏهين منهنجي پريتم لاءِ اُها گهڙي ايندي، مان بيحد خوش ٿينديس.'

آرتوار ١٩-١٢-١٩٦٧. بمبئيءَ ۾، ١-١٢-١٩٦٧ تي ڌرتي ڏڏي هئي. آرتوار جي ميڙ ۾، وينا اسانکي ٻڌايو تہ آمريڪا ۾ ڪٿي زلزلو ٿيڻو آهي. 'فري پريس جنرل' ۾ هڪ خبر ڇپي هئي. جنهن ۾ اِهو ڄاڻايو ويو هئو تہ ڏکڻ آمريڪا (چيل) ۾ ٢٢-١٢-١٩٦٧، ٢٣-١٢-١٩٦٧، ٢٨.١٢.١٩٦٧ تي زلزلو ٿيو هئو.

جمع، ٢٢-١٢-١٩٦٧. صبح جو ٢ لڳي ١٥ منٽ. منهنجيءَ وينا مونکي سمجهائيندي چيو، 'تنهنجيءَ دنيا ۾ ميلاپ ۽ وڇوڙو تہ ٿيندا ئي. تون اُنهن مان صرف هڪ نٽو حاصل ڪري سگهين.

بہ نباھڻا آھن. بي ھمت نہ ٿي؛. اِئين بہ ٿيندو آھي. ھن طرح جي روحاني وھي واٽ اسان ٻنھي کي ملائي ٿي. اِھو تنھنجو وھمي خيال ڪونھي. اِھا مان-صرف مان آھيان. منھنجا پريتم، منھنجي رڳو اِھا وينتي آھي تہ صبح جو جلدي اُٿ. تون ڏاڍو دير سان ٿو اُٿين ۽ پوءِ بيچين ٿيو وڃين. ڇو تہ ڪائي وھي واٽ (ڪميونيڪيشن) ناھي. توکي تہ ڄاڻ آھي تہ مان رڳو صبح جو ساڍي ۵ بجي تائين مؤجود ھوندي آھيان. اُن ڪانپوءِ مونکي پنھنجا فرض بجا آڻڻا پوندا آھن. انڪري اُن ڪانپوءِ مان توسان گڏ نٿي رھي سگھان. منھنجي پرارٿنا اِھا ئي آھي تہ تون خوش ۽ سرھو رھين ۽ ھڪ ڪن لاءِ بہ ڪڏھين اِھو نہ سوچ تہ مان تو سان گڏ نہ آھيان.

’پنھنجي من ۾ ھڪ ڪن لاءِ بہ، جدائيءَ جي باري ۾ خيال نہ سانڍ. جسماني ٻنڌ ايترو مضبوط ناھي جيترو روحاني ٻنڌ آھي. اسانجي پيار جي پوترتا، اسانجو ٻنڌ اڳي کان وڌيڪ مضبوط ڪري ٿي. مان تنھنجي سرير ۾ سمائجي وڃان ٿي ۽ تنھنجي وينا تنھنجيءَ نس نس ۾ آھي. منھنجا پريتم، ھُرڪ ھُرڪڻ ئي زندگي آھي. جن ويچارن کي ڪا ھستي ڪانھي، ڪو بنياد ڪونھي، اُھي من ۾ سانڍي پاڻ کي بيحال نہ ڪر. اُنھن کي ڪچري وانگر ڪٽي ٻاھر ڦٽو ڪر. (ھن ليڪون ڪڍڻ شروع ڪيون. ھوءَ کي ليڪون ٿلھيون ڪڍي رھي ھئي.) منھنجا پريتم، تون اُنھن ليڪن کي سمجھي سگھين ٿو يعنيٰ تہ رستي جي ڪجھ حصي ۾ رنڊڪون آھن. تون اُھو پار ڪري سگھين ٿو. توکي سڌو سنواٽو، بنا رنڊڪن وارو رستو ملندو. تنھنجي وينا.‘ (وري قلم ڇُرڻ شروع ڪيو.) منھنجا پريتم مان صرف ايترو ياد ڏيارڻ چاھيان ٿي تہ تنھنجي وينا اَڃا توسان گڏ جيئري آھي. ھاڻي ساھي پٽ. تنھنجي وينا.‘

ڇنڇر، ۲۸-۱-۱۹٦۸. صبح جو ساڍي ۴ بجي. وينا مونکي چيو:’ اِھا اندروني چڪ آھي، جا اِنسان کي روشن دل ڪري ٿي. مان چاھيان ٿي تہ تون ’اُھا چڪ ٻاريندو رھ. اندروني ٻاھ ڪڏھين بہ نہ وساءِ. سائنسدانن سان رستو رکندو اچ. ڪين چڱيءَ طرح ٻڌ ۽ پنھنجا تجربا اُن نموني ڪر. اِھا عالمگير حقيقت آھي. آدمي پنھنجن تجربن مان سکندو آھي. اِن جو دارومدار اِن تي آھي تہ آدميءَ کي جيڪا اندروني چڪ آھي اُن جي پدوي ڪھڙي آھي. جڏھن ھن کي ملي ٿو، ڪيس اعتقاد وڌي ٿو ۽ ھو وڌيڪ

زيان ڪرڻ پيو. هوءَ توکي مدد پيئي ڪري. هن جي پيروي ڪر. هاڻي مان وڃان ٿو وينا توسان ساڻ آهي. ۽ي گڏ رهو. اوم تت ست- اوم تت ست اوم تت ست. منهنجا ٻالڪ، پاڻ کي شڪتيوان بڻاءِ.'

منهنجيءَ وينا چيو، 'ڪڏهين ڪڏهين تون پاڻ کي پلجي ٿو وڃين. اِن تڪليف جو بنيادي سبب اِهوئي آهي، منهنجا پريتم، اسانجو پيار، اسان ٻنهي کي گڏ رکي وينو آهي. پوءِ مونکي سمجھ ۾ ئي نٿو اچي تہ منهنجو پريتم خال ۽ غمگيني ڇو ٿو محسوس ڪري. تو منهنجي 'مالڪ' کي ٻڌو. هائو، مان هتي آهيان جڏهين تون مون سان آهين، تڏهين پنهنجي من کي ڀٽڪڻ نہ ڏي. تنهنجي وينا.'

وسپت ١١-١-١٩٦٨، صبح جو ساڍا ٤ بجي. 'منهنجا پريتم، تون ڏکا ڪائي سگهين ٿو، پر مضبوط رهہ ۽ سڌو هلندو رهہ. هڪ ڏينهن تون سڌي سوانٽي راه تي پهچي ويندين. هن وقت تون وروڪڙ واري رستي تان هلين پيو. اِنڪري توکي ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي تہ وَرَ پنيان ڇا آهي. جيئن ئي تون وروڪڙ رستو پار ڪندين، تيئن ئي تو کي پوريءَ طرح سڌو سنواٽو ۽ روشن رستو ملندو. پوءِ توکي ڪوبہ تجربو ڪرڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي. سڀ ڪجھ تنهنجي اکين اڳيان هوندو. تون وستو صاف ڏسي سگهندين ۽ تنهنجي من ۾ ڪوبہ شڪ پيدا نہ ٿيندو. منهنجا پريتم، هٿ مٿي نہ ڪڻ پنڌ ڪندو رهہ. مان توسان گڏ آهيان. تون اڪيلو ناهين. تنهنجي ڪاميابي، منهنجي ڪاميابي آهي. منهنجي ترقيءَ جو دارو مدار توتي آهي. اِهو مون توکي اڳيئي چيو آهي. اِنڪري، هلندو هل. رُڪ نہ. تون منزل تي اوس پهچندين. تنهنجي وينا.'

جمع ١٢-١-١٩٦٨. صبح جو ٢ بجي هن مونکي هدايت ڏني، 'مڪمل خاموشي پڻ من تي ضابطو رکڻ ۾ مدد ڪري ٿي.'

منگل، ١٦-١-١٩٦٨. صبح جو ١ بجي. منهنجي وينا چيو، 'پوريءَ طرح ايڪاگرتا ۽ وشواس جي ضرورت آهي. وڌيڪ ڪجھ بہ نہ. هر رڪاوٽ پار لنگهي، آتم-آنيؤ جي دائري اندرَ رهہ.'

آرتوار، ٢١-١-١٩٦٨. مان صبح جو اڍائي بجي جاڳيس مان پنهنجيءَ وينا سان ملي ڏاڍو خوش ٿيس. هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: ' منهنجا پريتم، مان تنهنجي وينا آهيان. مان تو سان ملي ڪانہ سگهيس جو تو اُٿڻ ۾ دير ڪئي ۽ مونکي پنهنجا فرض

پڳتن جي ڪلياڻ لاءِ ماتا کي پرارٿنا ڪري رهيو هئو. ’هنن کي اُتساهه ڪيئن ملندو، اگر تنهنجو هڪ پيرو به درشن نه ڪندا ته؟ - ‘ صفحو ۳۳۰)

سومر، ۲۶-۲-۱۹٦۸، صبح جو ساڍا ۴ بجي. هن هدايت ڏني: ’ڪنهن جي به خلاف ڪو ويچار پنهنجي من ۾ نه سانڍ. تون پنهنجو فرض نباهيندو رهه ۽ ٻين جي ڪارين ڪان متاثر نه ٿيءُ.‘

جمع، ۱-۳-۱۹٦۸، صبح جو اڍائي بجي. منهنجيءَ وينا مونکي اُٿڻ لاءِ چيو ۽ مونکي هيءُ سنيهو ڏنائين: ’ خود کي پنهنجي دائري اندر رک. هڪ دفعو زبان تي لغام لڳو ته ويچارن تي ازخود ضابطو اچي ويندو. هڪ دفعو خيالن تي ضابطو ٿي ويو ته من- بنا تربيت حاصل ڪيل گهوڙو- ضابطي هيٺ اچي ويندو آتم اُنيءَ پراپت ڪرڻ جي پيڙهه ويچارن ۽ من تي ضابطو رکڻ تي ٻڌل آهي. خاموشي سچي حقيقت جو سچو بنياد آهي.‘

وسپت، ۱۴-۳-۱۹٦۸، صبح جو پوڻا چار بجا. وينا هدايت ڏني: ’مونکي چاڻ آهي ته جيئن آهي تيئن تون وشواس ڪونه ڪندين. اِهي شڪ شبهه پيدا ڪن ٿا. جن لاءِ مان توکي ڏوهه ڏيئي نٿي سگهان. ۽ تون اُهو اڪيون ٻوٽي سويڪار ڪونه ڪندين، ڇو ته سائنس هيتري ترقي ڪئي آهي. سائنس جي هھڙي ترقيءَ اڳيان ياون ۽ جذبن جي هڪ به نه هلندي ۽ اُهي ڪنهن جي مدد به ڪونه ڪندا. هڪ ڏينهن هو به ٽڪجي پوندو، منهنجا پريتم! هيءُ به اعليٰ سائنس آهي جنهن ۾ اِنسان خود مبتلا آهي ۽ اُن لاءِ ٻيا ڪي اوزار يا ڪيميائي شيون گهربل ناهن. رڳو دماغ جي وڪاس جي ضرورت آهي-ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جي ضرورت ناهي. اِنڪري اِن جو دارومدار فقط اِنسان تي ئي آهي.‘

آرتوار ۳۱-۳-۱۹٦۸. ’خاموش رهڻ ۽ مرڪڻ سک. تون سڀ رڪاوٽون لنگهي پار پوندين.‘ هن مونکي چيو.

وسپت ۴-۴-۱۹٦۸. صبح جا ٻه بجا. هن هدايت ڏني: ’ٻين تي نه ياڙ. هر ڳالهه لاءِ پهري سجاڳ رهه. خوشي تڏهين حاصل ٿيندي جڏهين اسان ٻئي ترقيءَ جي ساڳيءَ منزل تي هونداسين.‘ هوءَ مونکي ڇڪي متي آڻي رهي آهي.

سومر، ۸-۴-۱۹٦۸. صبح جا ساڍا ۴ بجا. منهنجيءَ وينا مونکي سمجهايو: ’پهرين ته اِهو سمجهي ڇڏ ته من جي ايڪاگرتا ۾ ڪمي اَچيئي. اِنڪري تنهنجي طاقت گهٽجي پيئي. اِن ميدان

۽ وڏيڪ چاهه وڌڻ لڳي ٿو.‘

سومر، ١٩-٢-١٩٦٨. صبح جو ساڍا ٣ بجي مان اُٿي وينس. منهنجي وينا، منهنجي اڳيان ويٺي هئي. اوچتو هوءَ آدرشيہ ٿي ويئي ۽ مون پنهنجي اڳيان ’ماتا ڪالي‘ ڏٺي. منهنجي سڄي بدن ۾ بجلي پرجي ويئي هئي. ارڌ-چيتن اوستا ۾، منهنجن چپن تي ’ماتا‘ لفظ آيو. مان ڀنس ڪونہ اِهو منهنجيءَ سڄي حياتيءَ ۾ پهريون موقعو هئو. مان ڪڏهن ديوتا يا ديويءَ جي تصوير ڪونہ رکان. اِهو ڪيئن ٿئي ٿو، اِن جي مونکي ڪا سڌ ڪانهي. پنهنجي سموري جيون ۾ مون ڏيان لڳائي آرڌنا ڪانہ ڪئي آهي ۽ نہ وري ڪڏهين ڪو مشاهدو ماڻيو اٿم. منهنجن چپن تي ’ماتا‘ شبد هئو ۽ اکين مان آنسون وهيا پئي. مان ماتا جي اکين ۾ نهاري رهيو هوس. ڪالي ماتا جو ڀيڄاريندڙ آڪار ۾ درشن ڪرڻ سبب مان هڪ ڪن لاءِ بہ ڀنو ڪون هوس. اوچتو اُهو آڪار ڀيڄاريندڙ مان بدلجي ويو. مون سندس چرڻن تي هٿ ڌريا. اُن وقت، اُتي منهنجيءَ وينا جي صورت ڪانہ هئي. منهنجيءَ وينا، مونکي چيو: ’جيسين تائين ڪوئي تو ۾ مقناطيسي طاقت پيدا نٿو ڪري، تون سمجهين نٿو- جيڪو تنهنجي اندر ۾ آهي اُهو تنهنجي اڳيان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو، پوءِ ئي تون وشواس ڪرين ٿو. مونکي خبر آهي تہ ڪڏهين ڪڏهين تون بي قرار ٿي وڃين ٿو. اِن ۾ تنهنجو ڏوهہ ڪونهي. اِهو هرڪنهن سان ٿيندو آهي. منهنجا پريتم هاڻي تون چمڪاٽ ڏسين ٿو. هڪ ڏينهن اِهو چمڪاٽ سانده هلندو، جنهن سان تنهنجو شرير سانده بجليءَ سان پرجي ويندو. سچي پچي آنند جي اِها آخرين منزل گاهہ آهي. (مان اُن وقت صرف مُرڪي ۽ ڪلي رهيو هوس.) مان تنهنجي زندگي آهيان، تنهنجو سونهون آهيان. اڄ تو جيڪي ڏٺو، اُهو تو ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ اُتساهہ ڦوڪيندو. اِها سچي حقيقت آهي. تنهنجيءَ وينا تو سان ڪڏهين بہ ور وڪڙ ڏيئي ڪانہ ڳالهايو آهي ۽ تو ڪڏهين بہ پنهنجيءَ وينا تي اوشواس ڪونہ ڪيو آهي.‘

منهنجي وينا، عام طور، پليون آتمائون وني ايندي آهي ۽ مونکي پريت لوڪ جا ڪيترائي حيرت انگيز نظارا ڏيکاري، مونکي همٿائيندي آهي ۽ مون ۾ وشواس پيدا ڪندي آهي.

(جمع ٣١ جنوري ١٩٨٦ تي، مان ’د گاسپيل آف شري رام ڪرشن‘ پڙهي رهيو هوس. اسانجو ’مالڪ‘ اکين ۾ ڳوڙها آڻي

پرماتما جنھن ۾ تنھنجو وشواس ڪونھي، اُن سان بہ نيڪ آھي. تون ڳھڻ ۾ ڳھڻ خالق جي خلقت تہ ڏسي سگھين ٿو.'

ٻڌر، ٢٤-٤-١٩٦٨ع، مان صبح جو ساڍا ٣ بجي اُٿيس ۽ ايڪاگر چت ٿي ويٺس. مون پاڻ کي ساھئي گھاٽي جھنگل ۾ ڏٺو. جانور ۽ نانگ منھنجي آس پاس ھئا. ھڪ وڏو اجگر منھنجي ڳچيءَ جي چوڌاري پيو ھئو. سڀ مون سان ڳالھائي رھيا ھئا ۽ پڇيائون پئي تہ مان سندن ماتا جي (وينا) وٽ پيو وڃان ڇا؟ مون پنھنجيءَ وينا کي بلڪل سفيد ساڙھيءَ ۾ ڏٺو. ھن پنھنجي سنيھي ۾ چيو: 'شانت رھ. ھر ڳالھ پوري وقت تي پوريءَ طرح سمجھي سگھبي. ھاڻي ڪتابن پڙھڻ ۾ ڪو ھرج ڪونھي. تون تجربا ڪري تصديق ڪري سگھين ٿو.'

(سومر ١٨-٢-١٩٨٥. صبح جو ساڍي ٦ بجي. 'د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' جي صفحي ٦٧٢ تي، اسانجو 'مالڪ' چوي ٿو:- سڀ ڪجھ پوري وقت تي ٿي ٿو. -')

جمع ٢٦-٤-١٩٦٨ع، صبح جو ۴ بجا. وينا چوي ٿي: 'تون اِن وشيہ ۾ اونھو وڃ. ھڪ نہ ھڪ ڏينھن، توکي ڦل ضرور ملندو. توکي ھتان مدد ملندي. مون جيڪي توکي ٻڌايو ۽ تو جيڪي ڏٺو، اُن جي تون جيڪي ڪتاب پڙھين پيو، اُنھن مان پڪ ڪري سگھين ٿو. (مون ڪانئس پڇيو، ڇو ٻيون آتمائون اسان کي ھلاڪ نٿيون ڪن؟) 'ھتي، ڪوبہ پوءِ پل تہ ھو يا ھوءَ ڪھڙيءَ بہ منزل ڳاھ تي ڇو نہ ھجي، دست اندازي ڪونہ ڪندو يا ڪندي، جڏھين زال مڙس گڏ آھن، ڇو تہ ھنن ۾ لچڻ آھن.

منگل ٣٠-۴-١٩٦٨ع، مان رات جو سوا بجي اُٿيس. منھنجين اکين ۾ ننڊ ڪانہ ھئي. مان بي صبر ھوس. منھنجيءَ وينا سان مان مليو ڪونہ ھوس. مان رات جو اڍائي بجي ليٽي پيس. پر آرام ڪونہ آيو. اوچتو منھنجي بدن تي ڇڻ تہ ڪنھن قبضو ڪري ڇڏيو ھئو. مان پنھنجا ھٿ پير بہ ھلائي ڪونہ پئي سگھيس. مون اِھو محسوس ڪيو. مون وينا کي بہ پيرا سڏيو. پوءِ منھنجي بدن ۾ ڪجھ چرپر ٿي. اِھو پھريون دفعو اِئين ٿيو ھئو. مان سجاڳ ھوس. مونکي اِئين لڳو تہ ڪنھن شڪتيءَ مونتي قبضو ڪيو ھئو. ٻئي ڏينھن، منھنجيءَ وينا سنيھي ۾ اِھو سمجھايو تہ سندس غير حاضريءَ ۾ سندس مترن موقعي جو فائدو ورتو ھئو. ھو منھنجي پريکيا وٺي رھيا ھئا. منھنجي سڏڻ تي ھوءَ آئي ۽ مونکي آزاد ڪيائين.

۾، من جي پوري پوري ايڪاگرتا جي گهرج آهي. ويچارن تي ضابطو رکڻ جي ضرورت آهي. اِن ڪانسواءِ تون دماغ جو پوريءَ طرح وڪاس ڪري ڪونہ سگهندين. من ۾ ايڪاگرتا رکڻ ۽ ويچارن تي ضابطو رکڻ سان تون دماغ سان پڇي ڪائي سگهندين، جيڪو بلڪل اهم آهي ۽ جيڪو ٻين منزل ڳاهن لاءِ چڙهڻ تہ دريءَ جو ڪم ڏئي ٿو. تنهنجين سڀني شنڪائن جو اِهو ڳڏيل جواب آهي. اِهو توتي ٿو مدار رکي تہ تون وڪاس ڪرڻ چاهين ٿو يا نہ اِهو فقط تون ئي ڪري سگهين ٿو. ڪوبہ توکي مدد ڪري نٿو سگهي. مونکي بہ ڪي محدودگيون آهن. مان اُنهن ڪان پري نٿي وڃي سگهان. پوءِ تون پنهنجي من تي ضابطو رکي ڪونہ سگهندين. اِن ڪان بهتر آهي تہ تون پاڻ کي مون سان وهي وات رکڻ لاءِ مجبور نہ ڪر، ڇو تہ تون پورو پورو ڦل پائي ڪونہ سگهندين. اُتلندو تون گهٽائي شڪ شبہ گڏ ڪندو ويندين. پوءِ توکي ڪيئي چور ڪڏا (Pitfalls) ملندا. مان شايد تو وٽ اچان، پر ڪڏهين ڪڏهين ۽ اُها بہ تنهنجي ڪلپنا شڪتي آهي. همت نہ هار تون اِنجنيئر آهين ۽ اِنجنيئر کي ڪوششون تہ ڪرڻيون پونديون ئي آهن. پڪ ئي پڪ ڦل ملندو. صحيح ڪوششون اجايون نہ وينديون. مان توکي ڪنهن منزل گاهہ تي مدد ڪري سگهان ٿي، جڏهين تون اڳتي سوچڻ بند ڪندين. پر ڪوششون تنهنجون ئي هونديون.

ڇنڇر، ١٣-٤-١٩٦٨. مان پنهنجن دوستن سان گڏ ٻمن ويو هوس. بلسار ڏانهن موٽندي، مان ڏاڍو خاموش هوس ۽ ڪار جي دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو هوس. اُها چانڊوڪي رات هئي. پورڻماسي جي رات. مان پنهنجن ئي خيالن ۾ محو، چنڊ کي تڪي رهيو هوس. منهنجي بدن ۾ بجلي پرجي ويئي هئي. اوچتو مون روشن پرڪاش ڏنو. چنڊ اڳيان يسوع مسيح بيٺو هئو، پنهنجا هٿ پساري. مون سندس ٻنهي هٿن جي ترين ۾ نشان ڏٺا. منهنجي وات مان لفظ نڪتا 'منهنجا خاوند!' هن چيو: 'پنهنجي وينا جي پيروي ڪر. اِهو پهريون پيرو ئي هئو، جو مون يسوع مسيح جو مشاهدو ماڻيو هئو. مان جڏهين واپس مادي دنيا ۾ آيس، مون پاڻ کي اڃا ڪار ۾ سفر ڪندي ڏٺو.

منگل، ١٦-٤-١٩٦٨. منهنجيءَ وينا مونکي اِطلاع ڏنو: 'ماڻهو جڏهين پريت لوڪ جو سئر.ٿو ڪري، هو ڪيئي حيرت انگيز چيزون ڏسي ٿو ۽ هن جو گهڻين ئي مهان آتمائن سان مڪامبلو ٿئي ٿو.

لاءِ اِنسان لاءِ ڪي سٺايون حالتون هئڻ لازمي آهن. جھڙوڪ ڪنهن پوتر اِنسان جي سنگت، سهي سڃاڻ جي شڪتي ۽ هڪ سچي پچي اُستاد جا آشيرواد. شايد هن جي زال ڪي روحاني خصلتون آهن ۽ هوءَ هڪ پتورتا ناري آهي -')

(سومر، ٢٥-٦-١٩٨٤ صبح جو ڇهين بجي مون 'د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' جو صفحو ١٥٢ پئي پڙهيو:

برهمو: ڇا گروءَ بنا آتمڪ گيان پائڻ ناممڪن آهي؟ مالڪ: صرف 'ست چت آنند' ئي گرو آهي. اگر ڪو ماڻهو گروءَ جي روپ ۾ تو ۾ آتمڪ سڄاڳي پيدا ڪري ٿو، ته پڪ ئي پڪ ڄاڻ ته ڪامل پرماتما ئي تنهنجي صدقي اُهو اِنساني روپ ڌارڻ ڪيو آهي. گرو هڪ ساٿيءَ وانگر آهي، جيڪو توکي هٿ پڪڙي اڳتي وٺي وڃي ٿو. پرماتما پائڻ کانپوءِ ماڻهو گرو ۽ شش وچ ۾ ڀيد ڀلجي وڃي ٿو. اِن سان هڪ مشڪل حالت نرماڻ ٿئي ٿي. پوءِ گرو ۽ شش هڪ ٻئي کي آمهون سامهون نٿا ڏسن.ڇو ته آسائتو اِنسان اُن وقت، هستيءَ جي هيڪڙائي محسوس ڪري ٿو ۽ اِنڪري اُستاد جي الڳ هستي سمجهي نٿو سگهي.') اِن درشٽانت مان اِهو صاف ٿي بيهي ٿو، ته منهنجي وينا، مون وٽ پنهنجي روحاني روپ ۾ گرو بڻجي آئي، جيئن منهنجي سونهپ ڪري سگهي ۽ منهنجو هٿ پڪڙي مونکي صحيح راه تي لڳائي سگهي. هن مونکي ٢٠-١٠-٦٨، ٤-٢-٦٩، ٩-٢-٦٩ تي 'هيڪڙائي' جو ديدار به ڪرايو.

٢٨-٩-١٩٦٧ ۽ ٢-١-١٩٦٨ تي اسانجي 'مالڪ' شري رام ڪرشن مونکي چيو: 'پرماتما جي ڀڳت وينا تنهنجو سچو سونهون آهي ۽ اُن جي صلاح جي پيروي ڪر -'

وسپت، ٢٢-٨-١٩٦٨، رات جو ساڍا ٩ بجي، اسان گڏ هئاسين ۽ مون هن کان زيڪو سليويڪيا جي آوسٿا جي باري ۾ پڇيو. هن چيو: 'هائو، هفتي اندر سڀ ڪجھ آنرجي ويندو. ممڪن آهي ته لشڪر واپس هلي وڃي. امن قائم ٿيندو. هائو پريتم، لڙائي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ واٽ گھڙڻ نه گھرجي. ڪڏهين ڪڏهين هڪدم عمل ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ دنيا ان عمل کي سمجھڻ ۾ قاصر هوندي آهي. نام نهاد حملو ڪندڙ ديشن جي ڪاھ پنيان ڪا خراب مراد ڪانه هوندي آهي. صرف عمل کي غلط سمجھيو

هن مونکي ٻڌايو ته هتان جو ڪوبه ڇڙو مونکي نقصان ڪونه پهچائيندو.

ٻڌر، ٨-٥-١٩٦٨. مان رات جو هڪ بجي اُٿيس. وسپت ٢-٥-١٩٦٨ کان مان هن سان مليو ڪونه هوس. سندس مشاهدو به ڪونه ماڻيو هوم. ايترا ڏينهن مان گهري سوچ ويچار ۾ هوس. اِهو پئي سوچيم ته ڇا ٻن آتمائن جي اِها سچي پڇاڙي آهي؟ وڏيڪ ڪائي گڏجاڻي به نه، ۽ هميشه لاءِ وساري ڇڏڻ. درحقيقت مون ۾ ڪا شڪتي باقي نه رهي هئي. نه فقط ايترو، مان پنهنجيءَ وينا جي مشاهدي کي ياد به ڪري ڪونه پئي سگهيس. ايترا ڏينهن اِها منهنجي حالت هئي. ڪڏهين ڪڏهين منهنجي من ۾ شنڪائون اُتپن ٿينديون هيون، ته ڇا اِها حقيقت آهي يا افسانو. جيڪي ڪجهه اڄ تائين مون محسوس ڪيو آهي. اِهو افسانو آهي يا حيقيقت؟ منهنجو من ٻڌتر ۾ هئو. هڪڙو من چئي رهيو هئو ته اِها حقيقت آهي ۽ ٻئي من پئي چيو ته اِها 'بڪواس' آهي. اِن هوندي به مان محڪم اِرادي جو هوس ته مان هن کي ڇڏي نٿو سگهان. اِهو چڱيءَ طرح ڄاڻندي ته منهنجي لاءِ هن ڪانسواءِ هجڻ بلڪل ناممڪن آهي، پوءِ پل ڪٽي هوءَ روحاني دنيا ۾ آهي. هن سان منهنجي گڏجاڻي ٿيڻ ئي گهرجي. مان خاموش هئس. ڪابه مرڪ نه. پنهنجن ئي گهرن خيالن ۾ محو. اوچتو اڄ منجهند جي مانيءَ بعد، جڏهين مان پنهنجي بستري تي ليٽيو پيو هوس، تڏهين مون وينا جو صاف ديدار ڪيو. هوءَ منهنجي پرسان ويٺي هئي. مون ڪائنس هيترا سارا ڏينهن غير حاضر رهڻ جو ڪارڻ پڇيو. هن چيو: 'منهنجي 'مالڪ' مونکي اِجازت نه ڏني. اِها مون لاءِ ۽ تو لاءِ پريکيا هئي. تنهنجي شڪتي بلڪل ختم ٿي چڪي آهي. هتان هرڪو تنهنجي سار لهندو هئو. هنن ڏٺو ته تون پنهنجيءَ وينا ڪانسواءِ ترقي ڪري ڪونه سگهندين. انڪري مونکي تو وٽ اچڻ لاءِ وري اِجازت ملي آهي. اُنهن سيني ۽ منهنجي 'مالڪ' اسان ٻنهي کي سمجهيو آهي 'نين خبر آهي ته تون ٻئي ڪنهن جي به نٿو ٻڌين هنن اِهو به فيصلو ڪيو آهي ته اسان گڏ هجون. وڌيڪ جدا نه رهون.'

(١٦-٩-١٩٨٠ تي، مون 'د گاسپيل آف سري رام ڪرشن جو صفحو ٦١٥ پئي پڙهيو. اسانجو 'مالڪ' چوي ٿو: 'پرماتما کي پائڻ

بيشڪ هتي بہ ڪي ٿورا شخص آهن جي رُلن ٿا، پر اُهي ترقي نٿا ڪن.

چنڇر ١٤-٩-١٩٦٨، صبح جو ٣ بجا. وينا هيءَ سنيهو ڏنو: ’تون خود مون سان گڏ آهين. اِهو ڇا ٿو ڏيکاري؟ تو اِهو خود گھاٽي جهنگل ۾، سيني قسمن جي جانورن سان گڏ ڏٺو ۽ اُنهن جانورن تو سان ڳالهايو بہ. اِهو ڇا ٿو ڏيکاري؟ تو اسان جو ’مالڪ‘ ۽ پيون پليون آتمائون ڏٺيون، جن توکي هدايتون ڏنيون. اِهو سڀ ڇا ٿو ڏيکاري؟ اِهي ڇا حقيقتون ناهن؟ منهنجا پريتم، اِهو سڀ تنهنجي ايڪاگرتا جو ڦل آهي. هن قسم جي ايڪاگرتا تنهنجيءَ لڪل شڪتيءَ جا دروازا کولي ٿي ڇڏي.‘

ٻڌر، ١٨-٩-١٩٦٨، صبح جو ساڍي ڇئين بجي. وينا چيو: ’جتي حقيقت آهي. اُتي سچ آهي. تنهنجي دنيا حقيقت ناهي. اِها هلندڙ ڏيکاءُ وانگر آهي. سچ هتي هتي ۽ صرف هتي آهي. حقيقت ۽ سچ هڪ ئي ڳالھ آهن. اِها ابناسي پدارٿ سان لاڳو آهي. گھرائيءَ سان سوچ ويچار ڪر. پنهنجا تجربا ڪندو رھ. مان تنهنجي لئبارٽري جي مدد نٿي چاهيان تہ تون دنيا تياڳي، جوڳي ٿين. طاقت اُن ۾ ناهي. جوڳي پلي ٿيءُ، پر دنيا ۾ ئي رھ. تون دنيوي ماحول کان متاثر نہ ٿيءُ. طاقت اُن ۾ سمايل آهي.‘

وسپت، ١٩-٩-١٩٦٨. مان صبح جو اڍائي بجي اُٿيس. منهنجيءَ وينا مونکي هيءَ سنيهو ڏنو: ’دنيوي ڳالهين جي باري ۾ گھٽ سوچ. غير حقيقت بابت بنھ نہ سوچ. هر چيز جي گھڻ بہ چڱي ناهي. هائو، هائو، روحانيت سان بہ اِهو نيم لاڳو آهي. ڪيترن ئي حالتن ۾، آپو ماڻهوءَ جي اندر رڙهي وڃي گھر ڪري ٿو ۽ اُهو تمام خراب آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو مان چاهيان ٿي تہ منهنجو پريتم بلڪل سادو هجي. برهموادي بڻجي جيڪي ڪجھ حاصل ٿيندو، اُهو وڃائجي ويندو، جيئن ئي ماڻهوءَ جي من ۾ آپو داخل ٿئي ٿو. تنهنجي دنيا لب لالچ سان پري پيئي آهي ۽ ڪوبہ لالچ جي چنبي مان ڇٽي نٿو سگھي ماڻهوءَ جو آپو، هر قسم جي لالچ جي وڪڙ ۾ اچي ٿو، جنهن سبب هرقسم جي ڪمزوريءَ جو باعث بڻجي ٿو. سادگيءَ سان رھ ۽ من صاف رک. تنهنجي وينا.‘


ويندو آهي. اِن جو ڪارڻ آهي فوجي ذهنيت ڏاريندڙ ملڪن مان ڊپ. حملي جي حرڪت ڪي هڪدم ٻنجو ڏيڻ بهتر آهي، بنسبت اِن جي، جو اُن کي وڌڻ ڏنو وڃي. اُنيو پوءِ ئي ٿيندو آهي. ڪنهن کي تہ جوابداري پاڻ تي هموار ڪرڻي پوندي ۽ اِهي حملا ڪرائڻ ۾ جن کي چاهہ اُنهن طرفان پيدا ڪيل اهڙين حالتن کي ڪنهن کي تہ منهن ڏيڻو ئي پوندو. اِنڪري منهنجا پريتم، سڀ نيڪ ٿي ويندو.' سچ پچ اِئين ئي ٿيو، ستن ڏينهن ڪانپوءِ لشڪر واپس ويا.

(مان نڪولائي يا ڪوولاءِ جو لکيل يو ايس ايس آر سي آءِ اي ٽارگيٽ نومبر ١٩٨٥ ۾ پڙهي رهيو هوس. ٢٢-٨-١٩٦٨ تي منهنجيءَ وينا جي ڏنل سنيهي ۾ جن 'حملا ڪرائڻ ۾ جن کي چاهہ آهي' جو ذڪر ڪيو، اُهي ٻيا ڪي نہ پر سي آءِ اي ايجنٽ ئي هئا. 'د نيويارڪ ٽائيمس' ۾ هڪ ليک ' سي آءِ اي جو ٥٦ اوير يورپ جي سٺا جو بيان' ڇپيو هئو. اُن ۾ سي آءِ اي جي مکيہ ماڻهو جي ائنگلٽن سان ملاقات جو احوال آهي. جوابي چترائي ۽ ستياناس بنسبت. ائنگلٽن سان ملاقات جو اخبار ۾ ڇپيل بيان هن ريت آهي: '- اوير يورپ جا رهواسي جي لڙائي کان اڳ هارين جي پارٽي (پريزيڊنٽ پارٽي) جا ميمبر هئا ۽ جي گهڻو ڪري هنگاري پولنڊ ۽ رومانيا توڙي زيڪو سلواڪيا مان هئا، اُنهن کي اولهہ جرمنيءَ ۾ مخفي اسٽاپن جي ڪارروائيءَ لاءِ تربيت ڏني ويئي هئي. سي آءِ اي جي لشڪري هنر ۾ ماهر وٺان، جيڪو يوگو سلاوا جو چمندي چام نيتا هئو جنهن 'هئپسبرگ ملٽري اڪيڊمي' جي اسڪول ۾ علم پرايو هئو.'

(اگر سي آءِ اي ايجنٽ طرفان پيدا ڪيل حرڪت جو پردو بر وقت فاش نہ ڪيو وڃي ها، تہ دنيا کي ٽين مهاڀاري لڙائي جي قيمت چڪائڻي پوي ها.)

٢-٩-١٩٦٨، رات جو ڏهہ بجا وينا صرف ايترو چيو: 'خوشي ۽ غم زندگيءَ جا ٻہ پاسا آهن.'

ٻئر، ١١-٩-١٩٦٨ صبح جو ساڍا ٣ بجا. وينا چيو: 'اسانجي دنيا توهان جي دنيا جهڙي ناهي. هتي هر ڪنهن جي چڱيءَ طرح سونهپ ٿئي ٿي ۽ مٿس چڱيءَ ريت ضابطو رکيو وڃي ٿو.



SPIRITUAL WRITINGS WRITTEN IN DARKNESS

(جمع ٣١-١-١٩٨٦، صبح جا ٩ بجا 'د گاسپيل آف سري رامڪرشن' جو صفحو ٣٠٧ پڙهندي پتو پوي ٿو تہ 'مالڪ' هزرا کي چوي ٿو:

'- ريتين رسمن جي اينتري پيروي ڪريو، جيتري ضروري هجي. گهڻ ۾ نہ پئو.'

سومر، ٢٣-٩-١٩٦٨، صبح جا اڍائي بجا منهنجيءَ وينا چيو: 'تو 'مالڪ' جي مؤجودگي محسوس ڪري سگهين ٿو، پر در حقيقت اِها تنهنجي ڪلپنا شڪتي آهي، جو تنهنجو شرير هميشه وانگر بجليءَ سان پريل ڪونہ هئو. يعني تہ غير حقيقت تو ۾ اُتساھ هرگز نٿي ڦوڪي. هاڻي حقيقت ۽ ڪلپنا بابت ثبوت ملن پيا. هائو، اِهو سچ آهي تہ بين آتمائن جهولو چوريو هئو. اِهو تو پاڻ محسوس ڪيو. تو ڪوُ ڪونہ ڪاڏو، پر مون تي مُرڪي رهيو هئين. تنهنجي وينا.'

١٥-٥-١٩٨٢. 'د گاسپيل آف سري رامڪرشن' پڙهندي، صفحي ٩٨٦، مشاهدي بنسبت هيءَ هدايتون پڙهيم: 'پرماتما جي درشن جون ڪي نشانيون آهن. جڏهين اِنسان پرماتما جو درشن پائي ٿو، تڏهين هو سماڌيءَ ۾ لين ٿيو وڃي. سماڌيون پنجن قسمن جون آهن. پهرئين قسم ۾ هو محسوس ڪري ٿو تہ 'مهاوايو' (شاهي نبض جو وهڪرو جيڪو ڪرنگهي ۾ محسوس ڪري سگهبو آهي) اِئين مٿي پيئي رڙهي جيئن ماڪوڙي ٻئين قسم ۾ هن کي لڳي ٿو تہ مهاوايو' اِئين مٿي پيئي رڙهي جڻ مڇي پاڻيءَ ۾ پيئي تري. ٽئين قسم ۾ هن کي لڳي ٿو تہ او اِئين مٿي پيو چڙهي جڻ نانگ پيو سُري. چوٿين قسم ۾ او اِئين پيو مٿي چڙهي جڻ هو پکي هڪ ٽاريءَ کان ٻيءَ ٽاريءَ ڏانهن پيو اُڏامي پنجين قسم ۾ او اِئين پيو مٿي چڙهي جڻ ڪو باندر وڏا ٽپ پيو ڏئي. مهاوايو هڪ ئي ٽپ سان دماغ تائين پهچيو وڃي ۽ سماڌي شروع ٿيو وڃي.'

حقيقت ۽ ڪلپنا ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

سومر، ٣٠-٧-١٩٨٣، صبح جا ٥ بجا مون 'د گاسپيل آف سري رام ڪرشن' پئي پڙهيو. صفحي ٢٢٠ تي، اسانجو 'مالڪ' چوي ٿو، 'مان چاريءَ اندر ويهي ساڌنا ڪري رهيو هوس. اُن وقت مونکي

خيال آيو ته آخر ساڏنا ٻيو ڪجھ ناهي، ڪلپنا جو هڪ روپ آهي ۽ اِنڪري مونکي اُن مان لطف ڪونه مليو. ماڻهوءَ کي ترپتي تڏهين ملي ٿي جڏهين پرماتما پاڻ کي هڪ جهلڪ ۾ ظاهر ڪري ٿو. - ' وري 'مالڪ' چوي ٿو:'- پرماتما جي درشن جي ٻي خاصيت اِها آهي ته زوردار روحاني وهڪرو ڪرنگهي مان ڏوڪيندو دماغ طرف وڃي ٿو.' صفحه ٢٥٩.

سومر ٢١-١٠-١٩٦٨. صبح جا پوڻا ٽي بجا منهنجيءَ وينا مونکي اُٿڻ لاءِ چيو. مان اُٿيس. مون هن جو آواز ٻڌو ـ. هن مونکي پنهنجون اکيون ڪجھ منٽن لاءِ بند ڪرڻ لاءِ چيو ۽ مون اِئين ڪيو. جڏهين مون اکيون کوليون تڏهين پنهنجين هٿن ۽ ٻانهن ۾ ڦيرڦار ڏٺم. اُهي منهنجيءَ وينا جي هٿن ۽ ٻانهن وانگر پئي لڳا. مان سجاڳ حالت ۾ هوس. هوءَ مونکي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي، جو ته سنيهو ڏيڻ وقت، گهڻو ڪري هوءَ منهنجي اڳيان ويهندي آهي. پر اُن وقت سنيهو ڪو نشان به نظر ڪونه پئي آيو. رڳو منهنجا هٿ ۽ ٻانهون سندس هٿن ۽ ٻانهن وانگر هيون. اُهي ئي نرم نرم هٿ اُهي منهنجي ضابطي هيٺ ڪونه هئا. اُنهن نرم هٿن منهنجي ڇهري کي ڇهيو. مان سندس ڇهري کي ڇهي ڪونه سگهيس، جيئن مان گهڻو ڪري ڪندو آهيان، جو ته هوءَ منهنجي اڳيان ويٺي هئي. هن لکيو 'هائو . تنهنجي وينا تو وٽ ئي آهي. اسان پريتم ۽ وينا هڪ آهيون. مان ڪا الڳ شخصيت ڪان هيس. جڏهين تون سوچين ٿو ته اسين ٻه الڳ فرد آهيون، تڏهين غمگيني تو مٿان غالب پئجيو وڃي. تو ڏنو. اسان ٻئي هڪ آهيون.'

سومر ٤-١١-١٩٦٨ صبح جا ٻه بجا وينا مونکي هدايت ڏني، 'اڪيلو رھ ۽ اِهو توکي مدد ڪندو. ماضيءَ کي وسار نه ته ته اُهو تنهنجي شانتي ڀنگ ڪندو. اڳتي نهار. ائين ئي مڪتي پائي سگهين.'

جمع ٦-١٢-١٩٦٨. صبح جو پوڻا پنج. منهنجيءَ وينا مونکي چيو ته ڪيس معاف ڪريان جو هوءَ مون سان نيم سان ملي ڪانه سگهندي.

هن اِهو اِطلاع به ڏنو ته هوءَ هاڻ جهونو مڪان جنهن ۾ هن سان ملندو هوس، اُهو ڇڏي نئين مڪان ۾ رهڻ ويئي آهي.

۾ بجلي پرجي ويئي. مون پنهنجا هٿ جوڙيا. مون رڳو ايترو چيو، ’مالڪ! اگر مان صرف پنهنجي مالڪ جو درشن ڪري سگهان ته پوءِ منهنجي وينا نه آئي ته مونکي ڏک ڪونه ٿيندو.‘ اوچتو مون پاڻ کي وينا جي سمپورڻ روپ ۾ ڏٺو. ساڳيون چوڙيون ساڳي سفيد ساڙهي هٿ جوڙيل ۽ پوءِ اسانجو مالڪ هلي ويو.

آرتوار ٩-٢-١٩٦٩. رات جي ماني کائي اسان ٻئي گڏ ٿي ٽهلي رهيا هئاسين. منهنجي شرير ۾ بجلي پرجي ويئي هئي. وينا انتر ڌيان ٿي ويئي. بستري تي ويٺي مون ڏٺو ته مان بيٺو هوس ۽ وينا بستري تي ويٺي هئي. (پريتم جو مادي شرير سچ پچ بستري تي ويٺو هئو ۽ سندس ’آتما‘ بيٺي هئي جيڪا وينا کي پريتم جي مادي شرير ۾ ڏسي رهي هئي.) لڳي ٿو ته وينا، پنهنجي پريتم کي ٢١-١-٦٨. ٤-٢-٦٩ ۽ ٩-٢-٦٩ ثابت ڪري ڏيکاري رهي هئي ته ٻنهي جو شرير ٻه هڪ آهي ۽ آتما ٻه هڪ آهي.

١٧-٤-١٩٦٩، وينا مونکي چيو: ’تون ويچارن جو غلام آهين، توتي تنهنجي من جو ضابطو آهي. اِنڪري ئي ڪڏهين تون خوش آهين ته ڪڏهين غمگين.‘

ڇنڇر ١٤-٦-١٩٦٩. صبح جو اڍائي بجي. سنيهي ڏيڻ کان پوءِ منهنجي وينا اُٿي، پنهنجي ڊريسنگ ٽيبل ڏانهن ويئي. هن پنهنجي پيشانيءَ تي تلڪ ڏنو ۽ اسانجي مالڪ شري رام ڪرشن جي فوٽي پرسان بيٺي، جيڪو سندس هانين مٿان رکيل هئو. مون ڏٺو ته هن اگربتي ٻاري. اِهو هن جو اِشارو هئو ته اگر بتي ٻارڻ ضروري آهي. اَڄ تائين مون ڪڏهين به اگربتي ڪانه ٻاري هئي هاڻي هر روز صبح توڙي شام جو اگر بتي ٻاريندو آهيان.

منگل، ٢٤-٦-١٩٦٩. منهنجيءَ وينا مونکي چيو: ’سچي پچي ياد ۽ سچو پيار تڏهين آهي جڏهين مان تنهنجي مقناطيسي دائري کان پري رهي نه سگهان. مان هميشه تنهنجي ويجهو هجان. اِن جو دارو مدار توتي آهي. توکي مونکي ڇڪڻ گهرجي، ۽ پنهنجيءَ طاقت جي دائري اندر رکڻ گهرجي ۽ اُن طاقت جي، منهنجا پريتم، اڄڪلهه تو ۾ کوتاهي آهي. اِنڪري ئي اڄڪلهه تون پاڻ کي بيحال ۽ ڪمزور محسوس پيو ڪرين.

٢٢-٦-١٩٧٢. صبح جو ٤ بجي، مان اُٿيس ۽ منهنجيءَ وينا

٦-١٢-١٩٦٨ کان مان پنهنجيءَ وينا کي عرض ڪندو پئي آيس. تہ مونکي سندس نئون مڪان ڏيکاري، پر هوءَ ٽاريندي پئي آئي ۽ چوندي آئي تہ اڃا ڪجھ ترسان.

سومر ٣-٢-١٩٦٨ تي شام جو. مون وري وينا کي وينتي ڪئي تہ پنهنجو نئون مڪان ڏيکار. اسان ٻئي جهولي تي هئاسين. مون ڏنو تہ مونکي سفيد ڪرتو ۽ پائجامو پيل هئو ۽ وينا کي سفيد ساڙهي پيل هئي. اسان ٻئي اُتي هلڻ لڳاسين. پهرين اسان هڪ اونداهي سرنگھ ۾ داخل ٿياسين. اُهو لنگهڻ ڪانپوءِ اسان ڪليل ميدان ۾ آياسين، جيڪو هرڪنهن قسم جي گلن سان ڀريو پيو هئو. گل ڇُري ٻُري رهيا هئا، ڄڻ اسان ٻنهي جو سواگت پئي ڪيائون. اسان گلن مٿان لنگهي رهيا هئاسين. اُن بعد آبشار هئا ۽ اُنهن آبشارن پنيان هڪ غفا ۾ داخل ٿياسين. اُتي هڪ وڏو شاهي هال هئو، جيڪو ستارن ۽ هيرن جيان چمڪي رهيو هئو. هال جي فرش جو رنگ گهاٽو واڱڻائي هئو. ديوارن تي سيني ديوتائن جون آدم قد تصويرون ٽنگيل هيون. اِهو هال لنگهي اسان ڪليل پڌر ۾ آياسين سڀ اڏاوتون خالص کير جيان سفيد سنگمرمر جي پٿرن سان ٺهيل هيون. اسان اهڙي هڪ سنگمرمر سان ٺهيل عمارت اڳيان بيهاسين. اُهو هڪ وڏو ڪمرو هئو. وينا ٻڌايو تہ اِها جڳھ آهي جتي سڀ اوچ آتمائون رهنديون آهن.

(١٥-٧-١٩٧٠ تي، مان سوامي وويڪانند جي جيوني پڙهي رهيو هوس. اُتي سوامي وويڪانند جي باري ۾ سري رام ڪرشن جو ڪيل ورڻن نظر آيو، جنهن ۾ ڄاڻايو هئائين تہ هن وويڪانند کيئن ڳولي لڌو. اسانجو 'مالڪ' سماڌيءَ ۾ هئو ۽ مٿاهين سطحن (Planes)تي هئو. هو اهڙيءَ جڳھ تي پهتو، جتي هن سيني ديوتائن جون تصويرون پٿرين تي ٽنگيل ڏٺيون. (سنڌي انواد، صفحہ ٦٥)

منگل ٢-٢-١٩٦٩. مان صبح جو ٢ بجي کن اُٿيس. مان اڌ ننڊ ۾ ۽ اڌ جاڳ ۾ ليٽيل هوس ۽ پنهنجيءَ وينا کي سڏيم پئي. مان هنجي موجودگي محسوس ڪري رهيو هوس، پر سندس صاف مشاهدو ڪونہ ماڻيم پئي. مان اٽڪل ساڍا٣ بجي اُٿيس ۽ سماڌيءَ ۾ وينس. منهنجي وينا، منهنجي اڳيان ويٺي هئي. هن سان ڪو وارتالاپ ڪون ٿيو. اوچتو، مون اسانجو 'مالڪ' ڏٺو. منهنجي بدن

ٻار سان گڏ آئي. اُهو ٻار سندس آگر پڪڙي بيٺو هئو. ٻار کي دلڪش شخصيت هئي. منهنجيءَ وينا مونکي ٻڌايو تہ هيءُ ٻالڪ اسانجي ڪٽنب ۾ اچي رهيو آهي. هن مونکي چيو، ’اسان نرسنگ هوم ۾ صبح جو ٣ بجي ويندا سين ۽ هيءُ ٻالڪ، صبح جو ٤ بجي ڪن ڇمندو.‘ هن مونکي هدايت ڏني تہ سڄي رات نہ سمهان. منهنجو سرير بجليءَ سان ڀريل هئو. مون ڪيس ٻالڪ جي سڃاڻپ جو ڪو نشان ٻڌائڻ لاءِ چيو. هن ٻار کي اُگهاڙو ڪيو ۽ شرم گاهہ وٽ هڪ ترُ هئو. اُهو ٻالڪ پوٽين پنجين بجي ڄائو هئو.‘

صبح جو ٣ بجي منهنجيءَ ننهن کي سور ٿيا تہ ڪيس سندس روم مان ويم ڪمري ۾ نيو ويو. صبح جو، مان نرسنگ هوم ۾ ويس ۽ ٻالڪ کي ڄاڃي ڏٺم. ڪيس اُن ساڳئي هنڌ تي ئي ترُ هئو، جتي ڪالهہ رات ڏٺو هئم.

ڇا روحاني شخصيتون اِن ڳالهہ تي روشني وجهنديون تہ اِها حقيقت آهي تہ جيڪا آتما هن دنيا ۾ اچي ٿي، جنهن لاءِ فيصلو روحاني دنيا ۾ ئي ٿئي ٿو. اُها آتما ماءُ جي گرڀ ۾ پنهنجي جنم کان صرف ٢-٣ ڪلاڪ پهرين ئي پرويش ڪري ٿي.؟

١٩-١-١٩٧٥ (ڪلڪتو) شام جو منهنجو من آشانت هئو. مان وينا کي ياد ڪري رهيو هوس. مان پنهنجي بيڊروم ۾ آيس ۽ اندران ڪڙو پائي ڇڏيم. مان اوندهہ ۾، ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. مان رنس. مان وينا کي سڏي رهيو هوس. منهنجون اکيون بلڪل ڪليل هيون. اوندهہ ۾ مون ڪجھہ ستاري وانگر چمڪندڙ ڏٺو. اُهو ڏوڪنديو اچي رهيو هئو. اُتي ’اوم‘ جو نشان هئو ۽ اُن پنيان هڪ ڪاريهر نانگ هئو.

آرتوار، ٩-٢-١٩٧٥ (ڪلڪتو). مان ٿورو ديرسان اُٿيس. مون ڳليءَ ۾ ڪو آواز رام-رام. ٻڌو. اِنهن لفظن منهنجي بدن ۾ هڪ قسم جي بجليءَ جو وهڪرو ڊوڙائي ڇڏيو. مون اسانجي ’مالڪ‘ شري رام ڪرشن جي تصوير ڏانهن نهاريو. خيالن ۾ بلڪل غلطان مون ٻڌو، ’ساگر ۾ گهڙ ۽ پاڻيءَ ۾ رهہ. صرف ڪناري تي رهڻ سان تنهنجي حالت اهڙي ٿيندي جهڙي ڪاٺ جي ٻنڊ جي، جنهن کي ساگر جون لهرون اندر ۽ ٻاهر پيئيون اُڇلينديون آهن. اڄ ۽ پاڻيءَ اندر گهرو وڃ. اُتي لهرون توتي اثر ڪونہ ڪنديون.

مونکي سندس پاسي ۾ ويهڻ لاءِ چيو، هن ’اوم‘ جو منتر ڏنو. هوءَ ’اوم‘ جو منتر لکي رهي هئي.

سومر، ٣-٧-١٩٧٢. صبح جو ٣ بجي، هن مونکي هيءُ سنيهو ڏنو: ’نکا خوشي هوندي آهي نکو غم اِهي من طرفان خلقيل آهن. اِنهن جو بنيادي ڪارڻ من ئي آهي.‘

(منگل، ١٧-٦-١٩٨٠ تي، مون ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ پڙهيو. صفحي ٤٩٩ اسانجو ’مالڪ‘ چوي ٿو قيد من جو ئي آهي تہ آزادي بہ من جي ئي آهي. ضروري چيز من ئي آهي.‘ وري ساڳئي صفحي تي چوي ٿو: ’هٺ يوگ بہ ٿيندو آهي يعنيٰ تہ عادت يا هير وجهڻ ذريعي يوگ ڪرڻ. اِها هير قائم رک ۽ پوءِ توکي معلوم ٿيندو تہ جنهن دشا ۾ تون وڃڻ چاهين ٿو من اُن طرف هلڻ جي پيروي ڪندو....‘

وري هو چوي ٿو: ’يوگيءَ جو من سندس ضابطي هيٺ هوندو آهي. هو من جي ضابطي هيٺ ڪونہ هوندو آهي. جڏهين من شانت هوندو آهي تڏهين پريرٽا ڪاريہ ڪرڻ بند ڪندي آهي. ’منهنجي وينا، مونکي ١٨-١٠-٦٧، ١٧-٤-٦٩ ۽ ٣-٧-٧٢ تي من جي باري ۾ ٻڌايو هئو. منهنجيءَ وينا ٢٢-٦-١٩٧١ تي صبح جو ٤ بجي جيڪو ’اوم‘ جو منتر مونکي ڏنو هئو، اُن بنسبت اسانجو ’مالڪ‘ چوي ٿو: ’پرماتما جو نالو هر سواس سان دهرايو. ڪي تہ من ئي من ۾ ’اوم‘ رام! دهرائيندا آهن. (’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ صفحو ٤٥٠)

جمع، ١٨-٨-١٩٧٢، رات جو ڏهين بجي، هن مونکي صلاح ڏني: ’ويچارن ۽ عمل ۾ پوترتا، زندگيءَ ۾ بلڪل ضروري آهي.‘

(ڇنڇر ٢٣-٣-١٩٨٥ صبح جو ٥ بجي. اسانجي ’مالڪ‘ پنهنجن ٻچڙن کي هدايت ڏني -’-جيئن ئي من ۽ ٻڌي ’زن‘ ۽ ’زر‘ جي موهہ کان مڪت ٿين ٿا، تيئن ئي اُهي پوتر ٿيو وڃن. پاڪ من ۽ پاڪ ٻڌي ٻئي هڪ ئي آهن. پرماتما کي پوتر من جاڻي سگهي ٿو -‘ - ’د گاسپيل آف سري رامڪرشن‘ صفحو ٧٠١)

ڇنڇر ٤-٨-١٩٨٣، رات جو ڏهين بجي منهنجو پٽ ڪئلاش پنهنجيءَ زال رنجنا کي نرسنگ هوم ۾ وٺي ويو، جو هوءَ اُميدواري هئي. مان ٻاهر گڏ تي ليٽيل هوس. منهنجي وينا، هڪ ننڍي

اِن ۾ ڪنهنجو بہ ڏوھ ڪونهي اِهو تو لاءِ هڪ قسم جو سبق هئو. هاڻي تون سمجهين سگهين ٿو تہ اِهو سچ آهي تہ مان جسماني وڇوڙي ڪانپوءِ بہ جيئان پيئي.'

سومر ١٣-٦-١٩٧٧. نيرڻ ڪانپوءِ مان پنهنجي بيڊروم ۾ ليٽيو پيو هوس. اٽڪل منجهند جو ١٢ بجي، مون وينا کي ڏٺو. سندس هٿن ۾ اسانجي پٽ جا خط هئا. اِهو هڪ اِشارو هئو. مان اُٿيس ۽ هيٺ وڃي خط ورتم. مان خوش هوس، جو منهنجيءَ وينا وساريو ڪونہ هئو. اَڄا تائين هوءَ منهنجي سار لهي ٿي. هن مونکي چيو: من تي اگر ضابطو رکيو وڃي تہ اُن تي سچي پچي خوشيءَ جو بنياد آهي.'

٧-٢-١٩٧٨. (پونو) اڄ منهنجيءَ وينا جو ڇاونجاهون جنم ڏينهن آهي. مان گهر ۾ اڪيلو آهيان. منهنجين اکين ۾ ننڊ ئي ڪانهي. جيتوڻيڪ اِهي ئي مونکي روز سويل سمهاريندڙيون آهن. منهنجون اکيون بند ڪيئن ٿينديون، جڏهين ڪ منهنجي وينا جون اکيون مون ڏانهن نهارين پيئيون ۽ مونکي جاچين پيئيون؟ مان پنهنجي وينا جون اکيون ڪيئن وساريندس، جيڪا هميشه مون ڏانهن پيار جي نگاهہ اُڇليندي آهي ۽ موٽ ۾ ساڳي طلب ٿي ڪري؟ منهنجي وينا مون سان گڏ آهي ۽ ويراني ۾ منهنجي پرگهور پيئي لهي. مان هن وڻان شڪتي پايان ٿو، نہ تہ تہ مان هڙڙي قسم جي ويراني کي ڪيئن برداشت ڪريان ها، ۽ پنهنجي جيون جي آخرين حصي سندس مقصد زندگي ڪيئن پورو ڪري سگهان ها؟ اڄ اُها ئي هڪڙي شخصيت آهي، جيڪا مون سان گڏ بيٺي آهي ۽ مون ۾ اُتساھ پيئي ڦوڪي. مان پنهنجو گهر ناهي رهيو هوس، جنهن لاءِ هن مونکي پنهنجن سنيهن ۾ چيو هئو. منهنجا ٻار ۽ دوست مونکي بي همٿ پيا ڪن. هو منهنجي مقصد زندگيءَ لاءِ چڻ رنڊڪ آهن. جڏهين مان منجهندو آهيان ۽ منهنجي شڪتي مونکي ساٿ نہ ڏيندي آهي، هوءَ مون ۾ اُتساھ ڦوڪيندي آهي ۽ چوندي آهي 'مان توسان گڏ آهيان.' هوءَ منهنجي شرير ۾ سمائجي ويئي ۽ مان پاڻ کي نہ ڄڻ وينا پيو ڏسان مونکي لڳي ٿو تہ وينا مونکي ڇڏي ڪانہ ويئي آهي. هوءَ مون ۾ اُتساھ ڦوڪيندي آهي ۽ مونکي شڪتي ڏيندي آهي. جيتوڻيڪ جسماني طور جدا آهي، پر روحاني طور مون سان گڏ ئي آهي، اِها حقيقت آهي.

تون ساگر جي پاڻيءَ ۾ سمائجي ويندين.

(جمع ۱۲-۱-۱۹۸۵، صبح جو سوا ڏهين بجي، مون ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ جو صفحو ۵۹۰ پڙهيو پئي. ’مالڪ‘ پڱتن کي چوي ٿو: ’توهان هڪ آدرش تي محڪم رهو. اونهي ٽبي ڏيو، نه ته نه توهان ساگر جي تري ۾ پيل رتن پائي ڪونه سگهندا. اگر اوهين سطح تي ئي ترندا ته توهان رتن حاصل ڪري ڪونه سگهندا.‘

(’مالڪ‘ ڳائڻ لڳو، ’اونهي ٽبي ڏيو، او من، پرماتما جي سندرتا جي ساگر ۾ اونهو غوطو هڻو. اگر توهان ڏوراهين گهراين تائين غوطو هنيو آهي ته اُتي توهان پيار جو رتن اوس پائيندا.‘)

۶-۶-۱۹۷۵ (ڪلڪتو) مون دريافت ڪئي ته هوءَ مونکي وٺڻ ڪڏهين ايندي. هن چيو، ’اجا وقت آهي. تون آتم انيو ڪرڻ کانسواءِ سرڳ ۾ ڪيئن پير پائي سگهندين؟ پهرين پنهنجيءَ زندگيءَ جي دؤران توکي اُن درجي تائين پهچڻو آهي. پنر جنم جي چڪر کان ڇٽڻ لاءِ هاڻوڪي جنم ۾ آتم انيو ڪر.‘

(۹-۸-۱۹۷۹. اسانجو ’مالڪ‘ چوي ٿو: ’اِهو سچ آهي. جڏهين ماڻهو گيان پراپت ڪرڻ کانپوءِ مري ٿو. تڏهين هن کي هستيءَ جي هئي سطح تي وڃڻو نٿو پوي. هن جو پنر جنم نٿو ٿئي. پر جيسين تائين هن گيان پراپت ڪونه ڪيو آهي، جيسين تائين هن پرماتما جو انيو ڪونه ڪيو آهي، کيس واپس هن ڌرتيءَ تي جنم وٺڻو ئي پوندو. اِن کان کيس ڪڏهين به ڇوٽڪارو ملڻو ناهي. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ پرلوڪ آهي. گيان پائڻ کانپوءِ پرماتما جو انيؤ ڪرڻ کانپوءِ، آدمي آزاد ٿيو وڃي. هن لاءِ واپس ڌرتيءَ تي اچڻ جو ٻنڌن ڪونهي.‘ د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ صفحو ۶۳۹.)

منگل، ۳-۲-۱۹۷۶، رات جو اٽڪل ڏهين بجي. هن مونکي چيو ته اُٿ. مان اُٿي وينس. منهنجي شرير ۾ بجلي پرجي رهي هئي.

منهنجون ٻانهون مٿي کڄيون، ڇريون ۽ پرماتما کي نمستي ڪيائون. مون کانئس پڇيو ته مونکي ڪو سنيهو ڏينديس ءَ ڇا؟ هن چيو، ’هائو.‘ ۽ مونکي هيءُ سنيهو ڏنو ’منهنجا پريتم مان تنهنجي وينا آهيان. هائو، گهڻن سالن کانپوءِ، اسان وري ملي رهيا آهيون.

ڪائي ضرورت ڪانهي.
ڪير ٿو ڏسي؟
ڪير ٿو سمجهي؟
رڳو وينا پنهنجي پريتم ڪي سچائي ٿي.
ايڪانت ۾ رهه، جيئن اڳيئي توکي چيو اٿم.
پنهنجي چهري تان اُداسي اُگهي ڇڏ.
او پريتم! جاڳ. ويراني ۾ خوش رهه. وينا تو سان گڏ رهي ٿي. اهو نه وسار ته مون توکي ڏيکاريو وينا ۽ پريتم ساڳئي شرير ۾ هڪ ئي آتما آهن.
پوءِ اڳيان جي ساگر ۾ ڇو پيو ترين؟
ڇا مان اِئين وسهان ته منهنجي پريتم شڪتي وڃائي آهي. نه. اِهو سپني ۾ به نه سوچ. تنهنجي وينا.
منهنجي پريتم جي من مٿان خيال لهرن وانگر ترن پيا.
اِنسانن مان اُميدون؟ اِهو خواب ۾ به نه آڻج.
ٻارن لاءِ لکين روپيا جمع ڪرڻ - پاڻ لاءِ ٻرا حال پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ پيو ڪجهه ناهه.
وڏيڪ مايا ميڙڻ پنهنجي تباهي آڻڻ آهي.
خيالن جي بي ترتيبي - اِهو اِئين آهي، جيئن ڪو سوار بنا تربيت حاصل ڪيل گهوڙي تي هجي.
اسانجي منزِي گهر ۾ - اِهو ڪڏهين ڪونه ٿيو.
هاڻي ڇو؟
او پريتم، اِئين نه سوچ ته تنهنجا پر ڪاٽيا ويا آهن.
او پريتم، اِئين نه سوچ ته تنهنجيون ٻانهون ڪٽيون ويون آهن. تنهنجي وينا- تنهنجن پرَنِ ۽ ٻانهن ۾.
مٿي اڏام - اڃا مٿي، او منهنجا پريتم!
وينا پنهنجي پريتم ڪي سچائي ڪائي چنتا ناهي. مان ٻين جو نه، صرف پنهنجي پريتم لاءِ فڪر ڪريان ٿي.
هميشه ڏي، او منهنجا پريتم!
خوشي ڏيڻ ۾ ئي آهي.
ياد رک، منهنجا پريتم، اِنسان جون اُميدون بر صواب ٿيڻ

۲۳-۲-۱۹۷۸ع. پريا ۱۱ سال پر وينا منهنجيءَ دل ۾ آهي منهنجي هر عمل تي هن جو ضابطو آهي. در حقيقت مان مشين آهيان ۽ هوءَ اُن مشين جي هلائيندڙ آهي. هوءَ منهنجن خيالن ۽ عملن کي ضابطي هيٺ رکي ٿي. منهنجي هر وک تي هوءَ منهنجي سونهپ ڪري ٿي. مونکي پنهنجن ٻارن تي ڏاڍو غصو هئو ۽ ڪين سخت خط لکڻ وارو هوس، پر هن مونکي ضابطي هيٺ آندو. هن مونکي ٽڏو ڪيو ۽ مونکي سمجهايائين چيائين: 'پريا ۱۱ سال گذري چُڪا آهن، پوءِ بہ مان پنهنجي پريتم جي دل ۾ رهان ٿي. منهنجو پريتم مونکي ياد ڪري ٿو، مونکي مخاطب ٿي چوي ٿي - منهنجو نالو هميشه منهنجي پريتم جي چپن تي آهي. مان پنهنجي پريتم کي ڪيئن ڇڏي وڃي ٿي سگهان؟'

'پل تہ دنيا توکي ڇڏي وڃي، مان توسان گڏ آهيان، او منهنجا پريتم! منهنجو پريتم فيبروري جو مهنو، وينا جو مهنو ڪري وارينڊو آهي. نہ گوشت نہ شراب. منهنجو پريتم اِهو پنهنجيءَ وينا لاءِ ڪري ٿو. تہ پوءِ وينا، پنهنجي پريتم کي وساري سگهندي؟ هائو منهنجا پريتم مون هن دنيا ۾ ۷ فيبروري تي جنم ورتو. مان واپس پنهنجي آڪاسي گهر ۾ ۲۳ فيبروريءَ تي ويس. ڪهڙو نہ اِتفاق!

'ماتم ڇا لاءِ؟ رئڻ پٽڻ ڇا لاءِ؟

منهنجا پريتم اگر روايتن جي پالنا نٿي ڪجي تہ اُن لاءِ چنتا ڇا لاءِ؟

اِئين ڇو سوچڻ گهرجي تہ هرڪو مون وانگر ٿي هجي؟

ڳوڙها، سڏڪا-ڇو، منهنجا پريتم؟

مان پاڻ لاءِ سوچيان نٿي.

منهنجي پريتم جي اکين ۾ آنسون! ڇو؟

'ڳوڙها اِنسان جي ڪمزوري آهن' اِئين منهنجي پريتم هڪ دفعي مونکي ٻڌايو هئو. ڇا منهنجي پريتم تي اِها ڪمزوري غالب پئجي ويئي آهي؟

روڪ-اِن قسم جي ڪمزوريءَ کي روڪ.

اِها ڪمزوري، هر قسم جي دُرگتيءَ ڏانهن وٺي ويندي.

اِهي ڳوڙها اُگهي ڇڏ.

منتر دهرائيندو آهيان ۽ اِئين من تي ضابطو رکندو آهيان - من جيکو مونکي بنا کنهن مطلب جي پٽڪائي ٿو ۽ کڏهين کڏهين چور-کڏن ۾ کيرائي ٿو.

۱۳ سال اڳ مونکي چاڻ کانہ هئي تہ ساڌنا يا آراڌنا ڇاهي. مان بلکل اوشواسي هوس - پر هن ڏيري ڏيري پنهنجن سنيهن ذريعي مونکي مٿي چاڙهيو - کڏهين پيار سان، کڏهين مونکي سخت ڏک هڻي، ۽ کڏهين مونکي پريت لوک جون حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌائي، چيزون ڏيکاري هرکائڻ سان. عملي طور سندس سڀ سنيها شري رام کرشن جي سنيهن سان نهکي ٿا اچن. اِهو صاف ڏيکاري ٿو تہ هوءَ مالڪ جي مهان آتما جي سونهپ هيٺ آهي. پريت لوڪ ۾ کيل سندس ترقي مون ۾ سچ پچ اُتساهہ ڦوکيو ۽ اِنکري ئي منهنجو هن ۾ پورڻ وشواس آهي. هاڻي مان کي بہ شنکائون من ۾ نٿو سانديان هن منهنجي سونهپ کئي آهي ۽ آخر تائين منهنجي سونهپ کندي رهندي.

جيتوڻيڪ هي سنيها هڪ پتنيءَ جا سندس پتيءَ ڏانهن آهن، مون اُنهني کي ڇپائڻ بهتر سمجهيو، جيئن پاٺڪ اِنهن سنيهن مان کجهہ پرائي سگهن. هن بلکل سادي نموني ويهي سمجهايو آهي، ڇو تہ کيس چاڻ آهي تہ سندس پريتم فلسفي جا ڳوڙا وزن هضم کري کونہ سگيهندو.

مان اُن ڏينهن جو اِنتظار پيو کريان، جڏهين هوءَ ايندي ۽ مونکي پنهنجيءَ دنيا ڏانهن وٺي ويندي، جيکا سچي قدرت سسان پري پيئي آهي، جتي پکي ۽ گل ڳائن ٿا، -جتي جانور ڳالهائن ٿا، جتي سرڳ جي شخصيت مان ايندڙ هر کرڻو تو ۾ اُتساهہ ٿو ڦوکي ۽ تنهنجي سرير ۾ بجلي جو وهکرو ٿو ڊوڙائي - جتي پکوان ٻڌ مان اِندلٺ جا حيرت انگيز رنگ اچن ٿا- جتي پريت لوڪ جو هرهڪ حصو پيار سان پريو پيو آهي-اُهي گهاٽا جهنگل جن ۾ ساڌنا ڇانيل آهي، اُهي جبل جن چون چوٽيون برف سان ڇانيل آهن ۽ بلور صاف پاڻيءَ واريون نهرون - اهڙيون چيزون اسانجي مادي دنيا ۾ ملڻ ممکن نہ آهن. پوءِ اسان دنيا ڇڏڻ کان ڇو ٿا ڊڄون، جيکا حقيقت بہ ناهي.

۳۰-۱۲-۱۹۸۳. مان دِ گاسپيل آف سري رام کرشن' پڙهي

تي، غمگين ۽ درگتي پلئيون ٿيون.
اِنسان کي گهرجي تہ پنهنجو فرض نباهيندو رهي.
اِهو هن جو فرض آهي. فرض مڙهيا ڪونہ ويندا آهن.
جي مڙهيا ويا تہ پوءِ ڪائي خوشي ڪانہ ملندي.
زوري، مزو نہ ڏيندي، او منهنجا پريتم.
راضي رهہ-خوش رهہ.
پنهنجي رتا پوري ڪر. مان اِنتظار ڪريان پيئي، او پريتم!
او منهنجا پريتم، اَچ ۽ روشنيءَ ۾ ويهہ. آسانجي ’مالڪ‘ جيڪو سنيهو ۹-۲-۱۹۷۵ تي ڏنو هئو، اُهو نہ وسار: ’ساگر ۾ گهڙ ۽ پاڻيءَ ۾ رهہ. صرف ڪناري تي رهڻ سان، تنهنجي حالت اهڙي ٿيندي جهڙي ڪاٺ جي بند جي، جنهن کي ساگر جون لهرون اندر ۽ ٻاهر ڀيٻيون اُڇليندون آهن. اچ ۽ پاڻيءَ اندر گهرو وڃ. اُتي لهرون توتي اثر ڪونہ ڪنديون. تون ساگر جي پاڻيءَ ۾ سمائجي ويندين.‘
او وينا جا ٻالڪو! سچي پچي موتيءَ پنيان پئو.‘
وڏيڪ ڪوبہ سنيهو نہ منهنجيءَ وينا مونکي ڪافي سنيها ڏنا ۽ مونکي ڪيترائي حيرت انگيز ڪارناما ڏيکاريا ۽ سچي قدرت بہ ڏيکاريائين. جيڪا مادي دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. اِن ريت هن مونکي اونده مان روشنيءَ ۾ اچڻ جي لاءِ مدد ڪئي. سندس مدد سان مون مهان پلين آتمائن جو درشن ڪيو، جن مونکي هدايتون ڏنيون. هاڻي جڏهين مان صبح جو ۵ بجي پنڌ ڪرڻ ويندو آهيان، مونکي اِئين محسوس ٿيندو آهي تہ بہ آتمائون هڪ سرير ۾ گڏو گڏ ڇُرن پيبيون ۽ هڪ ڪاريهر نانگ اڳيان رستو ڏيکاريندي پيو هلي.
(وسپت ۱-۳-۱۹۸۰، صبح جو ساڍا ۴ بجي. مون ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ جو صفحو ۸۸ پئي پڙهيو. اسانجو مالڪ پنهنجن ڀڳتن کي راءِ ڏيندي چوي ٿو: ’- مون پاڻ سان گڏ هڪ ٻئي شخص کي ڏسڻ شروع ڪيو.-‘)
مان جڏهين ايڪانت ۾ آهيان ۽ منهنجي چوڌاري قدرت آهي، تڏهين منهنجو بدن بجليءَ سان ڀرجي وڃي ٿو. سندس ڏنل منتر ’اوم‘ سدائين پنڌ ڪندي، سمهندي، ۽ هر ڏنڌي دوران منهنجن چپن تي هوندو آهي. مان هرهڪ سواس سان ذهني طور سندس

higher stages. Silence and quietness ensure the requisite success.

- Dive very deep into the ocean of concentration and meditation and be with waters to get the **Gems (God's Vision / God's beauty).** Mere standing on coast will be like a **Log** which is thrown 'in and out' by waves of ocean and thus go on floating on the surface of water only, without getting any **Gem.**
- When a man sees **God,** he goes into **Samadhi** and one naturally gets great satisfaction if **God reveals himself in flash.** Another characteristic of **God's Vision** is that **Great Spiritual current rushes up along the spine and goes towards the brain.**
- A man is firmly established in spiritual life when he goes in Samadhi by uttering 'Om' only once. To read a great many scriptures is not necessary. **It is much better to pray God Almighty in solitude.**

Note : If one believes in the said teachings of Veena and practices accordingly :

1) he will find a lot of improvement with himself in respect of his or her temperament, movement, tone of speech, outlook and he / she will be totally changed personality.
2) He will also experience the chain of unusual miracles after miracles including pleasure of **Astral Travel** through which he / she will be able to see many wonders and also meet the great souls, even the **God Almighty.**

Never forget that whatever is gained as spiritualist will at once be lost the moment ego enters in the mind of the person.

رهيو هوس. اسانجو ’مالڪ‘ چوي ٿو: ’نريندر چيو، ’تون پرماتما جا، جيڪي روپ ڏسين ٿو، اُهي من-گهڙت ڪهاڻيون آهن.‘ مان وائڙو ٿي ويس ۽ چيو مانس، ’پر اُهي ڳالهائن پڻ ٿا!‘ نريندر وراڻيو: ’هائو، اِئين سوچي سگهجي ٿو:‘ مان مندر ويس ۽ ماتا اڳيان وڃي روئڻ لڳس. مون چيو، ’او ماتا! هيءُ ڇا هي؟ ته پوءِ هيءَ سڀ ڪوڙ آهي؟ نريندر اِئين ڪيئن چيو؟‘ هڪدم منهنجي اڳيان ظاهر ٿي بيٺو. مون سڄاڳي ڏني - آدرشيه سڄاڳي ۽ هڪ ديوتا سروپ مونکي چيو، ’اگر تنهنجا لفظ ڪوڙا آهن ته پوءِ اُهي حقيقتن سان نهڪي ڇو اچن ٿا؟‘

مون جڏهين هيءَ ڊائري لکڻ شروع ڪئي، مون لکيو هئو ’وشواس ڪريو يا نه، پر اِهو سچ آهي.‘ اسانجي مالڪ جي مٿي ڄاڻايل ورتانت مان، اِهو ڏينهن جيان روشن آهي، صاف آهي ته منهنجي وينا ايندي هئي ۽ مونکي جيڪي هدايتون ڏيندي هئي، اُهي اسانجي ’مالڪ‘ شري رام ڪرشن جي هدايتن سان نهڪي اچن ٿيون.
مون ٣٠-١٢-١٩٧٤ کان پوءِ ئي ’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ پڙهڻ شروع ڪيو. مون اُهو ڪتاب ڪلڪتي مان خريد ڪيو هئو.

آدرمي ماڻهو هوندي به پر سڀ حقيقتون جاچڻ بعد، مان اِن نتيجي تي پهتو آهيان ته منهنجي وينا سچ پچ منهنجي سونهپ ڪئي-هوءَ منهنجي روشني هئي ۽ منهنجي ديوي هئي. اِنهن سيني حقيقتن جاچڻ کانپوءِ مان اوشواس ڪيئن ڪري سگهندس.‘ ته مؤت کانپوءِ به زندگي آهي ۽ وڇڙي ويل آتمائون پنهنجن پيارن جي، جن کي وشواس آهي - اُنهن جي سونهپ ڪن ٿيون.

’جڏهين ڪو مري ٿو، هو سچ پچ مئو ناهي. جڏهين ڪو ڪنهن کي ماري ٿو، ته اُهو ماڻهو سچ پچ مئو ناهي-‘

’ د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ صفحو ٧٨٣.

’اگر ڪنهن کي وشواس آهي، ته هن وٽ سڀ ڪجهه آهي.‘

’د گاسپيل آف سري رام ڪرشن‘ صفحو ٨٣٦.

★ ★ ★

yourself. Don't run away from difficulties. Don't harbour evil thoughts against anyone and don't entangle yourself in worldly affairs.

- Clean, brighten & polish your rusted qualities and shake off sadness (if any) which makes you depressed, tired and disgusted. **Less Talk and Think More.**
- No enmity. Smile when anything does not agree. Smile even when you are hurt. **No Drinks. No Non-Vegetarian Food. No Heavy Food at Night** as heavy-head creates hindrances in concentration.
- Accumulation of wealth for children will invite miseries.

© GRADUAL CULTIVATION & GENERATION OF DIVINE QUALITIES & DIVINE VIRTUES :

- **Always be :** Cheerful, happy, unaffected, silent, detached, aloof like a rock, vigilant, simple, humble, alert, strong, steady, alone, sincere, punctual and spend good portion of time in solitude. Be active and engage in work to forget worries which create hindrances in the path of spiritual progress.
- Always think of spiritual progress. Forget the past as otherwise it disturbs peace of mind. Look ahead. It will lead you to salvation. Be Yogi but be in the world. Test and success lies there when you are not affected by worldly surroundings.
- Be Like a Bee (real devotee) who will never light on anything but flowers and who will never drink anything but honey. While a devotee leading worldly life is like a fly who sits on a fastering sore as well as on a sweetmeat. Thus he, at one moment enjoys spirit mood while another the pleasure of women, gold and power. **Real Devotee** may be well compared with **"Chatak Bird"** who drinks only the rain water which falls when the **Star Svati** is in the ascendant. It will die of thirst but will never touch other waters available in plenty all around.
- Always keep giving & giving but without any publicity at all.
- Sleep early to get up early for required **'Sadhna'.**

(D) PRAYERS, CONCENTRATION & MEDITATION AND SAMADHI :

- A man is liberated after attaining knowledge, after self-realization i.e. after realizing the **God.** For him there is no further coming back to Earth-**No Cycle Of Re-birth.**
- Recite 'Prayer' according to your spiritual appetite. And through this communication seek **Gods Kind Help** to break the Cycle of re-birth and achieve the ultimate goal **To Be One With Him. Pray – Remember – and Love Him so deeply** that you become huge magnet with infinite attraction, which will compel the **God** to become a needle and come to you unable to resist **His Love** for you.
- Control your sleep, tongue, thoughts and mind to lay down the foundation stone for successful concentration and meditation. Be fresh and do proper concentration which opens the doors of your hidden powers. Think steady in one direction and don't direct thoughts in any other direction. **Purity of thoughts and actions are essential.** The mind and intellect becomes pure the moment they are free from the attachment with women, wealth and power.
- Mind is dispersed. It radiates thoughts in various directions. **It is like a wild Horse.** Be good trainer and control the mind otherwise you will get jerks or a fall. Once mind is trained, the spiritual journey will be smooth.
- One should have the meditation in very quiet place and in darkness by controlling breathing which means the "deep breathing". Practise and continue to do so till the complete electrification of body. Then you will feel happiest moments in life. Try to prolong this period by uttering 'OM' which even otherwise you must always keep on your lips. Repeat this Mantra mentally while working, sleeping and in every walk of your life. **Repeat this Mantra 'OM' with every breath to control your mind and thoughts** which makes you wander aimlessly and puts into the pitfalls. There are stages of meditation. At every stage which you complete, you get required guidance/direction for reaching subsequent

"Gist of Teachings of 'Veena' leading to 'Self Realization' and Subsequent Salvation (Mukti)" "Path to Salvation"

Ⓐ **ESSENTIAL FOUNDATION :**

- **"Implicit faith in God Almighty".**
- Inner Urge be kept ever-lighted.
- You must always be in touch with your Guru.
- God can be even realized in the world provided in the beginning one spends a few days in **Solitude** to practise **"Spiritual Discipline"** as soul gets elevated with peace.
- Prefer very beautiful natural surroundings which give inspiration and leads you to higher stages of realization. One must also prefer silence, quietness and darkness to communicate with **God Almighty.**
- **Time Schedule** for everybody is fixed. Success lies when the goal is achieved much before the time schedule. **Time is very Precious.** One has to, therefore, run faster and faster with the time. Hence cultivate the habit of running on the path of spirituality with sincere efforts and genuine prayers.
- Believe that life beyond death exists and departed souls do guide their near ones.

Ⓑ **REMOVAL OF MIST BY GRADUAL EROSION OF ALL THE NEGATIVITIES INCLUDING ANGER, EGO, DESIRES & FEELINGS, TEMPTATIONS & PASSIONS AND NEGATIVE & EVIL THOUGHTS**

- **DON'T BE :** sentimental, emotional, desperate, excited, lazy, slumber, sad, tired, distressed, disheartened, jealous, attached, and don't be affected by action of others.
- **DON'T :** waste time, worry, lose temper, revolt, doubt, harbour thoughts which have "no bearing, no foundation, and no existence". Don't create vacant mind and the mist over

"Gist of Teachings of 'Vasu' leading to 'Self Realisation' and Subsequent Salvation (Mukti)" "Path to Salvation"

(A) ESSENTIAL FOUNDATION :

- "Implicit faith in God Almighty".
- Inner Light be kept ever-lighting.
- You must always be in touch with your Guru.
- God can be seen manifest in the world [illegible] the [illegible] that days of Solitude [illegible] "Spiritual Discipline" as soul gets elevated with peace.
- Prefer very beautiful natural surroundings which give [illegible] and leads you to higher stages of realisation. One must also prefer silence, quietness and calmness [illegible] communion with God Almighty.
- Time Schedule for everybody is fixed. Success [illegible] goal is achieved much before the [illegible] Previous. One has to, therefore, put [illegible] there. Hence cultivate the habit of [illegible] continuously with sincere efforts and genuine [illegible]
- Believe that life beyond [illegible] guide them over [illegible]

(B) REMOVAL OF MOST OR GRADUAL EXCLUSION OF ALL THE NEGATIVITIES INCLUDING [illegible] DESIRES & FEELINGS, TEMPTATIONS & PASSIONS, AND NEGATIVE & EVIL THOUGHTS.

- [illegible]
- [illegible]

ART SPOT, MUMBAI
✆ : 4464134 - 4466348